




# ديوانِ معمور

**’معمور‘ يوسفاڻي**

مرتب

**اسد ’جمال‘ پلي**

**سنڌي ادبي بورڊ**

**ڄام شورو، سنڌ**

2020ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون          نومبر 2020ع

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

**قيمت: چار سؤ رپيا**

(Price Rs: 400-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org



هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهيو ڇپيو ۽ سڪندر علي شاهه، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

غزل رومانيت ڪانسواءِ اُمنگن ۽ احساسن جي بہ عڪاسي ڪري ٿو. جنهن وسيلي اندر جو آواز لفظن جي روپ ۾ سونهن ۽ سرهاڻ جا نوان رنگ ظاهر ڪري ٿو. سنڌي شاعريءَ ۾ غزل کي خاص اهميت حاصل رهي آهي ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي معروف شاعرن هِن صنف تي طبع آزمائي ڪري، غزل کي جِلا بخشي. انهن ۾ خليفو گل محمد هالائي سنڌي غزل جو هڪ ڇاتل سڃاتل شاعر آهي ۽ سندس غزلن جو مجموعو ”ديوان گل“ جي نالي سان مشهور آهي. ان ڪانسواءِ مير عبدالحسين خان ’سانگي‘ جي غزلن جو مجموعو ”ديوان سانگي“ ۽ سيد غلام محمد شاهہ ’گدا‘ جي غزلن جو مجموعو ”ديوان گدا“ بہ سنڌي غزلَ جا اهم ديوان ليکجن ٿا.

خليفو گل محمد هالائيءَ جي سنڌي الف- بي وار ديوان جوڙڻ جي روايت قائم ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي غزلن جا ديوان جوڙيا. جن مان ”ديوان معمور“ بہ هڪ آهي. جنهن جو شاعر سنڌ جي مشهور و معروف شخصيت معمور يوسفاڻي صاحب آهي. جيڪو ڪنهن تعارف جو محتاج نہ آهي ۽ سنڌي ادب لاءِ ڪيل سندن اَڻ ڳڻيون خدمتون ڪنهن کان ڳُجهيون ناهن. يوسفاڻي صاحب جهڙو بهترين نثرنگار هو، تهڙو ئي سنو ۽ پختو شاعر بہ هو. سندن غزلن تي مشتمل ”ديوان معمور“ جناب ڊاڪٽر اسد جمال پَلي صاحب مرتب ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو.



سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي اهڙن علمي ۽ ادبي شهپارن کي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ شروع کان ڪوشان رهندو پيو اچي. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نوان ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. سندن علمي ۽ ادبي گهراڻي سان وابستہ هئڻ سبب، بورڊ طرفان اڻڇپيل مسودا اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽي جي ميمبر صاحبان جي مشاورت سان بورڊ جي اشاعتي سلسلي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ نت نوان پروگرام جوڙيا ويا آهن.

انهيءَ سلسلي کي مدنظر رکندي سنڌ جي هن عظيم سخنور معمور يوسفاڻي جي غزلن جو مجموعو ”ديوان معمور“ کي بورڊ طرفان شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ بہ اِن سلسلي جي ڪڙي آهي. جنهن جو پهريون ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي ايماڪاري ۽ رهنمائيءَ ۾ شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي تہ، هيءَ ڪاوش شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

16- ربيع الاول 1442ھ    **سيد سڪندر علي شاهہ**
03- نومبر 2020ع
سيڪريٽري



**معمور يوسفاڻي**

(25- جنوري 1929ع — 24- ڊسمبر 1993ع)



**مرحوم معمور يوسفاڻي جي آخري آرامگاهه**

**لطيف نگر- عمرڪوٽ**

# فهرست

- انتساب .................................................... 9
- اعتراف — ولي محمد وفا پلي — 10
- مهاڳ — عبدالقيوم ’صائب‘ — 11
- مقدمو — ڊاڪٽر اسد جمال پلي — 34
رديف- ا .................................................... 43
رديف- آ .................................................... 55
رديف- ب .................................................... 57
رديف- ٻ .................................................... 61
رديف- ڀ .................................................... 63
رديف- ت .................................................... 66
رديف- ٿ .................................................... 67
رديف- ٽ .................................................... 69
رديف- ٺ .................................................... 73
رديف- ث .................................................... 75
رديف- پ .................................................... 76
رديف- ڦ .................................................... 79
رديف- ج .................................................... 81
رديف- ڄ .................................................... 83
رديف- جھ .................................................... 86
رديف- ڃ .................................................... 88
رديف- چ .................................................... 90
رديف- ڇ .................................................... 92
رديف- ح .................................................... 93
رديف- خ .................................................... 96
رديف- د .................................................... 98



رديف- ڌ .................................................... 100
رديف- ڏ .................................................... 102
رديف- ڊ .................................................... 104
رديف- ڍ .................................................... 105
رديف- ذ .................................................... 107
رديف- ر .................................................... 109
رديف- ڙ .................................................... 112
رديف- ز .................................................... 116
رديف- س .................................................... 117
رديف- ش .................................................... 118
رديف- ص .................................................... 119
رديف- ض .................................................... 120
رديف- ط .................................................... 122
رديف- ظ .................................................... 123
رديف- ع .................................................... 124
رديف- غ .................................................... 126
رديف- ف .................................................... 127
رديف- ق .................................................... 129
رديف- ڪ .................................................... 132
رديف- ک .................................................... 133
رديف- گ .................................................... 134
رديف- ڳ .................................................... 137
رديف- گھ .................................................... 138
رديف- ڱ .................................................... 140
رديف- ل .................................................... 142
رديف- م .................................................... 143
رديف- ن .................................................... 152
رديف- ڻ .................................................... 165

رديف- و ........................................................................ 167
رديف- ه ........................................................................ 186
رديف- ء ........................................................................ 188
رديف- ي ........................................................................ 189

## انتساب

محترم 'معمور يوسفاڻي' صاحب جو هيءُ ديوان سندن محسن، ساٿي ۽ سنڌ جي نامياري شاعر جناب عبدالڪريم 'ڪريم' پلي صاحب جن جي نالي منسوب ڪندي انتهائي مسرت ۽ خوشي محسوس ٿئي ٿي.

- اسد جمال پلي
(0345-3455058)



ولي محمد وفا پلي

## اعتراف

مون لاءِ اِهو خوشي جو موقعو آهي ته "ديوانِ معمور" شايع ٿي رهيو آهي، سنڌي شاعري جي موجوده دور ۾ سندن استادانه حيثيت مُسّلم آهي. تنهن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. معُمور صاحب جا ٻين شاگردن جي مقابل مون تي وڌيڪ حق ٿين پيا. هڪ ته وٽن پڙهيم، ٻيو شاعري جي ابتدائي تعليم به ڪانئن ئي ورتم. اڄ جيڪا ادبي دنيا ۾ پذيرائي اٿم تنهن ۾ ڪٿي نه ڪٿي معمور صاحب جو هٿ ضرور آهي. انهيءَ سان گڏ 'ڪريم' جو رنگ به سندم شعر ۾ ڪٿي نه ڪٿي نظر ايندو. ساڳي تسلسل ۾ راڄ محمّد جو ذڪر به ان ڪري ضروري آهي ته مون کي تاريخ ۽ دينيات سان گڏ خاص طور سنجيده ادب پڙهڻ ڏانهن متوجهه ئي راڄ محمّد ڪيو.

معمور صاحب جي ديوان اچڻ تي ڪريم ۽ راڄ محمّد جو ذڪر ڪري گويا ويراني ۾ بهار جي آمد جو اهتمام پيو ڪريان. مون کي نه ئي عروض تي عبور آهي نه ئي آءٌ پنهنجي ڪا راءِ ٻئي تي ٿَڦڻ ٿو چاهيان. بهترين راءِ قاريءَ جي هٿڻ گهرجي. جي منهنجي ڪجهه لکڻ سان معمور صاحب جي شاعرانه قدوقامت ۾ ڪو اضافو ٿئي ته منهنجي منافقت ڄاڻجو ۽ جي منهنجي شاعري بابت لاعلمي سان سندس شاعري بابت ڄاڻ ۾ ڪو دم نڪري ته منهنجي جهالت ڄاڻجو.

آءٌ ڪجهه لکڻ لاءِ 'اسد' صاحب جي حڪم جو پائبند ٿي پنهنجي استاد کي محض عقيدت جا گُل پيش ٿو ڪيان.

معمور صاحب جي شاعري تي ڪنهن استاد ۽ ماهرِ فن کي لکڻ کپي ها. هاڻي معمور صاحب جي جوڙ جا استاد شاعر به رَاهه رباني وٺي چڪا آهن. جهڙوڪ ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل' ۽ سردار علي شاهه ذاڪر. اجان به سندن فن ۽ فڪر تي عبدالقيوم 'صائب' صاحب

**ئي لکي سگهي پيو.**

**ٽُلهي ۽ ٽوري، ويچاريءَ سين وڙ ڪيو.**

**(شاهه)**



**عبدالقيوم "صائب"**

## مهاڳ

**("ديوان معمور" تي سرسري نظر)**

ديوان معمور، محترم پياري دوست محمد عمر معمور يوسفاڻيءَ جي الف بي وار ترتيب سان تيار ڪيل، غزلن جو مجموعو آهي. محترم معمور شاعريءَ توڙي نثر، تقرير توڙي تحرير ۽ محفلن ۾ ڀرپور حصو وٺندڙ توڙي محفلون سينگاريندڙ شخصيت جو مالڪ هو. جيڪو 25 جنوري 1929ع تي ڳوٺ پير محمد پلي، تعلقي عمرڪوٽ ۾ پيدا ٿيو ۽ ڀرپور حياتي گذارڻ بعد 24 ڊسمبر 1993ع تي سول اسپتال ڄام شورو ۾ وفات ڪيائين. ڪين سندن ڳوٺ لطيف نگر ۾ دفن ڪيو ويو جتي هو ابدي طور آرامي آهي.

سنڌ جي ڌرتي پنهنجا سپوت پيدا ڪرڻ ۾ سدائين سياڳي ۽ سرهي رهي آهي. معمور يوسفاڻي به ان جي سپوتن مان هڪ واڪاڻ جوڳو انسان هو. جنهن ٻين ميدانن، سماجي، مذهبي وغيره ۾ پاڻ ملهائڻ سان گڏ شاعريءَ جي ميدان ۾ به هڪ سرهي گل وانگر ٽڙي ملڪ واسي ڇڏيو. هت هن جي غزل نويسيءَ بابت ڪجهه تبصرو پيش ڪجي ٿو.

غزل جو عام طور تي مطلب آهي، زال ذات سان گفتگو ۽ روح رچنديون ڪرڻ، پر غزل پاڻ کي ان مفهوم تائين محدود ڪين ڪري ڇڏيو، بلڪ وقت جو ساٿ ڏيندي پاڻ ۾ هر دور جي مضمونن ۽ عنوانن کي سمائي نه رڳو پاڻ کي زنده رکيو پر زنده دليءَ جو پڻ ثبوت ڏنو. اهو

ئي سبب آهي جو اڄ تائين غزل، ادب جي هڪ جيئري جاڳندي صنف رهي آهي.

**تغزل:**

غزل جي جان وري تغزل آهي. جنهن جي لغوي معنيٰ آهي قرب ڪرڻ ۽ غزل چوڻ. سو عشق ۽ عاشقي، قرب ۽ قربائتيون روح رچنديون غزل جون بنيادي وصفون ۽ ڳالهيون آهن. معمور جو ديوان به اهڙين ڳالهين کان پري ڪونهي. شاعر چوي ٿو:

اچارڻ اکر عشق جو آهه سوکو،
مگر ڳالهه آهي ڳري ڙي، ڳري ڙي.

تنهن هوندي به هو قرب جي پڙ ۾ پير پائي صنم جي ثنا ۾ لڳي وڃي ٿو.

حيادار چهرو، گلابي بدن،
پکي پيهي آيا پيارا نوان،
ڪڏهن مرڪ منڙي ڪڏهن ڪنڌ هيٺ،
نئين نينهن جا نت نظارا نوان.

عام طور تي پياري جي چهري کي چنڊ سان تشبيهه ڏيئي پيش ڪيو ويندو آهي مگر معمور ته ڳالهه ئي ٻي ٿو ڪري. چي:

خطرو گرهه لڳڻ جو رهي جنهن کي ٿو سدا،
سو چند ڪيئن ٿو پهچي، سڄڻ جي شباب کي.
تجلي ڏسي يار جي حسن جي،
لڪو بادلن ۾ وڃي آهه چنڊ.

هيءَ به شاه لطيف واري فڪري واردات ٿي، جنهن ۾ چنڊ جي ذات کي پرينءَ سان پاري نٿو سگهجي.

جيڪو قرب جي ڪڙي ۾ اڙيو سو وڇوڙي ۽ وصال جون ڳالهيون به ڪندو.

دلربا، دلدار، دلبر يار کان،



ڏار گهارڻ زندگي آهي عذاب.

پر اها به خبر اٿس ته:

اتي قتل ۽ قيد ڪوڙين ٿين ٿا،
جتي تيغ ابرو ۽ وارن جي ٻاجهه.
هجر ۾ "معمور" هر دم تا رهن،
چشم گريان، شق جگر سينو ڪباب.

اڃان به اڳتي عاشق زار جي حالت ڏسو:

وڇوڙي جي زماني ۾، رهيا مون ساڻ جي ساٿي،
انهن سورن، دکن، دردن جا ڳڻ ڳائڻ لڳو آهيان.
جدائي جي غمن ۽ سورن ۾ سوچڻ به مشڪل آ،
اکين کي آب هارڻ کان، رڳو روڪڻ به مشڪل آ.

جڏهن سورن کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هوندو آهي، ته عاشق ويچارو انهن کي به سمجهائڻ لڳندو آهي ۽ پنهنجيءَ دل کي وبهي ڏڍ ڏيندو آهي.

ڏسي سورن جي سايي کي، اڳي دل ٿي ڪيون دانهون،
مگر هاڻي ته سورن کي به سمجهائڻ لڳو آهيان.
زماني جي ٻين سورن، سزائن انقلابن کان،
ٻجان ٿو ڪين، ماري ٿو، مگر هي هجر، غم تنهنجو.

هاڻي هن يار جي شوخي به ڏسو:

اچا اهڙا عاشق به موجود آهن،
جي جورو جفا تي به نازان رهن ٿا.

هن جو پنهنجي پياري سان خطاب ڪرڻ جو انداز به پنهنجو آهي:

تن کي او منهنجا سائين! ڏوهي سڏين ٿو ڪيئن؟
تنهنجي عطا ڏسي جي وينا خطا ڪري.

۽ دنيا وارن کي ٿو چوي:

هن جي پسند آهي، هن کي نه روڪيو،

ائين جي هو خوش رهي ٿو، پل پيو گلا ڪري.

حالانڪ هن جي لاءِ اها پونءَ به پلاري آهي، جتي يار رڳو پير رکيو آهي:

جت قدم سڄڻ رکيا، سا خاڪ اطهر ٿي وئي،
چشم نابينا کي هر دم آهه ان گل جي تلاش.

يار جا ڪارا ڏگها وار ۽ واسينگ جا ور وٽ ۽ ڏنگ به غزل کي ڪنيو بيهن ٿا ۽ انداز بيان کي هٿي ڏين ٿا. معمور به اهڙي اسلوب کان ڪٿي ٿو پاڻ پلي سگهي. هو چوي ٿو:

ڪين هرگز ٿا ڏنگڻ کان سي رهن،
جي چڙيئي چوڙي ڪلهن تي سياه سپ.

عاشق کي اها به ڄاڻ آهي ته ڪاري نانگ جو ڏنگيل ته بچي سگهي ٿو پر سينڌ واري بلا جي ڏنگيل جو بچڻ محال آهي يعني عاشق ويچارو جي هڪ پيرو ونجي ۽ وٽجي پيو ته پوءِ عمر کي ويو:

نانگ جو ڏنگيل بچي سگهي ٿو، مانگ جو ڏنگيل ڪين بچي،
واسينگن جي وه کان وترو، زهر آ زلفن ڪارن جو،

اهڙن ورتلن کي ڪير ٿو بچائي سگهي، اهو وري به محبوب پاڻ خود مسيحا بڻجي، قم چئي، مردا جياري ته ممڪن آهي باقي ٿيو خير:

دليون مرده ۽ افسرده، مٿان جڻ موت آ طاري،
مسيحاءِ جهان، قم چئي، وري مردا جياري وڃ.

عاشق ويچارو جڏهن هر طور تي عاجز ٿي آهون ٿو پري تڏهن ڌرتي به ڏڪيو وڃي ۽ وري جڏهن راتين جو دانهون ٿو ڪري ۽ ٿڌا ساهه ٿو پري ته ان جي اثر کان آسمان کي به ڏڪڻي وٺيو وڃي:

ٿو اچي فرياد فرقت کان زمين ۾ زلزلو،
آسمان لرزي وڃي ٿو، نالهٔ شبگير سان.



نه رڳو عاشق جو اهو حال ٿئي ٿو پر محبوب کي به جڏهن وره جو ويراڳ ٿو وٺي ته ان کان سينڌ، سرمون، هار سينگار، سيڪجهه وسريو وڃي. اهڙي صورتحال جو چٽ چٽڻ کان به "معمور" رهي نه سگهيو آهي. آخر ته هو شاعر آهي ۽ شاعراڻي چٽساليءَ جو ماهر آهي:

وره ايندي ئي وڃايو تو چڙي،
سينڌيون، سرما، سڀيون، سينگار سڀ.

ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته "معمور" وري به اهڙو خوش قسمت آهي جو يار کي ياد آهي.

محفل ۾ حسينن جي، هي "معمور" اوهان جو،
وسريل هو، مگر يار جي وارو نه ڪرين ها.

تنهن هوندي به هن جي آخري آرزو ۽ خواهش آهي ته:

آرزو آ، موت ڪانپوءِ من ٿئي "معمور" کي،
در اڳيان دلدار دلبر يار جي، تربت نصيب.

دلبر/دوست:

"معمور" پنهنجن دل گهرين دوستن ۽ انهن دلبرن، جن سان راتين جو ويهي رهاڻيون ڪيون اٿس تن کي به ڪين وساريو آهي. سو به غزل جي انداز ۾ اسلوب ۾، جا ڳالهه ڏيکاري ٿي ته هن کي غزل جي انداز بيان ۽ اسلوب تي ڪيڏو نه عبور حاصل هو:

مزو ناهه "معمور" محبن سوا،
سڄڻ رهءَ هتي هيئن جيئڻ آهه جاڙ.

حالانڪ:

ياد پلجي پيي نٿو جيڪو ڪري،
ياد ان جي ٿي ستائي، روز روز.

چاڪاڻ جو:

کيئن پلا وسري سگهي سا راز واري رات خاص؟

جڳ ستي جنهن ۾ ڪئي سون، بره واري بات خاص!

۽ اهڙو رازدار جڏهن مهمان ٿي ايندو آهي تہ "معمور" لاءِ هر طرح بهاري ٿيو وڃي.

جي اچي "معمور" هو مهمان ٿئي،

ٿي وڃي هڪدم بهاري هر طرف.

سچ آهي تہ دل گهريا دوست جڏهن مهمان ٿي ايندا آهن ۽ هڪبئي سان ويهي حال ونڊيندا آهن تہ واقعي اهڙي ئي ڪيفيت ٿيندي آهي. جنهن جو چٽ ڏنل شعر جي مختصر لفظن ۾ چٽيو ويو آهي. جڏهن وري معمور پاڻ اهڙي دوست وٽ لنگهي وڃي ٿو تہ اڳلو بہ هيئن ٿو مرحبا ڪريس:

مرحبا، معمور ڪي جو ائين چئي!

طالب ديدار تنهنجو شڪريو.

هاڻي دوست رات جو ويهي روح رچنديون تا ڪن. جڳ ستو پيو آهي ۽ منڙي نند ۾ آهي، پر هي يار وينا هڪ ٻئي سان حال اورين:

کيئن پلا وسري سگهي، سا راز واري رات خاص؟

جڳ ستي جنهن ۾ ڪئي سون، بره واري بات خاص.

وقت وڏو ظالم ٿيندو آهي جو اهڙين قرب وارين ڪچهرين کي بہ پاسيرو ڪريو ڇڏي ۽ يار هڪبئي کان موڪلائي هليا وڃن ۽ موڪلائيءَ مهل چا تا چون سو معمور کان ٻڌو:

موڪلائي تو چيو "معمور" کي،

"محب تنهنجي مهرباني، الوداع.

ان هوندي بہ "معمور" کي ڪن دوستن کان شڪايت بہ آهي:

جي محبوب، "معمور" پارن متي،

نہ لطف و عطا ڪن، هجي تن کي حيف.

جڏهن وري پنهنجا پراوا ٿي وڃن تا تہ هو دل کي آٿت ڏيندي چوي ٿو:



ميارون غير تي "معمور" ڪهڙيون،

جڏهن پنهنجا ٿيا آهن پراوا.

مئي ۽ مينا جو ذڪر:

مئي ۽ مينا، ساقي ۽ رند، صراحي ۽ پيمانو، مستي ۽ ميخانو وغيره غزليہ شاعريءَ جا اشارا، ڪنايا، اصطلاح ۽ استعاره بنجي چڪا آهن. جيڪي ڪنهن زماني ۾ پنهنجي اصلي ۽ لغوي معنيٰ ۾ ڪتب ايندا هئا. "معمور" انهن لفظن ۽ اصطلاحن کي ٻنهي معنائن ۾ استعمال ڪيو آهي. ڳالهہ رڳو غور ۽ ويچار توڙي پرک ۽ پرجهہ جي آهي. معمور چيو آهي تہ:

هينئر محفل ڪي مستين جي، نہ آ درڪار اي ساقي،

ڪپي ٿي سرڪ سا، جنهن کان هلون هوشيار اي ساقي.

اها ڪهڙي سرڪ آهي، تنهن لاءِ چٽن لفظن ۾ لکيو اٿس:

چئي تڪبير جو نعرو، حجازي مئي جي مستيءَ سان،

اچي ڪر اهلِ محفل کي، وري بيدار اي ساقي.

حجازي مئي يعني اسلامي نظريات جي تلقين ٿو ڪري. تڪبير يعني الله اڪبر جو نعرو هڻڻ لاءِ ٿو چوي. محفل وارن کي رواجي شراب جي نشي وارين مستين ۾ غرق ڪرڻ جي بدران سجاڳيءَ ۽ بيداريءَ جي ڳالهہ ٿو ڪري. ظاهر ۾ مئي ۽ ساقيءَ جي ڳالهہ آهي پر شعر جو قربنو صاف ٻڌائي ٿو تہ اهي اشارا ۽ ڪنايا اسلامي تعليم ڏانهن وني تا وڃن. هاڻي اهو پڙهندڙ جي پرجهہ تي منحصر آهي تہ هو ان شعر مان ڇا ٿو پرائي؟ پاڻ کي ڪيڏانهن ٿو وني وڃڻ گهري. انهيءَ رخ جو هڪ ٻيو شعر آهي:

صراحي، جام ۽ مئي جا پيچي مٽ، ماٺيون مڙئي!

اتي الله اڪبر چئو! ڪٽي تلوار اي ساقي.

هتي ”معمور“ ميخاني جو سازو سامان ئي پيچي پورا ڪرڻ لاءِ تو چئي، سو به ساقيءَ کي ۽ چويس ٿو ته تلوار ڪڻ، جو اها وقت جي تقاضا آهي. اهڙي طرح شاعر جي صلاحيتن کي به پرکڻ جو وجهه ملي ٿو. هو وقت جي مصلحت پسند اڳواڻن کي ساقيءَ جي نالي ۾ تنبيهه ڪندي چئي ٿو:

ڇڏائي هٿ منجهان تلوار، وسڪيءَ جو پيالو ڏئي،
نه ڪر ”معمور“ کي مجبور ۽ لاچار اي ساقي.

هو اجا به گهري ٿو ته پيالو اهڙو ملڻ گهرجي جو دلي تمنا پوري ٿئي. هتي پيالو هڪ استعارو ٿي ڪم آيو آهي. جنهن مان مراد آهي ته اهڙي اسلامي تعليم ملڻ گهرجي جنهن جي ذريعي جهاد واري دلي تمنا پوري ٿئي ۽ مسلمان اسلامي نظريات ۽ تعليم سان سرشار ٿي، سر تريءَ تي رکي، مڙس ٿي، مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ ميدان ۾ لهي پوي.
ائين به ڪونهي ته هن ان سلسلي ۾ عام شعر ڪونه چيا آهن، برابر چيا اٿس:

هڪ سرڪ لئه ستائڻ، تنهنجو نه شان آهه،
سختي ڇڏي اي ساقي، پنهنجي سخا کي ڏس،
هٿ ٻڌيو، گوڏا پيچيو، ساقيءَ جي در،
روز شب ڏس ڪيئن ڪدي پيو ڪاڻ شيخ.

واعظ وغيره:

زاهد ۽ واعظ، پير ۽ فقير، شيخ ۽ ملا، رند ۽ رهبر جي چپقلش به غزل جي شاعري کي ڏاڍو معنيٰ خيز ۽ سبق آموز بڻايو آهي. ان ڏس ۾ ”معمور“ پاڻ ملهائيندي گهڻو ڪجهه چئي ويو آهي نموني طور ڪجهه شعر پيش ڪجن ٿا:

ڪندين ڇا عشق جي گمراهه جي تون رهبري واعظ!
سڄڻ ڏاران ٻيو ”معمور“ جو رهبر نه ٿي سگهندو.



هو واعظ کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته اهڙي سڄڻ جنهن منهنجي رهبري ڪئي تنهن سان ميڪدي ۾ جيڪي چند گهڙيون گذاريم سي بنهه ڪونه ٿيون وسرن چاڪاڻ جو اهڙي يار / رهبر سان هڪ گهڙيءَ جي تلقين ۾ منهنجون ايمان پختو ٿي ويو آهي. حالانڪ تو سڄي عمر زهد، تقويٰ ۽ عبادت ۾ گذاري ڇڏي ته به ڪجهه به حاصل ڪين ٿيو:

سڄڻ سان گڏ گذاريم چند گهڙيون ميڪدي ۾ جي،
وساريان ته به نٿا وسرن، اهي لمحات، اي واعظ.
زهد ۾ زاهد گذاري عمر، ڪجهه حاصل نه ٿيو،
يار سان گڏ هڪ گهڙيءَ ۾، پخته ايمان ٿي ويو.

۽ اهڙي طرح ڪيتري مدت جيڪا ديدار الاهيءَ جي تمنا ۽ حسرت هئي سا پوري ٿي وئي ۽ اهو رب جو فضل ۽ ڪرم چئبو:

ڪيتري مدت ڪان، درشن جي تمنا ٿي رهي،
بارڪ الله، فضل ربي، پورو ارمان ٿي ويو.

هو اڳتي هلي شيخ/ مفتيءَ کي مخاطب ٿي، پنهنجي موقف تي اٽل ٿي بيهندي چوي ٿو ته ميڪشيءَ جي خلاف فتويٰ ڪيڻ اجائي آهي. جنهن صورت انهيءَ دوران، عرفاني نور حاصل ٿيو آهي. اهڙا پياڪ ڪافر نه، بلڪ عارف آهن، تن جي خلاف ڇا جي ڪري ويهي ٿو فتويٰ ڪيين!

شيخ صاحب، ڪفر جي فتويٰ، ڪيين ڇا لاءِ ٿو؟
ميڪشيءَ ڪان مون کي حاصل نور عرفان ٿي ويو.

هو ميڪشيءَ طرف ڇو لڙيو؟ اهو ان ڪري جو هن کي پيرن فقيرن. زاهدن ۽ عابدن توڙي ملن ۽ مفتين وٽان ڪجهه به حاصل ڪين ٿيو سواءِ ڪفر جي فتوائن جي:

ويو فيض پيرن فقيرن منجهان،
ٻڌي بي اثر آهه ملن جي ٻانگ.

”معمور“ تي هي اثر ڪنهن مجذوب جي صحبتِ يڪ ساعت جو ٿو ڏسجي،

سهڻي صلاح:

”معمور“، غزل جي بي مقصد شاعري ڪا نہ ڪئي آهي. هن اُن جي ذريعي ڏاڍا سهڻا سبق ۽ صلاحون ڏنيون آهن، جن هن جي غزل کي بامقصد بڻائي ڇڏيو آهي، هو چوي ٿو:

ٻيا گس، ڳليون، رند، راهون ڇڏي،
جا منزل رسائي، اها ونجي واٽ.

۽ ان ڏس ۾ پير سنڀالي کڻجي ۽ ورنہ دنياوي حرص و هوس جي تلوار جي ڌار، ڪيترن ئي گهوٽن کي گهائي ڇڏيو:

جاچي جوڇي پير کڻ ۽ وک وڌاءِ،
ڌار، دنيا جي وجهي ٿي گهايو گهوٽ.

هو اها تلقين ٿو ڪري تہ هٺ ۽ وڏائي کان بہ پاسو ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو ان هزارن کي ڪُنن ۾ ڪيرائي ڇڏيو. تنهن ڪري نياز نوڙت سان هلڻ گهرجي:

وڏائيءَ کان ”معمور“ پاسو ڪري،
ڪٺي هٿ ۾ هلجان، تون نوڙت جو نيٽ،
نہ ڪر ٺاڻ، ٽيڙي، وڏائو ۽ واڌ،
ڪِرايو ڪُنن ۾، هزارن کي هٺ.

هن ائين بہ چيو آهي تہ اي انسان تون پاڻ غريب هوندي بہ زردار سان ياري رکڻ ۽ ساٿ نباهڻ جو پيو سوچين سو اجايو آهي ڇو جو غريبن ۽ اميرن جو ساٿ ٿهي ڪو نہ ٿو تنهنڪري جي ڪجهہ ٿيڻ چاهين تہ انسان ٿيءُ ۽ جي دنيا مان ڪجهہ ڪٺي وڃڻ ٿو گهرين تہ نيڪيءَ جي دولت ساڻ ڪٺي وڃ:

تمنا نہ ڪر يار زردار جي،
غريبن سان کهڙو، اميرن جو ساٿ،
جي ٿيڻ چاهين ٿو ڪجهہ، انسان ٿج!



جي نيڻ چاهين ٿو ڳڌ، تان نيڪي نج!

1965ع واري جنگ بابت هي شعر، اڄ جي جنگي جنتا لاءِ بہ هڪ سبق آهي. ڇي مڙس ٿي ميدان ۾ لهو باقي منٿون ميڙون ڪري ڪرڻ سان وقتي طور ڪانئرن وانگر جنگ کان پاسو ڪري تہ سگهبو پر اها جيتي ڪانہ سگهبي. سياست جي اها راند نفرت تہ پيدا ڪري سگهي ٿي پر سوڀ ۽ جيت هرگز حاصل نٿي ٿي سگهي تنهن ڪري اي اقتدار جا صاحبو! اهڙي روش اختيار ئي نہ ڪريو جو اوهان لاءِ عوام ۾ نفرت جاڳي پوي:

جنگ ڌاران ڪين بازي جيتبي،
مڙس ٿي، ميدان تي ”معمور“ اچ!
وجي نيٽ نفرت جا پيدا ڪري،
اها راند هرگز نہ يارن سان ڪيڏ.

۽ جيڪو، اقتدار جو صاحب اهڙي راند ڪندو، تنهن جو ملڪ برباد ٿي ويندو ڇاڪاڻ جو ان ۾ غربت جو علاج ڪيو ئي ڪونہ ويندو آهي:

پڪ سان، برباد سو ٿيندو سگهو،
ملڪ، جنهن ۾ ناهہ غربت جو علاج.

اهڙي ملڪ ۾، غريب، غريب تر ٿيندو ويندو آهي ۽ مٿس سڌي يا اڻ سڌي ٽئڪسن جي ڀرمار ٿيندي ويندي آهي. هونئن بہ اقتصاديات جو اصول آهي تہ جنهن ملڪ جي غريب عوام لاءِ روزگار مُهيا ڪرڻ لاءِ رٿائون عمل ۾ نہ آنديون وينديون ۽ رڳو مٿس ڳاٽي ڀڳا ٽئڪس پيا مڙهيا ويندا سو نيٺ برباد ٿيندو. اهڙو عوام جڏهن ٽڪر ڀور لاءِ بہ محتاج ٿيندو آهي تہ مجبوريءَ ۾ ڀچري ۾ پوڻ ئي قبول ڪندو، ڇو جو اتي وري جهڙو تهڙو مانيءَ ڳپو تہ ملي ويندو پر ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ تہ اهي آهن ئي قيد جي لائق ۽ ڀچري سان هريا مريا پيا آهن سا ڳالهہ غلط آهي، بلڪ اها حڪومت جي ناڪامي ۽ عوام جي بيوسي ۽ مجبوري آهي:

هو بيوس ۽ مجبور آهن پيا،
نه پڇري سان ڄاڻج اسيرن جو ساٿ.

وطنيت:

شاهه لطيف رحه به چيو آهي ته حيف تني کي هوءِ، وطن جن وساريو، سو ”معمور“ غزل ۾ به وطن کي ڪو نه وساريو آهي. هو چوي ٿو:

ملڪ، ملت جي محبت ۾ رهان، ”معمور“ ٿو،
مون کي ساغر ۽ صراحي جي صدا سان ڇا غرض؟

”معمور“ جا هي شعر پڙهو ۽ ملڪ جي موجود فضا ۽ حالت تي به غور ڪريو. اوهان ائين محسوس ڪندا ته هن هي ڪلام ڄڻ ته هن دور جي حالتن کي نظر ۾ رکي لکيو آهي. حالانڪ ائين ڪونهي بلڪ اهو شعر جي صداقت جو اثر آهي:

تمنا عدو جي نه ٿيندي تمام،
اڃا هٽ ڪئي مردِ ميدان رهن تا.
اڃا اهڙا عاشق به موجود آهن،
جي جورو جفا تي به نازان رهن تا.
”معمور“ وڃ وانگر، منزل ڏي وک وڌاءِ،
هر گز نه راهه جي تون رنج و بلا کي ڏس.
حياتيءَ جو هي فلسفو آهه ٻڌ،
مرڻ ۽ جيئڻ جا اتئي پهر اٺ.
اتئي مهل ”معمور“، مڙسيءَ جي هيءَ،
اجل ايندو، ڏيندو نه وهنوار وٺ.

انهن شعرن ۾ وطن جي حب ۽ جهاد توڙي مڙس ٿي مصيبت کي منهن ڏيڻ جو جذبو ڀريل آهي، چي رب تي رکو، گهٽائيءَ ۽ عدد کان نه ڊڄو.

تون آڏار، اولو، اڇهو، اوٺ، اڙ،
نه تاري اٿم، تو سوا، ٿي مدد!



مصيبت ۾ ”معمور“ توکي سڏيو،
پڙهي ربنا آتنا ٿي مدد!

جڏهن دشمن ملڪ تي چڙهائي ڪري ايندو آهي يا اهڙا آثار پيدا ٿيندا آهن، ته زندگيءَ جي ڪاروان کي صحيح سمت ۾ وڌائڻ لاءِ ڪنهن رهبر ۽ اڳواڻ جي ضرورت پوندي آهي. معمور کي به اهڙي رهبريءَ جو احساس آهي. مطلب ته شاعر هر نقط نظر کان سڄاڻ آهي. هو رڳو وڙهڻ ۽ جيئڻ جو رمز شناس نه آهي. هو چوي ٿو ته اي عجيب! تون جيڪڏهن منهنجي اهڙي قافلي جو اڳواڻ اچي ٿين ته آئون جيڪر منزل مقصود تي جلدي رسي وڃان. هتي شعري قرينو ٻڌائي ٿو ته اي! عجيب جو اشارو حضور سرور ڪائنات ڏانهن آهي. ڇاڪاڻ جو جن جو ڀروسو رب پاڪ تي آهي، تن جي واهر، وسيلو ۽ اڳواڻ حضور ﷺ جن ڪانسواءِ ٻيو ٿي نٿو سگهي، شعر آهي ته:

حياتِ ڪاروان جلدي رسي مقصودِ منزل تي،
عجيبا! گر اچين، تون منهنجو مير ڪاروان بنجي.

ان هوندي به دنياداريءَ جي لحاظ کان جڏهن ملڪ وارا ئي پنهنجن جو ساٿ نه ڏيندا آهن ته انهن جو اهڙو حال ٿيندو آهي جهڙو ميرن جو ٿيو:

وڃائي سڄو ملڪ وينا تڏهن،
ڇڏيو جڏهن ميرن هو ميرن جو ساٿ.

۽ سدائين هڪجهڙيون حالتون ڪو نه ٿيون رهن تنهن لاءِ چيو اٿس:

نه بي تاج بنجي، تون افسوس ڪر،
هميشه نه رهڻو آ هيرن جو ساٿ.

انهن مڙني احساسي ڪيفيتن جي ڄاڻ هوندي به هن کي پنهنجي وطن، ٻولي، رسمن ۽ رواجن يعني تهذيب و تمدن سان بي پناهه پيار آهي. ايتري قدر جو چوي ٿو ته وطن جي مٽي به مٽيي/ موتيءَ تي نه متائج متان ڏاريا ڪلن:

مٿيءَ تي موتي، مٿان مٿايين، مٿانءِ دنيا مٿان ڪلايين،
وطن جي ٻولي، وطن جون رسمون رواج آهن وطن جي زينت.

هيءَ به شاهه لطيف رحه واري ڳالهه آهي ته سيڻ نه مٿائج سون تي.

حقيقت حال:

دنيا سکن جي سيج ته آهي ئي ڪانه. ڏينهن پنيان راتيون ۽ سکن پويان ڏک ته لڳا پيا آهن. معمور به دنيا ۾ ڏک توڙي سک ٻئي ڏٺا ۽ ان تجربي جو هن پنهنجي شاعريءَ ۾ هن ريت وستار ڪيو آهي:

ويو وقت "معمور" سورن، ڏکن ۾،
نه ساعت سکن جي سري ڙي، سري ڙي.

جڏهن هن جي ڏکن سان ڏيٺ ويٺ ٿي، تڏهن سکن جو ساءُ ۽ سرور ٿي وسري ويس:

ويو سکن جو ساءُ سارو ۽ سرور!
ٿي جڏهن ڪان آ ڏکن سان ڏيٺ ويٺ.

پر اها ڳالهه تڏهن ٿي جڏهن هن زماني جي ڏاڍ جي پرواهه نه ڪري، سک ۽ عذاب جي احساس کي ئي پنن پاهه اڇلائي ڇڏيو.

پرواهه نه مون کي آهه، زماني جي ڏاڍ جي،
آيس ڇڏي مان پوئتي سک ۽ عذاب کي.

انهيءَ هوندي به صاف چٽي ڏنائين:

سنسار سندا سور، ستم کهڙا سٺايان!
طاقت نه رهي منهنجي زبان ۾، نه دهن ۾.

جيتوڻيڪ مٿس اها ڪيفيت به گذري آهي:

رات ڪاري، تيز لهرون، سيءَ مند،
ٻيا مٿان ڪيا مينهن مارا، الغياث.

هيءَ حافظ شيرازيءَ واري ڳالهه آهي:

شبِ تاريک، ره باریک، منزل دور، من تنها،



کجا دانند حال ما، سبکساران ساحلها.

يا ڪٿي ائين چئجي ته شاهه لطيف رحه واري سٽ، "ڪاري رات، ڪچو گهڙو، مٿان وسي مينهن" جو هيءُ پڙاڏو آهي.

ڪو زمانو هو جو شرافت ۽ ڏاهپ، سکر ۽ سياڻي جي اهميت هئي پر هاڻي انهن کي ڪو پڇي ئي ڪو نه ٿو. البت جي پڇا آهي ته ڏوڪڙ ۽ ناڻي جي آهي، ڇي ناڻو ننگ پال آهي. اهڙي حالت جو مشاهدو ماڻي "معمور" به چٽي ڏنو ته:

سکر ۽ سياڻي جي ناهي پڇا،
هينئر آهه ساون ۽ نيرن جو راڄ.

هتي ساون ۽ نيرن کي نوٽن جو نعم البدل ڪري، استعاره طور پيش ڪيو ويو جو ڪنهن زماني ۾ اسان جي زماني ۾ نوٽن جا اهي رنگ هئا.

جتي اها ڳالهه ٻڌبي اتي ماڻهن جي ايمان جي حالت جيڪا "معمور" ڏٺي آهي سا اجها هيءَ آهي:

گهڻن جو اڄ ٿيو ايمان آهي،
مڪڻ، مانيون، مڻايون، مال، ماوا.

اهڙيءَ صورت ۾ جي ملن ۽ پيرن جو راڄ ٿيو ته ڊاڪئون ئي پڪو ۽ اسلام جي جاءِ تي اصنام نه ايندو ته ٻيو ڇا ٿيندو.

اُتي ٻڌجي اسلام، اصنام ٿو،
جتي آهه ملن ۽ پيرن جو راڄ.

حالانڪ سيڪو ڄاڻي ٿو ته دنيا دم گذر آهي، سيڪو ڪا گهڙي گذاريو هليو ٿو وڃي، تنهن هوندي به مٿيان نظارا عام آهن. دنيا فاني آهي ته ان جو چٽ هن ريت چٽيو ويو آهي:

زمانو سمورو گذر جو مڪان،
لڏي ويا، ڇڏي ويا، اڏي ڪيئي اوڏ،
دم گهڙي سيڪو رهيو، هليو وڃي،

جڳ جو چرخو آهہ فاني، الوداع.

چڱن جي چڱائي واري اميد، ڳڻن مان نٽي رکي سگهجي تڏهن تہ شاعر چيو آهي:

بلبل جي سنگت ۾ تو صداقت جا ڏٺي ٿي،
رک ڪين تمنا تون اها زاغ و زغن ۾.

اجا بہ ڪجهہ ڪڙن لفظن ۾ ٿو چئي:

حرامي، حلالي نہ ٿيندو ڪڏهن،
پڇي راس ٿئي، تہ بہ متي آهہ ميٽ.

جڏهن شاعر ڏسي ٿو دنيا ۾ اونداه انڌوڪار پڻ انهن جي مٿان ٿيو آهي جن ڏيا ٻاري سوجهرو ڪيو هو تڏهن افسوس ڪندي، ڏوراپو ڏيندي، حبيب کي ٿو چئي تہ:

جو ديب جلايو، تو هٿن ساڻ حبيب آهہ،
سو پاڻ وسائي، هي انڌارو نہ ڪرين ها.

"معمور" جو اولاد صالح آهي. ان ڳالهہ ڏي اشارو ڪندي چوي ٿو:

اهي ئي تا دنيا ۾ "معمور" سڏجن،
رهي جن سان پٽڙن ۽ ڪيرن جو ساٿ.

رسم فرنگ:

فرنگين جو سنڌ توڙي هند تي نوي سال بلڪ ڪٿي ڪٿي ان ڪان بہ گهڻو وڏيڪ عرصو اثر رهيو آهي. ان اثر نہ رڳو اسان جي علم و ادب کي متاثر ڪيو پر تهذيب و تمدن تي پڻ ديرپا اثر ڇڏيو آهي. ڪيترا انسان تہ اڄ بہ برطانيہ وغيره ملڪن ۾ وڃي رهيا آهن، جن جا پويان هن ملڪ ۾ رهن ٿا ان ريت فرنگ جي تهذيب و تمدن جو اثر تہ رهڻو آهي. تنهن هوندي، اهو اثر محدود آهي جيڪو ڪن کي ڪين ٿو آئڙي. "معمور" بہ اهڙي اثر جو شاڪي هو ۽ ان کي قبول ڪو نہ ڪيائين. اهو ئي سبب هو جو چيو هيائين تہ وطن جي ٻولي، رسمون ۽ رواج، وطن جي زينت آهن ۽ اسان جي سڃاڻپ انهن جي ڪري آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن



هن ڏٺو تہ فرنگي رسم و رواج اجا تائين هن مسلم ملڪ ۾ روان دوان آهي تہ ان جي نشاندهي ڪيائين.

اجا سيئين روان آهہ، رسم فرنگ،
اجا نوجوان عام عريان رهن ٿا.

اڳتي هلي چوي ٿو تہ:

اجا حسن وڪجي پيو عام جام،
اجا جسم سهڻين جا رقصان رهن ٿا.

جڏهن سنڌ وارين پنهنجو لباس ڇڏي ساڙهيون پائڻ شروع ڪيون جن ۾ جسم جو حصو ڪافي طور تي کليل ۽ اگهاڙو رهي ٿو تہ چئي ڏنائين:

چو نہ هو ساڙهيون ٻڌي سينگار ڪن،
تا اسين انگريز بنجي، پايون ٽوپ.

مطلب تہ هن شاعر کي پنهنجي علم و ادب ۽ تهذيب و تمدن سان قرب ۽ پيار هو ۽ پراڻي ڏيک ويک واري هلت جي ظاهري رونق کان متاثر نہ ٿيو.

محاوره بندي:

محاوري جي معنيٰ آهي پاڻ ۾ ڳالهائڻ. ادبي ٻوليءَ ۾ وري ان جو مطلب آهي اهو ڪلمو يا ڪلام جيڪو لغوي معنيٰ جي مناسبت يا نامناسبت سان ڪنهن نہ ڪنهن خاص معنيٰ يا مفهوم لاءِ مخصوص ڪيل ۽ ادب جي معيار مطابق هجي. اهو ئي سبب آهي جو چيو ويو آهي تہ جي ڪنهن عهد جي مخصوص اعمال و اشڪال، طرز زندگي ۽ انداز فڪر جي سڌ لهڻي هجي تہ ان وقت جي محاورن کي ڏسجي. ان ڪري محاورن جي سند، مستند مصنفن ۽ عالمن جي ٻوليءَ ۽ ڪتابن مان ورتي ويندي آهي. البت ڪن پراڻن مصنفن ان ڳالهہ جو خيال نہ رکندي محاوره ۽ اصطلاح کي وچڙائي وڌو. اها غلطي اڳ جي سنڌي سونهن وغيره ۾ عام ڪئي ويئي آهي جو محاوره کي

اصطلاح ڪري لکيو ويو آهي. پر پوءِ ٻوليءَ جي معيار کي قائم رکڻ وارن ان ڳالھ ڏانھن ڌيان ڏنو پر اجا بہ ڪيترا ليکڪ انهيءَ غلطيءَ کي بي ڌيانيءَ ۾ دهرائيندا اچن. حالانڪ جڏهن ڪا خاص جماعت، ٽولو يا گروهہ ڪنھن لفظ کي ڪنھن خاص معنيٰ ۾ ڪتب آڻيندو آهي تہ چئبو تہ اهوان جماعت جو اصطلاح آهي. ”معمور“ صاحب نہ رڳو پنهنجي تر جي ٻوليءَ جو نمائنده ڪردار آهي پر، معياري ۽ ادبي ٻوليءَ جو پڻ وينجهار ۽ ڄاڻو آهي. هن جو ديوان بہ محاورن سان ٽمٽار آهي. مثال طور محاوراتي ٻوليءَ ۾ ”هار پائڻ“ تہ چئبو پر ”گل پائڻ“ ڪونہ چئبو. هتي نموني طور ”معمور“ جي ڪلام مان محاورن جو استعمال ڏيکارجي ٿو.

سوئي لکيو لوڙڻو آ، جو لکيو آ لوح ۾،
وس هلي ٿو ڪين ڪنھن جو ڪاتب تقدير سان.

هن هڪڙي شعر ۾ لوح جو لکيو. لکيو لوڙڻ ۽ وس نہ هلڻ محاوره آهن. جيڪي ڪاتبِ تقدير يعني رب پاڪ جي اڳيان انسانن جي بيوسيءَ ۽ مجبوري کي وڌيڪ چٽو ۽ واضح ڪن ٿا ۽ ڪلام ۾ زور پيدا ڪن ٿا.

لوهہ تي ليڪو، پٿر تي چٽ جيئن، تيئن ٿي ويا،
منهنجي دل تي گهاوَ آهن، گلبدن جي گهور جا.

دل تي گلبدن جي گهور اهڙا گهاوَ ڪري ڇڏيا آهن، جهڙو لوهہ تي ليڪو يا پٿر تي چٽ. هتي لوهہ تي ليڪو ۽ پٿر تي چٽ محاوره آهن. جي اهي محاوره استعمال نہ ٿين ها تہ شعر ۾ ايڏو زور ۽ خوبي پيدا نہ ٿئي ها. اهڙي طرح محاوره زورِ بيان جو ذريعو پڻ آهن.

نہ ماسو، تہ بہ سڏايو سير، سهڪن،
هو ڳيرو ڳاڙهہ واتا، ڪالهہ جاوا.

ماسو نہ هئڻ، سير سڏائڻ، ڳاڙهہ واتا هئڻ ۽ ڪالهہ جاوا هئڻ، سڀ محاوره آهن. جن هن شعر کي پر معنيٰ ۽ زوردار بڻائي واضح طور تي بلند ڪري



ڇڏيو آهي. ماسو نہ هئڻ يعني ڪنھن اهميت جو هئڻ سير سڏائڻ يعني اجايو پاڻ پڏائڻ ”ڳاڙهہ واتو هئڻ“ معنيٰ ڳالهائڻ جي رمز کان ناواقف هئڻ. ”ڪالهہ جاوا هئڻ“ معنيٰ ننڍيءَ ۽ ڪچيءَ ڄمار جو هئڻ ڏيکاري ماسي جيتري قوت نہ هوندي سير جيترو بار کڻڻ ڪري همراه سهڪن پيا. شاعري ۾ ادب شناسي ۽ ڄاڻ انهيءَ جو نالو آهي. اهڙيءَ ريت جي ديوان ”معمور“ جو اڀياس ڪبو تہ اهو پر معنيٰ ۽ بر محل ڪتب آيل محاورن سان ڀريل نظر ايندو. هڪ اڌ ٻيو مثال جن ۾ دل تان بار هلڪو ٿيڻ، هُل ٻڌڻ ۽ پنهنجا پراوا ٿيڻ جهڙا محاورا ڪتب آندا ويا آهن اهي اوهان بہ پڙهو ۽ انهن جو چس وٺو:

هوت جي هيڏهن اچڻ جو هُل ٻُڌي،
دل مٿان هلڪو ويو ٿي بار اج،
ميارون غير تي ”معمور“ ڪهڙيون،
جڏهن پنهنجا ٿيا آهن پراوا.

صنعتون:

صنايع ۽ بدايع، شاعريءَ جو سينگار آهن. پر اهو سينگار بہ جي ڪنھن کي ڪرڻ اچي. ان لاءِ بہ سليقہ مندي ۽ سجاڳپ جي ضرورت آهي. ديوان ”معمور“ جو سرسري اڀياس اهو ڄاڻائي ٿو تہ ان جو خالق پنهنجي شاعريءَ کي مختلف صنعتن سان نہ رڳو سينگاري ڄاڻي پران سينگار جي سجاڳپ بہ رکي ٿو. هوئن تہ ”معمور“ جي شاعري نين نين تشبيهن، استعارن، اشارن ۽ ڪناين سان ڀرپور نظر ايندي پر هن مختصر ديوان ۾ بہ ان ڏس ۾ ڪمي ڪا نہ ٿي ڏسجي.

ان سلسلي ۾ ٿورين ڪي وٽون اوهان آڏو پيش ڪجن ٿيون.

تشبيهہ:

هن ۾ هڪ جنس کي ٻيءَ جهڙو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. يعني هڪ جنس جون خوبيون ۽ خصوصيتون ٻيءَ جنس سان لاڳاپيون وينديون آهن.

مثال طور:

حبيبن جي لبن کان جو وٺي لالي، ٿيو لالا.
رخ محبوب جي همسر، سو گل احمر نہ ٿي سگهندو.

مطلب تہ جيڪو گل، محبوب جي چپن جي سرخي حاصل ڪري پاڻ کي لالہ يعني ڳاڙهو گل سڏائي ٿو سو انهيءَ جي رخ جي همسري نٿو ڪري سگهي. هتي محبوب جي چپن جي سرخيءَ واري خصوصيت کي گل لالہ جي ڳاڙهاڻ سان لاڳاپيو ويو آهي.

سنگدل ۽ تنگدل کان رهہ پري،
سخت ۽ سوڙهي جُتي کان پئي ٿي لِڦَ.

اسان جي شاعر هن شعر ۾ جتيءَ جي سختي ۽ سوڙهائپ کي سنگدليءَ ۽ تنگدليءَ سان لاڳاپيو آهي.

حسينن جي ڪشش کي ۽ تصور کي ڪمال آهي،
جتي وسري ۽ اُسري ٿي، خدا جي ذات اي واعظ!

هتي حسينن جي ڪشش ۽ تصور جي خصوصيتن کي، خداءِ پاڪ جي ذات جي وسر ۽ اوسر سان لاڳاپيو ويو آهي.

استعاره:

استعاره جي لغوي معنيٰ آهي اُڌارو گهرڻ پر ادبي نقطِ نگاهہ کان ائين چئجي تہ لفظ جي حقيقي معنيٰ ڪڍي، اڌاري طور ڪم آڻڻ. جيئن تہ:

ڪيو جنهن عشق ۾ حاصل، ڏکن سورن جو سرمايو،
اهو زردار ٻڌجي ويو، ڪڏهن بي زر نہ ٿي سگهندو.

هتي ڏکن کي سورن جو سرمايو چيو ويو آهي. ان ريت سرمايي جي لغوي معنيٰ، اُڌاري طور وٺي، ڏکن لاءِ ڪتب آندي وئي آهي.

ڪنايو:



هن جي معنيٰ آهي اشارو ڏيڻ ۽ چتو بيان ڪرڻ.

محبت جي ميلاپ جي، جي سڌ اٿئي،
عشق جي آتش ۾ پروانو ٿي پچ.

هتي اها ڳالهہ اشاري طور ٻڌائي وئي آهي تہ جهڙي طرح پروانو ڪنهن جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ ساهہ جو سانگو لاهي پاڻ کي پختو ٿو ڪري تڏهن وڃي ٿو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿئي. تهڙي طرح اي عاشق تون بہ پاڻ کي پچائي پختو ڪر تہ محبوب سان ميلاپ ٿئي يعني هتي ڪچن جو ڪم ڪونهي.

نعتون، غزل، قصيدا، ڪافيون ۽ گيت، بيت،
منهنجي ڪري ٿي آهي، مشهور تنهنجي مدح.

هن شعر ۾ ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي تہ اڳلي جي ساراهہ جو سبب شاعر جي شاعري آهي.

تجنيسِ تام:

هن ۾ اهڙا لفظ استعمال ٿيندا آهن جيڪي لکڻ ۾ هڪجهڙا هوندا آهن، معنائون جدا جدا هونديون اٿن.

وار ڪن هر وار گڏجيو، وار سپ،
مار ڪن ٿا، ٻڌجي زهري مار سپ.

هن شعر جي پهرئين مصرع ۾ لفظ وار تي پيرا ڪتب آيل آهي پر ٽنهي هنڌن تي ان جي ڌار ڌار معنيٰ آهي. وار ڪرڻ يعني حملو ڪرڻ، هر وار يعني هر ڀيري يا گهمري، وار يعني محبوب جا وار ۽ ٻي مصرع ۾ مار لفظ بہ پيرا ڪتب آيو آهي. مار ڪن يعني پري کان نشانو بشانو ٻڌائين، زهري مار يعني زهريلا نانگ.

غلو:

يعني ڪنهن شئي جي حد کان وڌيڪ يا ناممڪن يا عقل ۽ عادت جي برخلاف تعريف ڪرڻ.

ٿو اچي فريادِ فرقت کان زمين ۾ زلزلو،
آسمان لرزي وڃي ٿو نالئہ شبگير سان.

عاشق، معشوق جي وڇوڙي ۾ راتين جو ويھي جيڪي دانھون ۽ واڪا ٿو ڪري تنھن سان ڌرتي ڌبيو ۽ اُڀ لرزيو وڃي حالانڪ ائين حقيقت ۾ ٿئي ڪو نہ ٿو ۽ نڪي اھا ڳالھہ عقل تسليم ڪري ٿو. ان ڪي ادبي زبان ۾ صنعت غلو لکيو ويو آھي.

مراعات النظير:

ھن کي "متناسب" پڻ چوندا آھن. ھن ۾ اھڙا لفظ ۽ مضمون جو اھڙو اسباب آڻبو آھي جنھن جو ھڪٻئي سان واسطو رھندو آھي ۽ جن جي وچ ۾ مناسبت ھوندي آھي. ھن صنعت جا ٻيا نالا آھن "متناسب" "تناسب"، "توفيق"، "ايتلاف" ۽ "تلفيق". ڄاڻن جو چوڻ آھي تہ ان ۾ تضاد نہ ھجي بلڪ ٻي ڪا مناسبت ھجي.

چاڪ دل ۽ چاڪ سينو، آھ دامن چاڪ چاڪ،
پر گريبان چاڪ چڪناچور تنھنجا ٻي طرح.

ھن شعر ۾ دل، سينو، دامن ۽ گريبان لفظن جي پاڻ ۾ مناسبت آھي پر منجھن تضاد ڪونھي.

ڪُن کان ڪنارو ڪبو ڪين مور،
سپون سير ۾ ۽ ڪناري تي ڪوڏ.

ھتي ڪُن، ڪنارو، سپون، سير ۽ ڪوڏ سيني لفظن جي دريا، سمونڊ جي پاڻيءَ سان ۽ پاڻ ۾ مناسبت آھي پر منجھن تضاد ڪونھي.

تجنيس ناقص:

ھن ۾ حرفن جي حرڪتن ۾ اختلاف جي ڪري معنيٰ ۾ بہ ڦير ھوندو آھي حالانڪ تجنيسِ تام وانگر لفظ لکڻ ۾ ھڪجھڙا ھوندا آھن.

سڄڻ يار توکان ڦِريا سي ڦُريا،
اھي پار پيا جي لڳا تنھنجي لڙ.



ھتي ڦريا جي ڦ ھيٺ زير ۽ ڦريا جي ڦ تي پيش آھي ۽ اھڙي طرح لکڻ ۾ ٻنھي جي صورت ساڳي آھي پر زير ۽ پيش جي حرڪتن جي ڪري منجھن معنيٰ جو ڦير آھي.

عڪس:

ھن صنعت جي تشريح ھن ريت ڪئي ويئي آھي، ڪنھن شعر جي پھرئين مصرع جا ٻہ اڌ ھجن، انھيءَ جو پھريون اڌ ٻئي اڌ جي جاءِ تي رکجي ۽ ٻيو اڌ پھرئين جي جاءِ تي، تہ سڄو شعر ٺھي پوي، ھن جو ٻيو نالو آھي صنعت عڪس و تبديل.

اجان وري نہ وير ٿو، سڙا جڙا ڏسي چڪو،
ڏسي چڪو سڙا جڙا، نہ وير ٿو وري اجان،
اجان ڪري وڏيڪ پئي، نواڻ ۾ نئين ٿھي،
نئين ٿھي نواڻ ۾، وڏيڪ پئي ڪري اجان.

تشبيھہ قوي:

ھيءَ اھا تشبيھہ آھي، جنھن ۾ مشبھہ (جنھن کي تشبيھہ ڏني وڃي ۽ مشبہ بہ (جنھن سان تشبيھہ ڏني وڃي) موجود ھجن پر تشبيھہ وارو حرف ۽ شبہ جو سبب ڄاڻايل نہ ھجي:

سڪر ۽ سياٽي جي ناھي پڇا،
ھينئر آھہ ساون ۽ نيرن جو راڄ.

ھن شعر ۾ سڪر سياٽي کي ساون ۽ نيرن يعني نوٽن جي قوت سان ڀيٽيو ويو آھي. شعر ۾ ڀيٽ وارو حرف ۽ ڀيٽ ڪرڻ جو سبب ڏيکاريل ڪونہ آھي.

تضمين:

ھيءَ اھا صنعت آھي جنھن ۾ ھڪڙو شاعر ٻئي شاعر جو شعر يا ان جي مصرع پنھنجي شعر ۾ آڻي ان جو اطلاع ڏئي. ان جي ٻي صورت ھيءَ

آهي ته پنهنجي ڪلام ۾ ڪا آيت يا حديث يا ڪنهن خاص مشهور قول کي آندو وڃي:

سخن "محبوب" جو "معمور" کي وه جو وٽيو آهي،
هٿن سان دل ڏنم جنهن کي، اُتان آٽڻ ۾ مشڪل آ.

هن ۾ "معمور" صاحب، محبوب سروريءَ جي هيٺئين شعر جي ٻي مصرع کي تضمين طور آندو آهي:

اُتي ڦاٿو اچي آهيان، جتي ڦٿڪڻ به مشڪل آ،
هٿن سان دل ڏنم جنهن کي، اُتان آٽڻ به مشڪل آ.

هڪ ٻيو شعر آهي:

مصيبت ۾ معمور توکي سڏيو،
پڙهي "ربّنا آتِنا" تي مدد.

هي مشهور دعائيه ڪلمه "ربنا آتنا في الدنيا" مان ٽڪرو ڪڍي تضمين ڪيو ويو آهي. هن ۾ صنعت تلميح به اچي وئي آهي.

ارسال المثل:

ڪنهن بيت ۽ شعر ۾ ڪو مشهور مثال يا پهاڪو آڻڻ کي شاعراڻي ٻوليءَ ۾ صنعتِ ارسال المثل چيو ويندو آهي. ان جا ٻيا نالا آهن. صنعتِ ضرب المثل يا ايرادالمثل. ان جي ڪري شعر جي سونهن وڌي ويندي آهي ۽ اندازِ بيان ۾ زور پيدا ٿي پوندو آهي.

جو ڏاڍو سو گابو، جو دستور آهه،
اهيرن تي آهي، سهيرن جو فيض.

"جو ڏاڍو سو گابو" هڪ عام پهاڪو آهي جنهن جو مفهوم سيڪو سمجهي ٿو. تنهن شعر ۾ اچي بيان ۾ وڌيڪ زور پيدا ڪيو آهي. هونئن جي رڳو ايترو چيو وڃي ها ته "اهيرن تي آهي، سهيرن جو فيض" ته نڪي ڪلام ۾ ايڏو حسن پيدا ٿئي ها ۽ نه وري بيان ۾ زور.



معمور پنهنجي ڪلام ۾ انگريزي لفظ به ڏاڍي سيبائتي نموني ۾ ڪتب آندا آهن:

وڃايو منهن جو مزو 'ميڪ اپ'،
اکيون دوڏ ۽ وار ٻي زهر نانگ،
ٿو نچڻ چاهين، اگر 'اسٽيج' تي،
پردي داري کي ڇڏي، نانگو ٿي نچ.
جت سچو سائين اچي 'ڪورٽ' ڪندو،
ڪين هلندا، ات سنڌئي ڪوڙن جا ٻَپَ.

ٻوليءَ جي ڄاڻ:

معمور ٻوليءَ جي وڏي ڄاڻ ٿو رکي، ڇا محاوره، ڇا پهاڪا ۽ چوٽيون، ڇا قافيه بندي، ڇا سلاست، فصاحت ۽ بلاغت وغيره هن جي ديوان جي رونق کي وڌيڪ جرڪائي ڇڏيو آهي.

پکيڙي سي زلف سامهون صنم،
مندبيو مثل ماريءَ جي محبوب منډ.

مٿيءَ تي موتي، متان مٿايين، مٿانءِ دنيا متان ڪلايين،
وطن جي ٻولي، وطن جون رسمون رواج آهن وطن جي زينت.
اي جهوپڙين جا ڏٽي، نه سگهندين رهائي، ماڙين جي موتن سان،
هو چنڊ تارا، ستارا سارا، اصل ڪان آهن، اُپن جي زينت.

هنن شعرن ۾ نه رڳو سلاست، فصاحت ۽ بلاغت جو رنگ جرڪي ٿو، پر صنايع بدايع جون رونقون به نظر اچن ٿيون. وري جتي قافيه بندي ڪئي اٿس اتي نه رڳو خليفي گل وارو رنگ بکي ٿو پر جديد فارسي گوئي به ڪلي اڳيان اچي ٿي. ان ريت هن سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي.

شعر و شاعري:

شعر ته سيڪو شاعر جوڙيو وجيو پار پوي پر ڇا هن کي اهو احساس آهي ته هوڇا پيو چوي؟ يا ڪيس ڇا چوڻ گهرجي. انهيءَ خود احتسابيءَ جي ضرورت معمور کي بامقصد شاعري ڪرڻ لاءِ اڀاريو. هن ان ڪري سندس دور جي شاعري بابت نه رڳو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي پر پنهنجي شعر بابت به اظهار خيال ڪيو آهي.

شوق ٿئي ”معمور“ جيڪر شعر جو،
چو سخن سچ جو سدا ٻي ڪر نه ڏڦَ.

هن ڪان جيترو ٿي سگهيو آهي اوترو انهيءَ اصول کي اڳيان رکي شعرچيو آهي. تنهنڪري ئي سنڌ جي شاعرن هن کي مخاطب ٿي چيو:

شاعريءَ جي محفلن ۾، سنڌ جا شاعر سيئي،
تا چون، آهن غزل ”معمور“ تنهنجا ٻي طرح.

پر اهڙو به وقت آيو جو هن محسوس ڪيو ته:

مضمون ۾ سا موج، نه ڪو شعر ۾ سو سوز،
۽ ناهه بهاري ڪا اڳين بزمِ سخن ۾.

جنهن ڪري سندس دل ۾ شعر چوڻ لاءِ ولولو ئي نه رهيو:

”معمور“ ڪهڙي ڪريان؟ شعر و سخن جي ڏوهه،
دل مان جڏهن ته نڪري ذوقِ سخن ويو.

وقت ان ريت گذرندو ويو تان جو کي باذوق ماڻهو ملي ويس جن جي ڪري سنڌ جي ادبي فضا جنهن تي عرصي ڪان ننڊ طاري هئي ڪر موڙي سجاڳ ٿي ۽ ان کي هو پنهنجي خوش قسمتي سمجهڻ لڳو:

سنڌ جي ادبي فضا، مدت ڪان محو خواب هئي،
پر خوشا قسمت ملي ويا، اڄ کي فرزانا به ٿي.

۽ ”معمور“ وري شعر جا گلدستا ٺاهڻ کي لڳي ويو:

شعر جا گلدستڙا ”معمور“ اڄ ٺاهيا عجيب،
موتئي، نرگس، چنبيليءَ ساڻ ريحانا به ٿي.



پر وري به هو سنڌ جي شاعراڻي فضا ڪان مطمئن نظر نٿو اچي، ڇاڪاڻ ته صاحبن جي ثنا خوانن ۽ حاڪمن جي شعر تي قبضو هئڻ ڪري، صحيح ۽ سچي شاعري ڪا نه پئي ٿي، جنهن جو اظهار هن ريت ڪيو اٿس:

اڄا شعر تي آهه، حاڪم جو قبضو،
اڄا جي حضوري سخندان رهن ٿا.
اڄا محفلن ۾ مزو ڪين آهه،
اڄا صاحبن جا ثنا خوان رهن ٿا.

اهو ئي سبب آهي جو ”ديوان معمور“، غزلن جو ڪو عام مجموعو نظر نٿو اچي.

اسد جمال پلي

## مقدمو

هن مقدمي کي اسين ٻن عنوانن ۾ ورهايون ٿا: (الف) شاعر جو مختصر تعارف (ب) ديوان بابت

شاعر جو تعارف: محترم محمد عمر معمور يوسفاڻي ولد حاجي محمد يوسف پلي، 25- جنوري 1929ع تي ڳوٺ حاجي پير محمد پلي (پنجوئي) ضلع عمرڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي چمار ۾ ٻه درجا سنڌي ۽ ابتدائي مدرسي جي تعليم جا ڪجهه سال پڙهي پوءِ تعليم جي سلسلي کان منقطع ٿي ويو ۽ ٻهراڙي جي طور طريقن موجب ٻني- ٻاري جي ڪِرت سان لڳي ويو. ڪجهه سالن بعد ٻيهر تعليم جي منقطع سلسلي ڏانهن موٽ ڪائي 1952ع ۾ سنڌي فائنل فرسٽ ڪلاس پوزيشن سان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ اديب فاضل سنڌي (ٻيو نمبر) 1959ع ۾ اديب فاضل اردو 1964ع ۾، بي.اي 1970ع ۽ منشي فاضل فارسي (پهريون نمبر) 1970ع ۾، ايم.اي سنڌي (گولڊ ميڊلسٽ)، 1973ع سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. سنڌ يونيورسٽي جي رڪارڊ موجب پاڻ پهريون پرائيويٽ شاگرد هئو، جنهن گولڊ ميڊل حاصل ڪيو.

پاڻ 3- نومبر 1954ع تي پرائمري استاد طور پنهنجي نوڪري شروع ڪيائون، بعد ۾ سيڪنڊري استاد، ايجوڪيشن سپروائيزر، م.د اورينٽل ڪاليج حاجي محمد عالم پلي ۾ اعزازي طور سنڌي جا ليڪچرار ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ سنڌي جا سبجيڪٽ اسپيشلسٽ پڻ رهيا.

پاڻ 1945ع کان شاعري شروع ڪيائون ۽ 1950ع کان نثر ۾ لکڻ جي ابتدا ڪيائون. لوڪ ادب جي سهيڙ 1956ع کان ۽ تحقيق جو ڪم 1960ع کان شروع ڪيائون. تصنيفات جي سلسلي ۾ ٽوٽل سندن 89 ڪتاب لکيل آهن، جن ۾ نظم جا 36 ۽ نثر جا 53 ڪتاب آهن.



محترم معمور يوسفاڻي لڳ ڀڳ نظم ۽ نثر جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندن پسنديده موضوع، مذهبيات، لطيفيات، لسانيات، گرامر، تاريخ، جاگرافي، ڪلچر، آثارِ قديمه، لوڪ ادب ۽ تنقيد هئا. ان کان علاوه هڪ سفرنامو ۽ ڪيترين ئي طبعزاد تحريرون، طنز ۽ مزاح ۽ سماجي اصلاح سندن تخليقن ۾ شامل آهن.

علمي ادبي جدوجهد ۽ خدمت طور ڪيترائي علمي ادبي مقالا، ادبي ڪانفرنسون، مشاعرا ۽ سيمينار منعقد ڪرايائون. پنهنجي وقت جي تمام گهڻين علمي ادبي تنظيمن جا ميمبر رهيا ۽ ڪافي تنظيمون پاڻ ناهيائون. جيڪي به تنظيمون پاڻ ناهيائون ان طرفان نه صرف ڪانفرنسون ۽ مشاعرا منعقد ڪرايائون. بلڪ سندن رهبري ۽ رهنمائي ۾ ڪيترا ڪتاب پڻ شايع ڪرايائون. اهڙين تنظيمن جي وڏي لسٽ مان بزمِ علم و ادب صوفي فقير، بزمِ طالب المولىٰ شاخ پٿورو ۽ بزمِ طالب المولىٰ شاخ صوفي فقير، بزمِ طالب المولىٰ سنڌ، سنڌي ادبي سنگت، اداره نوائے ادب ڳوٺ خانصاحب عطا محمد پلي، مهراڻ اڪيڊمي سنڌ، گرهوڙي يادگار ڪميٽي، ٿرپارڪر ڪلچرل سوسائٽي، ٻارڙا پبليڪيشن عمرڪوٽ، سنڌ لطيف ادبي مجلس، محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي، صائم اڪيڊمي ٽنڊو جان محمد، چانڊيا پبليڪيشن- دڙيلو، رهبر ادبي سوسائٽي تنظيم فڪر و نظر سنڌ، قاصر اڪيڊمي ميرپورخاص، تاج اڪيڊمي جُهڏو ۽ لاڙ ميوزم بدين خاص آهن.

ڪين ڪافي علمي ادبي انعام ۽ سرٽيفڪيٽ مليا. انهن جي به طويل لسٽ آهي. جن مان، پراڻ ادبي ايوارڊ، لوڪ ادب ايوارڊ رهبر ادبي ايوارڊ، هجري ايوارڊ، عالمِ لطيف ايوارڊ ۽ سندن وفات بعد شاه عبداللطيف ايوارڊ خاص آهن.

معمور صاحب، صاحبِ فن ۽ استاد شاعر هئو. غزل ۾ سندن استاد سيد گل حسن شاه مجذوب عمرڪوٽي هئو. سڄي سنڌ ۾ سندن

ادبي شاگرد جو وڏو تعداد آهي. ڪجهه مشهور ادبي شاگردن ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ’شام‘، محترم ولي سروري، ولي محمد وفا پلي، رحيم بخش قمر لاکو، الله بچايو ’مشتاق‘ آريسر، عبدالواحد ’عاصي‘ هڪڙو، تاج محمد ’تاج‘ هاليپوٽو، حنيف عاطر، زاهد ڪنيار، محمد مننار هوت، غلام حيدر غمدل سيال (صاحبِ ديوان)، قاضي عبدالرحمٰن هاليپوٽو (صاحبِ ديوان)، العبد راهي، لياقت جوڻيجو، مير اصغر ٽالپر، دين محمد سجاڳ، سيف خالد يوسفاڻي، احمد خان کيريو، نم ناز، ثاقت آريسر، منظور شاهه ۽ راقم سميت ٻيا به جهجها نالا آهن. اگر انهن جي لسٽ ٺاهبي ته تعداد محتاط اندازي موجب هڪ سؤ کي وڃي پهچندو.

پاڻ نه صرف نظم پر نثر جي معياري تحقيقي اصلاح پڻ ڪندا هئا. م.د اورينٽل ڪاليج ۾ ايم.اي سنڌي جي ڪيترن شاگردن کي پاڻ آخري سال جي چوٿين پيپر ۾ مونوگراف لکايائون ۽ نوان محقق تيار ڪيائون. سنڌي ادبي بورڊ جي، ڊاڪٽر نبي بخش خان جي سربراهي ۾ ٺهيل لوڪ ادب اسڪيم لاءِ جهجهو مواد سهيڙيائون. جيڪو لوڪ ادب اسڪيم جي مختلف ڪتابن ۾ موجود آهي. ان کان علاوه بدين ثقافتي ميلي، سنڌ پراونشل ميوزم جي هنرن جي ڪانفرنس، شاهه ولي الله اڪيڊمي، پٽ ثقافتي مرڪز، ٿرپارڪر ڪلچرل سوسائٽي ۽ تماهي مهراڻ جي مشاهير نمبر لاءِ نه صرف پاڻ تحقيقي مقالا لکيائون بلڪ پنهنجي ڪيترن ئي شاگردن کان ڪافي سارا تحقيقي مقالا لکايائون. جيڪي مختلف ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن. سندن حياتي ۾ تمام گهڻن علمي ۽ تحقيقي مقالن کان سواءِ جيڪي ڪتاب ۽ ڪتابي سلسلا پاڻ شايع ڪيائون اُهي هيٺ ڏجن ٿا:

(1) آڏي ڍال مَ ڍار (نظم)، (2) پکن منجهه پساهه (نظم)، (3) ستا اُٿي جاڳ (نظم)، (4) ڏاهر (نظم)، (5) مذهب ۽ تصور ڪائنات



ترجمو، (6) مهراڻو (ڪتابي سلسلو)، (7) امراڻو (ڪتابي سلسلو)، (8) ڏيهي ڏور (ڪتابي سلسلو).

هنن اَنن ڪتابن کان پوءِ سندن وفات بعد هيٺيان ڪتاب شايع ٿيا:

(1) ست سورهيه ڏهه ڏاتار، (2) لطيف جا ٽر تان ٽيرا، (3) ڍوليو ڍٽ ڌڻي، (4) ڀٽائي جو مطالعو، (5) سنڌ ۾ شاهه ولي الله جا همعصر بزرگ، (6) ڪاٺو ڪمايوم، (7) مُهراڻي جا مور، (8) مُهراڻي جو مير، (9) پنهوارن پچار، (10) پکن منجهه پساهه (ٻيو وڌايل ڇاپو).

ان کان پوءِ سندن سوانح جي مطالعي تي هيستائين هيٺيان ٻه ڪتاب اچي چڪا آهن: (1) ٻيباڪ شخصيت (الله بچايو مشتاق آريسر) ۽ (2) جيڏو سچ سهاءُ (مرتب: اسد جمال پلي).

معمور يوسفاڻي صاحب کي جيڪو پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت سان پيار هئو ان جو اظهار قلم ڪانسواءِ هڪ ميوزم جو سامان گڏ ڪري پڻ ڪيائين. پاڻ پنهنجي سر ۽ پنهنجن دوستن جي مدد سان ڪافي سارو قديم سامان جنهن ۾ ٻَرت جا نمونا، سِڪا، ماپ تور جا اوزار ۽ ٻيون شيون گڏ ڪري ان کي ”پلي ميوزم“ جو نالو ڏنائون. هن ميوزم ۾ هڪ بين الاقوامي نمائش ۾ ٽن ڏينهن لاءِ ڪيائون. ان کان پوءِ هڪ نمائش وري ميرپورخاص جي هڪ جشن ۾ ڪيائون. هن وقت اهو سڀ سامان ڪنهن مناسب ’بلڊنگ‘ جي انتظار ۾ سندن پونئيرن وٽ محفوظ آهي.

معمور صاحب وٽ ڪلهوڙا دؤر کان وٺي پنهنجي بزرگن جا ڪيترائي قلمي مسودا ۽ بعد ۾ ڇپيل ڪتاب موجود هئا. جنهن ۾ پاڻ خاطر خواهه اضافو ڪري هڪ لئبرري تيار ڪيائون. هن وقت الحمدلله سندن ڳوٺ ۾ هڪ عاليشان لئبرري موجود آهي، جنهن ۾ روزبروز ڪتابن جو اضافو ٿيندو ٿو رهي. پاڻ 24- ڊسمبر 1993ع تي فجر مهل

ڄام شورو ۾ وفات ڪيائون ۽ سندن تدفين پنهنجي ڳوٺ حاجي نبي بخش پلي ضلع عمرڪوٽ ۾ ٿي.

ديوان بابت: سنڌي شاعري ۾ فن ۽ فڪر جي لحاظ کان ديوان معمور جي هڪ خاص حيثيت ۽ اهميت آهي. معمور صاحب 1945ع ۾ سورنهن سالن جي ڄمار کان شاعري شروع ڪئي. روايتي طور پنهنجي ذات 'پلي' کي ابتدا ۾ تخلص طور استعمال ڪيائون. شاعري ۾ سڀ کان اول مولود شريف لکيائون. شايد ان ڪري به ته پاڻ سنڌ جي صفِ اول جا مولودي ۽ اڳواڻ هئا. ڪجهه مولودن ۾ پنهنجو نالو 'عمر' به تخلص طور ڪم آندائون. بعد ۾ جڏهن ڪافيون لکيائون ته 'معمور' تخلص استعمال ڪيائون. غزل جي شاعري ۾ 'خالد' ۽ 'غمناڪ' تخلص ڪتب آندائون. ڪجهه وقت بعد 'غمناڪ' تخلص اردو شاعري لاءِ مخصوص ڪيائون ۽ مستقل طور معمور جي تخلص سان 'معمور' ٿي ويا.

کين سنڌي نظم جي لڳ ڀڳ پنهنجن خواه پراين سڀني صنفن تي مڪمل عبور حاصل هئو. مولود، بيت، ڪافي، وائي، غزل، مثنوي، هائيڪو، ترائيل، سانيٽ، آزاد نظم ڪانسواءِ ڪيترائي معرڪ آزاد نظم پڻ لکيائون. ساڳي وقت سنڌي گرامر ۽ خاص طرح علم عروض تي مڪمل دسترس حاصل هئي. مون کي "هڪ ڪچهري ۾ محترم عبدالقيوم صائب ٻڌايو ته کين "عروض جا اهڃاڻ" لکڻ وقت ڪجهه بحرن جي وزنن ۾ غزل جا اشعار کپيا ٿي جيڪي معمور صاحب کانسواءِ ڪنهن به شاعر دوست لکي ڪونه موڪليا. حالانڪ مون سڀني سنڌي زبان جي شاعرن کي نينڊ موڪلي". معمور صاحب کي طرح مصرع ۽ في البديهه شاعري تي به ملڪو حاصل هو. سندن في البديهه شاعري جو مظاهرو ان وقت عروج تي هوندو هو جڏهن پاڻ اسٽيج تي انائونسمينٽ ڪندا هئا.

معمور صاحب راڳ جو ڄاڻو هو ۽ خوش الحان هو. اڪثر مشاعرن ۾



ترنم سان شعر پڙهندو هو ته محفل تي سحر طاري ٿي ويندو هئي. هن سلسلي ۾ سندن ڇپيل شاعري جي ڪتابن، پکن منجهه پساهه (ڇاپو ٻيو) ۽ پهنوارن پچار ۾ مڪمل تفصيل موجود آهن.

پاڻ ناري پٽ ۾ قبله مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب جن جي رهنمائي ۽ صدارت ۾ ٿيندڙ سڀني مشاعرن جا منتظم به رهيا ۽ اسٽيج سيڪريٽري پڻ رهيا. هنن ادبي ميڙاڪن ۾ پاڻ ڪيترن ئي مقامي ڪهنه مشق ۽ نون شاعرن کي متعارف ڪرايائون. هنن ادبي ڪانفرنسن ۽ مشاعرن ۾ قبله مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين سان گڏ ڪيترائي سنڌ جا ٻيا مشهور معروف شاعر شريڪ ٿيندا رهيا جن ۾ سرشار عقيلي، غلام محمد گرامي، امير بخش امير قريشي، حسين بخش خادم ۽ شبير هاتف شامل هئا.

پاڻ 1987ع-1988ع واري دؤر ۾ سنڌ ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جا ميمبر ۽ ٽماهي مهراڻ جي ايڊيٽوريل بورڊ جا ميمبر پڻ هئا. ان وقت پاڻ هن ديوان جو منتخب حصو سنڌي ادبي بورڊ جي مسودن ۾ شامل ڪيائون. هن وقت بورڊ جي چيئرمين سائين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' صاحب جي حڪم تحت بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽي هن ديوان جو مسودو مڪمل ڪرڻ لاءِ منهنجي حوالي ڪيو. آئون هن ديوان جو مڪمل نسخو پهريائين ترتيب ڏيئي چڪو هئس ۽ محترم ولي محمد وفا پلي جي مشاورت سان هن ديوان تي مقدمو جناب عبدالقيوم صائب کان لکرايو هئو. هيءُ ديوان مون بعد ۾ ڪمپوز ڪرائي پبليڪيشن ڪميٽي جي چيئرمين محترم ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ صاحب ۽ ميمبر جناب نواز علي شوق صاحب جي حوالي ڪيو. جن محترم چيئرمين صاحب مخدوم سعيد الزمان عاطف صاحب کان منظوري وٺي، بورڊ جي پبليڪيشن شعبي ۾ ڇپائي لاءِ ڏنو.

هيءَ ديوان جنهن زماني ۾ لکيو ويو تڏهن اجان ’ق‘، ’پ‘ کانپوءِ ۽ ’ج‘ کان پهرين لکبو هو، هتي انهيءَ ترتيب کي برقرار رکيو ويو آهي.

فن ۽ فکر ۾ معياري ۽ مهذب شاعري جو هيءَ ديوان پنهنجي مواد ۾ تمام گهڻا موضوع رکي ٿو. خاص طرح لغت، زراعت ۽ ٻهراڙي جي راندين ۽ ماحول مان ورتل استعارا ۽ تشبيهون، مئڪده جو روايتي ماحول جيڪي اڳتي هلي ساقي اعظم جي هٿان آبِ ڪوثر جي عنايت ٿو ڪري، حڪمت ۽ ٻهراڙيءَ جا ڏنڊا ڏاڙيون، شاعري جون صنعتون، رديف ۽ ڪافيا، شاهه جي رسالي جي موضوعن جي ترجماني، اعليٰ انساني خصلتن سچ ۽ ڪوڙ سان گڏ امر ۽ نهي جا اشارا به هن ڪلام ۾ موجود آهن. پنهنجي قوم کي سجاڳي جو سڏ، نوجوانن جي تربيت ۽ ڪين توحيد ۽ رسالت جي حڪمن جو گس سونهائڻ کان پوءِ پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت سان پيار ۽ سماجي براين کان نفرت ۽ دوريءَ جو تاڪيد به هن ڪلام ۾ زوردار طريقي سان ڳالهائي ٿو. موسمن جا وقت ۽ تبديليون ۽ اسلامي تصوف جا رنگ به هن ڪلام ۾ جهلڪن ٿا. انشاء الله اسين ڪوشش ڪنداسين ته هنن موضوع تي دؤر حاضر جي نامور شاعرن کان تفصيلي مضمون تحرير ڪرائي هن ديوان جي رهبر طور هڪ ٻيو ڪتاب پڙهندڙن کي پيش ڪريون.

آخر ۾ عبدالقيوم صائب ۽ ولي محمد وفا جي لاءِ دعاءِ مغفرت بعد سڀني مهربانن جو شڪريو جن هن ادبي ڪم جي تڪميل ۾ اسان جي مدد ڪئي. سيف الله خالد جنهن هن ديوان جي پروفن ڏسڻ ۾ تعاون ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي سڀني ميمبرن، سيڪريٽري، پبليڪيشن ڪميٽي جي ميمبرن، پبليڪيشن شعبي جي ذميوارن ۽ خاص طرح بورڊ جي مانواري چيئرمين محترم مخدوم سعيد الزمان عاطف جي مهرباني جنهن جي سعيي ۽ تاڪيد سان هيءَ ڪم تڪميل تي پهتو.



شاعري جي محفلن ۾ سنڌ جا شاعر سڀئي،
تا چون آهن غزل معمور تنهنجا پي طرح.

(معمور)

# ديوانِ معمور



## رديف — "الف"

ڪر عنايت ۽ عطا، منهنجا خدا،
بخش ڪر منهنجي خطا، منهنجا خدا.

تون اجهو ۽ آسرو سڀ خلق جو،
ناهه تاري تو سوا، منهنجا خدا.

ڪونه ڪو احسان، ڪنهنجو تو کپي،
ٿي کپي تنهنجي رضا، منهنجا خدا.

توکنان سڀ سور، ڏک ٿا ڏور ٿين،
مهربان مشڪل ڪشا، منهنجا خدا.

تنهنجي در تي آهيان اميدوار،
سڻ عرض ۽ التجا منهنجا خدا.

مرض هن 'معمور' مذنب جي سندو،
تون ئي دارون، تون دوا، منهنجا خدا.

1968-12-12ع
صوفي فقير

❊

داستان کهڙا چوي دل، دوست جي دستور جا،
شيوهِ جورو جفا جا، درد جا ناسور جا.

لوه تي ليکو، پٽر تي چٽ چٽو، تيئن تي ويا،
منهنجي دل تي گهاوَ آهن، گلبدن جي گهور جا.

ڇڏ طبيبن تات، ويجن وات، هل هوتن طرف،
محب ڏيندا نيٺ مرهمَ، نيهن جي ناسور جا.

جي نه کنهن کان ميٽيا، سي پڪ سان ويندا ڇٽي،
هڪ نظر دلدار جي سان، چاڪ چڪنا چور جا.

ان کري شڪوي شڪايت کان رهان مان باز ٿو،
ڏِين مهڻا محب کي، ماڻهو متان ’معمور‘ جا.

5-8-1955ع
سامارو شهر



پهريائين رکي پرت، پيارو نه کرين ها،
جي قرب ڏنئي، پوءِ ته کنارو نه کرين ها.

جي ڏار گذارڻ جو ارادو تي رکيو تو!
تان اصل کان الفت جو اشارو نه کرين ها.

پينگهي جي لڳل پرت، پڄائين ها پيارا!
قهار ٿي، هيئن قرب کي کارو نه کرين ها.

محفل ۾ رقيبن کي سڏڻ، هاءِ انهيءَ کان!
مارين ها، مگر يار هي مارو نه کرين ها.

جو ديپ جلايو، تو هٿن ساڻِ حبيب آهِ،
سو پاڻ وسائي، هي انڌارو نه کرين ها.

وعدن تي ويهي مفت کئين مسکين مري ويا،
انجامُ رکيئي اڄ، سو ”تمارو“ نه کرين ها.

محفل ۾ حسينن جي، هي ’معمور‘ اوهان جو،
وسريل هو، مگر يار جي وارو نه کرين ها.

1-8-1953ع
صوفي فقير

❊

هٽ نہ اڇٽو آهہ ڪجهہ ٻيو، هٽ هلائڻ ڪانسوا.
جوڳي ٻڌجي ڪونہ ڪو، جوڳن پڇائڻ ڪانسوا.

رات ڏينهن سجدي ۾ رهہ تون، در اڳيان دلدار جي،
سرفرازي ڪين ملندي، سر نمائڻ ڪانسوا.

عشق ڏارا، عشق وارن جي نہ ڪر هرگز پڇار،
آهہ مشڪل پرت پرکڻ، پيچ پائڻ ڪانسوا.

ساهہ جو سانگو اٿئي، تان ڇو سڏايين سرفروش؟
سرفروشي ٿئي نہ حاصل، سر ڪٽائڻ ڪانسوا.

غمزدن سان گڏ رهي، ’معمور‘ غم حاصل ڪجان!
زندگي بي سود آهي، غم پرائڻ ڪانسوا.

16-11-1958ع
صوفي فقير



❊

جيئڻ توڙي مرڻ منهنجو مٿا محبوب توسان آ،
سوا تنهنجي نہ منهنجي درد جو ٻيو ڪوئي درمان آ.

سگِ در تي گذارڻ ۽ رکڻ بس پروسو تنهنجو،
اهو آ منهنجو مذهب ۽ اهوئي منهنجو ايمان آ.

سندئي ديواني جي ديوانگي جيئن تڏ ٿئي تيئن وڌ،
اڳي هو چاڪ دامان هاڻ بس چاڪ گريبان آ.

سهاري تنهنجي ڏاران اي سڄڻ ساحل تي رسبو ڪيئن؟
طلاطم خيز لهرون، رات ڪاري، تيز طوفان آ.

سندئي جورو جفا ۽ هجر جي صدمن ۽ سورن ڪان،
فغان آ بند سيني ۾ مگر هي چشم گريان آ.

نہ آ معمور کي درڪار دنيا جي نہ دولت جي،
هميشہ گڏ هجان توسان اهو ئي دل ۾ ارمان آ.
27-04-1958ع
صوفي فقير
(دادوي جي طرح مصرع تي لکيل)

❊

نہ ديوانن جون دونھيون ۽ نہ ديوانا نظر آيا،
سندن جايون مڙهيون ۽ ماڳ ويرانا نظر آيا.

خزاني جي ڪيم جان جاچ ويھي خردبينيءَ سان،
نہ رپيو روڪ ھو ھڪڙو رڳا آنا نظر آيا.

ڏٺو سون انجمن ۾ حال ابتر شمع مسڪين جو،
سڙي ٿي صبح تائين پر نہ پروانا نظر آيا.

جتي بلبل جي غلغل ۽ چتن قمرين جي ڪو ڪو ھئي،
اھي گلشن، اھي گلزار ويرانا نظر آيا.

فغانِ دل، بيانِ غم ۽ حسن و عشق جا قصا،
ڏٺم جاچي تہ سڀ احوال، افسانا نظر آيا.

پيئڻ ڪان ان ڪري محروم رھيس ميڪدي ۾ مان،
رخِ مھتاب جي اڳيان نہ پيمانا نظر آيا.

متان ٿي ميڪدو مسجد پوي، ٿيو خوف رندن کي،
جڏھن معمور ميخاني ۾ مولانا نظر آيا.

1959-03-01
صوفي فقير



❊

جتي ماه رو، ماه تابان رھن ٿا،
اتي قيديِ زلفِ پيچان رھن ٿا.

جتي محب چشمي غزالان رھن ٿا،
اتي مست چاڪِ گريبان رھن ٿا.

جتي حسن جا شاھ، شادان رھن ٿا،
اتي غرق چاهِ زنخدان رھن ٿا.

جتي آ سرِ بام، سھڻو سڄڻ،
اتي ذڪرِ ڪاڪل جا ڪوشان رھن ٿا.

جتي سک، راحت ۽ آرام آھي،
اتي درد ۽ سور مھمان رھن ٿا.

سڪونت جتي ماھرو محب جي،
اھي ماڳ محلا چراغان رھن ٿا.

معنبر، معطر زمين آه سا،
جتي دوست دلبر درخشان رھن ٿا.

بھانا، پچڻ، جھوت، ڏوران ڏسڻ،
حسينن جا ھي عام احسان رھن ٿا.

اتي آهه 'معمور' منزل اسان جي،
سچڻ يار، جت نور افشان رهن ٿا.

(اداره نوايِ ادب جو مشاعرو)



❊

اجا روح حيران پريشان رهن ٿا.
اجا گهر اميدن جا ويران رهن ٿا.

اجا سور جا ساز، سامان رهن ٿا،
اجا درد، غم در تي دربان رهن ٿا.

اجا شعر تي آه، حاڪم جو قبضو،
اجا جي حضوري سخندان رهن ٿا.

اجا سيئن روان آه، رسمِ فرنگ،
اجا نوجوان عام عريان رهن ٿا.

اجا حسن وڪجي پيو، عام جام،
اجا جسم سهڻن جا رقصان رهن ٿا.

انهيءَ حال هوندي به البت اجا،
ڪٿي ڪي دلاور درخشان رهن ٿا.

تمنا عدو جي نه ٿيندي تمام،
اجا هت ڪيئي مردِ ميدان رهن ٿا.

اجا اهڙا عاشق به موجود آهن،
جي جورو جفا تي به نازان رهن ٿا.

نہ مايوس ’معمور‘ تي هيئن هرگز،
اجا اهلِ دل ڪيئي انسان رهن ٿا.



اُتي رهندا سلا هرگز نہ ساوا،
پٽيل آهن، ٿيا جت پوءِ ڏاوا.

ڳهڻن جو اڄ ٿيو ايمان آهي،
مڪڻ، مانيون، مٺايون، مال، ماوا.

وِڏوڙن تي ڪبو ويساهہ ڪهڙو؟
چغلخورن جو ڪم چورت ۽ چاوا.

اجا تائين، پيا وٺجن ۽ وڪجن،
ڪي ملان، پير، ٻانڀڻ، ٻوڏ، ٻاوا.

نہ ماسو، نہ بہ سڏايو سير سهڪن،
هو ڳيرو ڳاڙهہ واتا، ڪالهہ ڄاوا.

هو ليلائون لڪن آخر ڪٿي؟ ڪيئن؟
ويا تي ڪرڪلو، جڏهن ڪجاوا.

ملي انصاف ڪهڙي ريت آخر؟
اڱهاٽا احمقن وٽ ڪچ، ڪاوا.

اٽاون سان پيا اٽڪون ۽ اڙجون،
نٽا سنيرون سنوان، سوڏا سٽاوا.

ميارون غير تي ’معمور‘ ڪهڙيون؟
جڏهن پنهنجا ٿيا آهن پراوا.

22-2-1969ع
هوندو پلي

❊

مٺي دل درد جا دوڏت ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا،
ٽين تا گوڙ ۽ گوگهٽ، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

ڪشالا ڪاڻ ڪوهياري، ڪيون ڪوهن ۾ ڪوڪارون،
اچن آڏا جبل، برپٽ، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

اڙانگو پيچرو اوکو ڏنگيون واٽون ورن واريون،
ڏنم ور ڪاڻ ور ونگ وٽ ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

ڪيم سڏ ڪوڪرا سهسين پڙاڏا ڪن پيا موٽي،
ٻڌم وٽڪار ۾ واڄٽ ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

بَجا دل جان هوتن ڪان سوين سورن سندا سامان،
مليا معمور منجهه مٺ ست ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

11-09-1950ع
پٿورو



❊

حڪم - حبيب مليو، اڇو چو ۽ چا سوا!
محفل ۾ اچبو آهه، تہ، اف ۽ الا سوا.

آخر ڪيوسون فيصلو، پنهنجي رضا سوا،
رهنداسون بزمِ يار ۾، چون ۽ چرا سوا.

قانونِ عشق ۾ ٿو ملي درد لازمي،
سا زيست ڪهڙي آهه، جا رنج و بلا سوا؟

زخمِ جگر، فراق، غمِ دل ۽ تشنگي،
"سڀ ڪجهه مليوسون يار ڪان، مهرو وفا سوا"

بي خوابي، انتطار ۽ اوجاڳو، آسرا،
"سڀ ڪجهه مليوسون يار ڪان، مهرو وفا سوا"

آگم اڪين تي، برهه جا بادل، ۽ رت جا لڙڪ،
"سڀ ڪجهه مليو سون يار ڪان، مهرو وفا سوا"

دردن مان لطف پورو ٿو حاصل تڏهن ٿئي،
دردن کي رکجي پاڻ سان دارون، دوا سوا.

هن جي جفا ۽ جور ڪان، ڇڏبو وفا کي ڪين،

سا انجمن بہ کھڙي، جا اهل وفا سوا.

الفت جي رسم و راهه ۾، چورڻ نہ آ روا،
ذڪرِ فراق و وصل ڪي ماهِ لقا سوا.
زخمِ جگر مان خون امالڪ وهي هليو،
دستِ حبيب ڪي ڏسي رنگِ حنا سوا.

هر هر ستائي سينو، چڪائي ڦٽن ڪي خوب،
حاصل بقا ڪبي سا، هجي جا فنا سوا.

شب روز در تي يار جي سائل تي گهاربو،
آهي نہ ڪو علاج، سڄڻ جي سخا سوا.

جنهن ڏي نگاهِ لطف سان هڪ ڀيرو تا ڏسن،
بنجي سو بادشاهه ٿو، ظلِ هما سوا.

بيمارِ عشق تي اي مسيحا ڪا مهر ڪر!
آهي نہ ڇوٽڪارو، اوهان جي عطا سوا.

اُڀرن هزارين شمس، قمر ڪوڙين مَر پيا،
ظلمت نہ ٿيندي دور ڪا تنهنجي ضيا سوا.

عاصي ڏسي عجيب، ڌڪاري نہ در تان ڇڏ،
تنهنجي عطا بہ ناهہ ڪا، منهنجي خطا سوا.



ساري ڄمار يار، سوالي تي جي رهيا،
ڪنهن ريت رهندا ڪين، اهي التجا سوا.

’معمور‘ ڪي نہ روڪ، صدائن ڪان اي سڄڻ!
سائل بہ ڪنهن جي ڪڏهن، سري آ صدا سوا.

26-9-1962ع تي لکيل
(اداره نواءِ ادب جي انعامي مُقابلي ۾ اول نمبر آيل)

## رديف — "آ"

دور منزل، راهه مشڪل، رهنما ڪوئي نه آ،
ڪيئن وڃن مشڪل ٽري؟ مشڪلڪشا ڪوئي نه آ.

رات ڪاري، تيز طوفان، ڪيئن ڪناري سو رسي؟
جنهن جي ڪشتيءَ جو ڪُنن ۾ ناخدا ڪوئي نه آ.

زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ آزمائي ڏس ڪٿي،
همزبان هر هنڌ سَوَ، پر همنوا ڪوئي نه آ.

عشق جي آزار جو ۽ هجر جي بيمار جو،
يار جي درشن سواءِ دارون دوا ڪوئي نه آ.

مه لقا، مشڪل ۾ آ 'معمور' تنهنجوا مهر ڪرا
جنهن جو حيلو ۽ وسيلو توسوا ڪوئي نه آ.

1955-12-10
صوفي فقير

(نوٽ: هي مشاعرو سرشار عقيلي جي صدارت ۾ ٿيو. جنهن ۾ شرڪا عبدالرحيم جوڻيجو، غلام محمد گرامي، اسدالله شاهه، ساجد



سرشاري، امير قريشي، بيدل، راز، لاوطن، جوڳي، ثابت علي شاهه لڪياري، ايوب فقير، جهندل فقير ڪورائي ۽ ولي سروري هئا)

جدائيءَ جي غمن ۽ سور ۾ سوچڻ بہ مشڪل آ،
اڪين جي آب هارڻ کان، رڳو روڪڻ بہ مشڪل آ.

دکن دردن جي دنيا ۾ ڪنجهڻ ڪرڪڻ بہ مشڪل آ،
وسن بادل غمن جا تا، فقط مرڪڻ بہ مشڪل آ.

ڪيان ڪهڙي تمنا يار سان خلوت ۾ گهارڻ جي،
جُتي جانب جي آ جِتهين، اتي پهچڻ بہ مشڪل آ.

چئو تا همنشينو! پر سڄڻ جي سامهون ويهي،
بيانِ دل ڪيان ڪيئن؟ ٻول هڪ ٻولڻ بہ مشڪل آ.

محبت، عشق، الفت جي اچان منزل متي آهي،
جفا هن جي وفا آهي، اهو سمجهڻ بہ مشڪل آ.

سخن "محبوب" جو 'معمور' کي وهہ جو وڻيو آهي،
"هتن سان دل ڏنم جنهن کي اتان آڻڻ بہ مشڪل بہ آ"

1955-9-15
خانصاحب عطا محمد پلي



## رديف — "ب"

ڪن کي دولت، ڪن کي دلبر، ڪن کي ٻي نعمت نصيب،
عاشقن کي آ هميشہ، هاءِ، غم، حسرت نصيب.

عاشقن جي آهہ کان لرزن زمين ۽ آسمان،
خوش نصيب آهيان، جو ٿئڙي عشق جي آفت نصيب.

هجر ۾ حيران هردم، سور جي سٽ ڇا لکان؟
سک، سراهيءَ جي بجا، رنج ۽ الم البت نصيب.

بيقراري، انتظاريءَ ۾ گذاريان ڏينهن پيو،
بيڪسي، بيچارگي ۽ بره جي برڪت نصيب.

آرزو آ، موت ڪانپوءِ من ٿئي 'معمور' کي،
در اڳيان دلدار دلبر يار جي تربت نصيب.

1955-5-24ع
صوفي فقير

التجا ٻڌ عاشقن جي، اچ **الله** ڪارڻ عجيب!
حال پس هڪوار هيٺن جو اچي حاذق حبيب.

ٿو سڪان ساريان، هنجون هاريان هميشہ هاء هاء!
هجر ۾ ٿيو حال آ بي حال، بدتر، بد نصيب.

ورهہ جا وهلور، ويڙهيندا وڇوڙي ۾ وڃن،
موٽ مشفق ماهرو، ڪرڪا نظر نازڪ نجيب.

درد جو دارون دوا، ديدار تنهنجو دلربا!
عشق جي آزار جي ڪهڙي طبابت ڪن طبيب؟

ڇو ڪرين؟ ’معمور‘ کي، مجبور ۽ لاچار ٿو،
پرچ، اچ پيرا پري! ڪر قرب، همدردي قريب.

10-8-1954ع
صوفي فقير



❊

ناز سان نازڪ بدن لاٿو نقاب،
چڻ ڪڪر مان منهن پسايو ماهتاب.

ٿي سهائو ويو سڄي سنسار ۾،
چڻ افق مان آهہ نڪتو آفتاب.

سونهن ۾ ثاني سڄڻ جو ناهہ ڪو،
حسن حضرت جو جهان ۾ لاجواب.

يار جو جلوو پسي، ٿي وائڙو،
ٿو ڪري لڪ ڇپ اجان سيئن ماهتاب.

مه لقا محبوب پنهنجيءَ مهر سان،
آهہ ڪيو احسان اڄ عاليجناب.

درد وارن جا ويا ٿي درد دور،
ٿي ويو بيدرد جو خانو خراب.

دلربا، دلدار، دلبر يار کان،
ڌار گهارڻ زندگي آهي عذاب.

هجر ۾ ’معمور‘ هردم تا رهن،
چشم گريان، شق جگر، سينو ڪباب.

1954-12-9

صوفي فقير

❊

اي دلِ مجروح عاشق چال تنهنجي آ عجيب،
درد جو درمان خود ۾ تو پچائين ٻيا طبيب.

يادگيريءَ يار جيءَ کان دم گهڙي رهه دور ڪيم،
رک تصور ۾ سدائين نازنين، نازڪ نجيب.

جي سچائي آهه تو ۾، تان سچو ڄاڻج پرين،
ڪر نه ٻي پرواهه ڪا، پوري پتر پل بد رقيب.

سمجهه سالڪ ”فاذڪروني“ جو اشارو، ڪر عمل،
تون حبيبن جو، نه حامي ڄاڻجان تو سان حبيب.

ڇو ڪرين وڏڪار ۾ واڪا، وندر ڇو ووڙيين؟
ڏس پروڙي پاڻ ڪي، تان آهه ڪوهيارو قريب.



سڀ ڇڏي سنسار جا، ’معمور‘ لاڳاپا ۽ لَههَ،
رهه سڄڻ سان ايئن سچو جيئن آ گلن سان عندليب.

1955-5-24

صوفي فقير

## رديف — "ٻ"

ٿين جيڪي رائي ۾ ٽا رويو رِٻ،
اهي ڇا لنگهيندا، اڃي ٽر جي ڏٻ؟

متان سوڪو سمجهي، وجهو پڙ ۾ پيرا
اٿو بره باري بلا، ٻوڦ، ٻِٻَ!

ڪرن ڪنڌ پر ڪيئي ڪونڌر، ڪنوات،
جڏهن يار جاني ڏئي جِهڙٻ، جهِٻَ.

تڏهن ئي اکين تان ٽا پردا لهن،
لڳي ٿي جڏهن دل کي دردن جي دِٻ.

جڏهن نفس اوجهڙ ڏي آرو ڪري،
جهلي واڳ قابو، چڪي ڏي تون چِٻَ!

حسينن ڏي 'معمور'، تڪڙو نه وڃ!
متان بنجي تون، اتهين ڪانگن ۾ چِٻَ.

1959-11-5ع
صوفي فقير



❊

اڇي جنهن کي ٿي عشق جي ڏوڻ ڏُٻ،
ٿين تنهن جي دل تي، ٽا دردن جا دُٻ.

مٿاهون ڏسي پاڻ، بانور نه ڪر!
بنا مينهن ڏس آسمانن ۾ اُٻ.

سڳا پاءُ آهن، ڪميٽو ۽ ڪانگ،
ڪري ڪانگ "ڪان ڪان" ۽ هو "لوءِ لُٻ".

رکج پير پختا، هلج هوش سان،
منديل چو طرف ڏس، هو ڳاريون ۽ ڏِٻ.

ڏنگائي سبب ٿي، هٽي ڏک ڪمان،
خطرناڪ ايئن سمجهه ڪيڙي جي ڪُٻَ.

پلي پون نه 'معمور' چٽبي اها،
ڇپر چاڙ جا ٽا، جتي ٿين ٿُٻ.

1959-4-19ع
صوفي فقير

## رديف — "پ"

بهارن جي سوپ ۽ نظارن جي سوپ،
رهي هر طرف حسن وارن جي سوپ.

ڦڪا ٽا ٽين، تڏهن "ٽم ٽم" ٽا ڪن،
ستارن تي آهي، ستارن جي سوپ.

جڏهن ڪن مان ڪشتي، سلامت اچي،
تڏهن چئبي آهي، ڪنارن جي سوپ.

اڍائي گهڙيون آهہ، چٽ جي چمار،
هميشہ نہ رهندي، هچارن جي سوپ.

سڄڻ کي ملڻ صبر وارا وڃيو،
رهي ڪين ٿي بيقرارن جي سوپ.

سڄڻ مام سمجهي، سڏي پاڻ ڏي،
نہ چئبي اکين جي اشارن جي سوپ.

ٿو هر ڪو ٻڏي هٿ، حسينن اڳيان،



مگر آهہ 'معمور' پارن جي سوپ.

12-12-1968ع
صوفي فقير

❇

ٿهرجي ويهه جاءِ هڪ تي، هج نه هَنيُ،
مات ڪر اختيار، گابي جيئن نه رَنيُ.

تي سڏو، هڪ هنڌ ڪڙو ٿئي ٿو جڏهن،
گهر سڄي جو ٿو اٿائي بار ٿَنيُ.

سک سبق پاڻيءَ کان تبديليءَ سندو،
ڪوسو گرميءَ ۾ رهج، سرديءَ ۾ ٿَنيُ.

دل جي داغن کان، نه دل ڪمزور ڪر،
سور جي لئه، آخري حيلو آ ڏَنيُ.

آدميءَ جو آ سهارو عشق ايئن،
جيئن اڏامڻ لئه پکيءَ کي آهه ڳَنيُ.

ڪاڄ جي ’معمور‘ هي آهي تميز،
ڪڻ ڳره نندڙا هميشه، هڻ نه جَنيُ.

1959-4-24



حيدرآباد سنڌ.

❊

وار ڪن، هر وار گڏجيو، وار سپ،
مار ڪن ٿا، ٻٽجي زهري مار سپ.

مهرباني عشق جيء سان جڳ مٿي،
ڪن حڪومت حسن وارا يار سپ.

ٿو نمائي ناٿ، ناتو نيهن جو،
لئون لڳڻ سان، ٿا وڃن ويچار سپ.

عشق جو لاچار، سو لاچار آهه،
لوڪ جا لاهيو ڇڏي، لاچار سپ.

ورهه ايندي ئي وڃايو ٿو ڇڏي،
سينڌيون، سرما، سڳيون، سينگار سپ.

فضل مولا جو سدا درڪار آهه،
ڇا ٿيو جي يار ٿيا اغيار سپ،

ٻاجهه سائين جي جڏهن ’معمور‘ تي،
بس انهي دم ئي لٿا آزار سپ.



3-8-1959ع
حيدرآباد سنڌ.

## رديف — ”ت“

گلاب، موتيو، چنبيلي، مروو، رهن ٿا جيئن ڪنهن چمن جي زينت،
غرور، مستي ۽ ناز، نخرو، ٿين ٿا تيئن سيم تن جي زينت.

رهي ٿو سيني شين جو هڪ ٻئي سان واسطو، ڪنهن نہ ڪنهن نموني،
ٿئي ٿي خوشبوءِ گلن جي زينت ۽ گل ٿين گلبدن جي زينت.

فضول خرچي ۽ عيش، عشرت سبب ٿي بدنام آهہ دولت،
سجائي موڙي نہ بنجي جيسين، نہ تيسين آهي ڪا ڌن جي زينت.

مٿيءَ تي موتي مٿان مٿايين، مٿانءِ دنيا مٿان ڪلايين!
وطن جي ٻولي، وطن جون رسمون، رواج آهن وطن جي زينت.

سپاهي سيئي ڪسن ۽ ڪسجن، رڳو ٿا جنگين جي موقعن تي،
مگر هي مينوش رند هر دم، ٿين ٿا دارو رسن جي زينت.

اي جهوپڙين جا ڏٽي، نہ سگهندين رهائي ماڙين جي مورتن سان،
هو چنڊ تارا، ستارا سارا، اصل ڪان آهن اپن جي زينت.

هڪ ئي نظر ساڻ دل ڦٽي، جنهن قرار گسيو ۽ غم ڏنائين،
فقط انهيءَ جي ئي ياد هاڻي رهي ٿي ’معمور‘ من جي زينت.

1960-12-25ع



حيدرآباد سنڌ

## رديف — ”ت“

رهيو جن سان ساون ۽ نيرن جو ساٿ،
انهن سان ملن ۽ پيرن جو ساٿ.

تقاضا هينئر پيشوائن جي آهي،
”هجي شال سيئن ۽ شِيرن جو ساٿ!“

ترقي جي بدران، تباهيءَ ڏي ويندو،
نہ جنهن ملڪ سان آ وزيرن جو ساٿ.

تمنا نہ ڪر، يار زردار جي،
غريبن سان ڪهڙو اميرن جو ساٿ.

نہ بي تاج بنجي، تون افسوس ڪر،
هميشہ نہ رهڻو آ هيرن جو ساٿ.

وڃائي سڄو ملڪ ويٺا تڏهن،
ڇڏيو جڏهن ميرن هو ميرن جو ساٿ.

هو بيوس ۽ مجبور آهن پيا،
نہ پڄري سان ڇاڄ اسيرن جو ساٿ.



اهي ئي تا دنيا ۾، ’معمور‘ سڏجن،
رهي جن سان پٽڙن ۽ ڪيرن جو ساٿ.

9-2-1960ع
حيدرآباد سنڌ.

❊

سر مٿي آهي سدا سورن جي سٽ،
جيئن وٽن ۾ پوک تي مکڙن جي رَٽ.

عشق هر انسان جي لئه آه ايئن،
اٿ کي ناکيلي، ڏڳي جي لاءِ نٿ.

عشق ۾ الفت جو اندازو نہ پڇ!
ڪانہ آهي قرب جي دنيا ۾ کٽ.

ورهہ وارن کي نہ هرگز ويڙ چئو!
جڳ ۾ ٻي ڪا ورهہ جهڙي ناهہ وٿ.

هجر تنهنجي ۾ مٺا ’معمور‘ جا،
حال هيٺا ٿا رهن، رک هوت هٿ.

3-2-1959ع
حيدرآباد سنڌ



## رديف — ”ٿ“

اڇي جاء جنهن، عشق جي ٿي اساٿ،
ڪريو اٿ پون، ڪوڙين ڪونڌر، ڪنواٿ.

ٻري باهہ جتهين، جلي جاء سا،
ڦٽي ننڊ تن جي، لڳي جن لپاٿ.

اهي ئي ڦٻن چور، چوريءَ ۾ ٿا،
اٿيو رات آڌي، هٽن جي ٿا ڪاٿ.

ٻئن ڪاڻ ”ٻاروهي“ اونڌاهہ آهہ،
پٽي اک انهيءَ جي، چکي جنهن چماٿ.

هي دل جو ۾ دنيا جو دستور آهہ،
ڪٿان واهہ نڪرن، ڪٿان ٿين ڦاٿ.

اهي ڪين هارين ۾ آهن شمار!
لٽي سج سين جي نہ ڪيٽرين جاٿ.

ٻيا گس، ڳليون، رند، راهون ڇڏي،
جا منزل رسائي، اها وٺجي واٿ.

**پليو ميڪدي ڪان نہ ’معمور‘ ڪي،**
**رهي سو نہ سگهندو، چڪي جنهن چساٽ.**

15-5-1959ع
حيدرآباد سنڌ.



❊

**راهہ مشڪل، رڻ ۾ رائو، اڙ نہ اوٽ،**
**آ گهٽو منزل پري، اٽ ڪر ڪا چوٽ.**

**ڪيم ويساهين سو ڪائي واٽ ۾،**
**پنڌ جنهن ڪي آهہ ڪرٽو اوٽ موٽ.**

**جنگ، جوڌا، جهڙپ سان جهٽيو رَسن،**
**ٽا ٽلن ٽيڙيءَ سان، ٽُڪرن توڙ، ٽوٽ.**

**عشق مرشد جو، نہ منزل جي تلاش،**
**رۀ ڪريو رانپاڙ ڪن ٽا، ڪايو روٽ.**

**سڌ ڪندي پيي، ڪين سڪٽي ڏي ڏسن،**
**ات سلامي سئو ٽين، جت سئو جا نوٽ.**

**جاچي جوچي پير ڪڻ ۾ وڪ وڌاءِ!**
**”ڏار“ دنيا جي وجهي ٽي گهايو گهوٽ.**

**پر سگهو ’معمور‘ پيپر، ٽي ڪڙو!**
**ٽين هاٽي ٽا هتي، سهٽن جا ووٽ.**

19-5-1959ع
حيدرآباد سنڌ.



*

نہ بوتل انهن جي جهلي سگهندي جهٽ،
پيئن جيڪي تا مهل تي مَئہِ جا مٽ.

‘تنن- تن’ سان جا نظم گوئي ٿيي،
نہ آ شاعري، آهہ لَفظن جي رٽ.

رياضي جو ماهر نہ ٿي سگهندو سو،
نہ ڄاڻي جو تقسيم ۽ جوڙ، ڪٽ.

حڪيمن جا حيلا نہ هلندا اتي،
جتي درد دل جو ۽ فرقت جا ڦٽ.

سکر ۽ سياڻا ڪڇن ڪين ات،
جتي جَهَل ۽ ٻيو هٽن ڇاڙ ڇٽ.

اٻوجهن ڪي ۽ جاهلن ڪي هميشہ،
پلائين ٿا پوپ ۽ پان، پٽ.

خزانو فقط علم آ لازوال،
ملي جت سو جڏهن وڃي وٺجي وٽ.

برائي بلا آ، پري تنهن کان رهہ!
سڪي پوک سا ٿي، لڳي جنهن کي لٽ.

نہ مايا تي ’معمور‘ کر پروسو!
ڪڏهن چٽ پٽن تي، ڪڏهن پٽ تي چٽ.

22-5-1959ع
”ڳموري“ تعلقو عمرڪوٽ



❋

ڪٺي هيج جو هر، اٿي ڪيڙ ڪيٺ،
ڪَتيءَ کي ڪمائج، رکي چت ۾ چيٺ.

توڪل جو ترهو ٻڌي تار ۾،
بکون ڏي بدن کي، نہ لالچ تي ليٺ.

جي اڪرڻ ٿو چاهين تون عالمپناهہ،
سِگهو پِچ، متان ٿي وڃن بند گيٺ.

سمنڊ جا سوين روپ آهن، سنيال!
ڪٿي نار، ڪٿ ڪن، ڪٿي راس، ٻيٺ.

حرامي، حلالي نہ ٿيندو ڪڏهن،
پڇي راس ٿئي، تہ بہ مٿي آهہ ميٺ.

گهڻو ڪاچ ڏئي نند، پرتي ڪري،
هيا چڙ هبچ ڪي! پري ڪاءُ نہ پيٺ.

وڏائي ڪان ’معمور‘ پاسو ڪري،
ڪٺي هٿ ۾ هلجان، تون نوڙت جو نيٺ.

25-5-1959ع
صوفي فقير

## رديف — "ٽ"

لَها، بي لها تا لڳن جن کي لَٽ،
انهن جي بدن تي ئي، بنجن تا بَٽ.

عمل اڄ ميا آخرت لئہ ڪپن،
ڪٽي ڪاٽي سگهبا، رليءَ هڪ ۾ رَٽ.

حياتيءَ جو هي فلسفو آهہ، ٻڌ،
مرڻ ۽ جيڻ جا اٿئي پهر اٺ.

نہ ڪر ٽاڻ، ٽيڙي، وڏائو ۽ واڏ،
ڪرايو ڪُنن ۾، هزارن کي هٽ.

اٿئي مهل 'معمور'، مڙسيءَ جي هي،
اجل ايندو، ڏيندو نہ وهنوار وٽ.

25-10-1959ع
حيدرآباد سنڌ.



❊

منهنجي نوڙت، صبر ۽ هي ماٺ ميٺ،
محب کي مون وٽ نمارائيندي نيٺ.

جي ڪڙو ٻوليو قريبن، ڇا ٿيو؟
نوڪرن کي آهہ گهٽ وڌ چوندو سيٺ.

ويو سکن جو ساءُ سارو ۽ سرور!
تي جڏهن کان آ ڏکن سان ڏيٺ ويٺ.

حال دل جو اوريان، کهڙي طرح،
يار اردو دان ۽ مان سنڌي ٺيٺ.

مڙ مڻائن کان ملذذ ۽ مٺي،
هاءِ ڙي 'معمور'! هن جي هيٺ ڦيٺ.

26-10-1959ع
حيدرآباد سنڌ.

## رديف — "ث"

موت جاني جيءَ جيارا، الغياث!
بر ۾ آهيان بي سهارا، الغياث!

ناهہ ترهو، تو سوا کو تار ۾،
اڄ پرين پارس پيارا، الغياث.

سير جي سختين سٽن ۾ آهيان،
ويا وکوڙي، مڇ متارا، الغياث.

کن ۾ قابو، قيد آهيان، ڪيئن ڪيان؟
ڏور ويا رهجي ڪنارا، الغياث.

رات ڪاري، تيز لهرون، سيءَ مند،
ٻيا مٿان ڪيا مينهن مارا، الغياث.

ست ڇڏي ويو سات، ساٿا لڳ ٿيا،
ڪيئن لنگهينديس گهيڙ، گهارا، الغياث.

هيڪلن سان ٿي اچي حامي حبيب!
سات ويو ۽ ساٿي سارا، الغياث.

تو سوا منزل تي رسندا ڪين ڪي،
محب هي 'معمور' پارا، الغياث.

1956-4-24
صوفي فقير



ردیف — "پ"

ذڪر نيڪيءَ سندو نہ آهي پاپ،
تہ بہ چڱو آهہ، سا ڪجي چپ چاپ.

ڪنهن جو جيڪر ٽيڻ گهرين ٿو ڪجهہ،
ٽيين ٻيٽو مٿان، ٿجان پل ٻاپ.

عورتن ڪاڻ ڏِک آهي ايئن،
جيئن ڪہ شمع جي لاءِ آهي لاپ.

شمع جهولن جهڪن ۽ طوفان ۾،
سا وسامي ٿي، جنهن ڪي ناهي لاپ.

پاٽان وڏ ٻئي ڪي گهرڻ، آهي ڏکيو!
ٿا چون "آپ مَرندي گهوريو ٻاپ".

ڏور 'معمور'، ڪم بري ڪان رهہ!
سڏجي پاپي ٿو سو، ڪري جو پاپ.

1958-9-3ع
ٽنڊو محمد خان

*

اج اندر جي ڪان ويا تي خشڪ چپ،
دلربا درڪار آ، پاڻيءَ جي لپ.

ڪين هرگز تا ڏنگڻ ڪان سي رهن،
جي چڏيئي چوڙي ڪلهن تي سياه سپ.

تنهنجي آمد جو ٻڌي، جيڪو جڏهن،
ڏي مسرت ڪان انهيءَ جي دل تي ٽپ.

ريت کهڙيءَ سان رسان، منزل تي مان،
وچ ۾ گاڏي، چوطرف آ چيڪي گپ.

تنهن ڪي ويجن جون وڃائون ڇا ڪنديون؟
سوگهو ورتو جنهن ڪي آ فرقت جي تپ.

جت سچو سائين اچي ڪورٽ ڪندو،
ڪين هلندا، ات سنڌئي ڪوڙن جا ٻپ.

ڪنهن طرح پيي ڪين ٿئي تو ڪامياب،



جو وڃايو تو وِهي، ’معمور‘ مَپ.

1959-10-29
حيدرآباد سنڌ.

❊

ٺاهوڪا ۽ ٻت ۾ ٻريل جوان جوپ،
ٿا هلن ڏس چاڙهيو اکڙين تي ڪوپ.

پاڻ واري پون پلي، پر پون اها،
جنهن ۾ مورن، ساوڙي، مکڻي ۽ ٿوپ.

جهڙي پون آ، ڪر عمل اهڙو اتي،
”سوڙهه“ ڪٽ ۽ ”چٽ“ ڪٽي ۽ ڪٿهين ”روپ“.

ڇو نه هو ساڙهيون ٻڌي سينگار ڪن،
ٿا اسين انگريز بنجي، پايون ٿوپ.

مرد حاڪم عورتن تي مر هجن،
ساسرون هيٺان، مٿان رکجن ٿا ڪوپ.

نينهن ڏاران، نيهن جو نالو نه وٺ!
نينهن وارن کي لڳن منجهه نينهن نوپ.

سک سان ’معمور‘ سيکو ڪم ڪجان،
عشق ڏاران ٿيندي عملن ۾ نه اوپ.



1968-12-12ع
صوفي فقير

## رديف — "ق"

رڍ جي اڳيان راڳ ائين، جيئن دڙ ۾ دِڦَ،
بت نہ سٽندو بات ڪائي، تي نہ ڪِڦَ.

"سو ڍريا ۾ سو وريا" آ جنهن جو حال،
آهون دانهون ان جي آڏو، جهڙي ڳِڦَ.

سنگدل ۾ تنگدل ڪان رهہ پري،
سخت ۾ سوڙهي جتيءَ ڪان پئي تي لِڦَ.

ڪاوڙيل کي ڦير هٿ، ٻچڪار ڪرا
ٿاهجي ماني ٽٿل ٿي، ساڻ ٿِڦَ.

عاجزن اپرن سندو آڌر ٿجي،
پٽ مٿي ٿي ٿيندي آ چيٽن جي ٿڦ.

شوق تئي 'معمور' جيڪر شعر جو،
چئو سخن سچ جو سدا، ٻي ڪر نہ دڦ.

21-10-1959ع
حيدرآباد سنڌ.



❊

هجر جي صدمي ڪان روئي، تي نہ راق،
درد سانديج دل ۾، ڪڍ ٻاهر نہ ٻاق.

مور چورن تي ۽ مورن تي اٿور،
هل سياٽپ ساڻ سوچي، هڻ نہ لاڦ.

ڪم تڪڙ وارو ٿو اٽپورو هجي،
ڏار ڏيرج، ڏيان تون، ڇڏ هاڦ هاڦ.

من تئي مقصود حاصل مام ڪنهن،
آخري دم تائين، ڏيندو رهج ٿاق.

جو ڏئي 'معمور'، سوئي ڪر بيان،
شيخ وانگر ڪر اجائي ڪين داق.

7-2-1960ع
صوفي فقير

## ردیف — ”ج“

جي ٽيڻ چاهين ٿو ڪجهه، انسان ٿج!
جي نيڻ چاهين ٿو گڏ، تان نيڪي نج!

ٿو ڀلو چاهين، ڀلوڪر، سڀ سندو،
دشمنن سان ڀي برائي ڪيم ڪج.

مال تي ۽ مرتبي تي، ملڪ تي،
ڪيم بانور ڪر، ”ٻه پاڇا آهه سچ“.

ٻڙڪ ٻولي، ڪم ڪڇو ڪريين متان،
سوزَ سيني ۾ سيئي سانڍي رکج.

ٿئي ندامت ڪان متان هو شرمندو،
محب ڪي ’معمور‘، ڏوراپو نه ڏج.

1960-1-21ع
صوفي فقير



*

مهر تنهنجي هر مصيبت جو علاج،
تنهنجو درسن، دردِ فرقت جو علاج.

جنهن ڪئي تقدير پيدا، تنهن ڪيو،
ڪنهن جي هٿ ۾، ڪنهن جي قسمت جو علاج.

وصل جي مرهم سوا سنسار ۾،
ڪونه آهي، آگِ الفت جو علاج.

راهه انساني تي آڻڻ لاءِ، صرف،
جام هڪ آ، شيخ حضرت جو علاج.

پڪ سان، برباد سو ٿيندو سگهو،
ملڪ جنهن ۾ ناهه غربت جو علاج.

مهر ڪر ’معمور‘ تي اي مهربان،
تنهنجي صحبت، منهنجي وحشت جو علاج.

1959-9-11ع
حيدرآباد سنڌ.

## ردیف — ”ڄ“

ويو حاڪمن ۽ اميرن جو راڄ،
ڏسون بس ٿا، ٽيرن مٽيرن جو راڄ.

جتي هو ڪمال اڳ، اتي آ زوال،
رلن راڄواڙا، بجيرن جو راڄ.

سکر ۽ سياڻي جي ناهي پڇا،
هينئر آهہ ساون ۽ نيرن جو راڄ.

اَهيرن تي ڪنهن جي ٻڌي ڪين اک،
سيت آ سگهارن، سهيرن جو راڄ.

اتي بڻجي اسلام، اصنام ٿو،
جتي آه ملن ۽ پيرن جو راڄ.

نہ ’معمور‘ ايندي ترقي اتي،
هلي پيو اجا جت حميرن جو راڄ.

9-4-1956ع
ميرپور خاص



❊

سو نہ هٽ ايندو سُپان، جو آهہ اڄ،
ور ڪٽي، ڀيڙي مٽيون بس ڀڄ ڙي ڀڄ.

ڀل اچن طوفان، واچوڙا، جهڪون،
پير پختا جهل، پڪو ٿي، ڪيم ڪڄ.

نفس امّاري جي آمنا مڄ نہ مور،
ڇڏ هوس ۽ حرص ۾ هرگز نہ هڄ.

ڪوڙ، سچ، نيڪي بديءَ کي رک ايئن،
آڻِ چانور، تهہ، ريون ٽاري تو ڇڄ.

منهن ڪڙو ’معمور‘ ڪنهن سان ڪيم ڪر،
جو رهائي راڄ سان، سو چون رڄ.

17-1-1960ع
ڄام شورو

❊

ايندو مون وٽ محب مٺيادار اڄ،
ٿيندو مهمان مهربان منٺار اڄ.

هوت جي هيڏانهن اچڻ جو هُل ٻڌي،
دل مٿان هلڪو ويو ٿي بار اڄ.

ٻاجهه سان ٻانهيءَ کي نيندو پاڻ سان،
هٿ وٺي هو هوت هينئڙي ٺار اڄ.

ور جي ڪارڻ، ور ڪٺي، واڪا ڪري،
ور ۾ ڪنديس ورهه سان وهنوار اڄ.

گس جهلي، گيسي ڪنديس گوهر اڳيان،
من ڪري مون تي ڪرم ڪوهيار اڄ.

نفل شڪراني جا پڙهنديس نياز سان،
وٽ وراهينديس ورائي وار اڄ.

من مسرت ۾ ويو ’معمور‘ ٿي،
ٿيندو دلبر يار جو ديدار اڄ.

14-7-1957ع

ڳموري



## رديف — ”جهه“

نہ سل سور ڪنهن سان، نڪي ڪچ ۽ ڪنجهه،
نہ ڏي ڪنهن کي، پنهنجي محبت جو منجهه.

رکن ٿا ”وفاِ واٽ“ ۾ هو روا،
ڏکوين تي ڏاٻڙ، ڏمر، ڏاڍ، ڏنجهه،

سڄن سڏ انهيءَ جا، وڃيو نيٺ ٿا،
چڙهن جن جي واهر ٿا وريام ونجهه.

لکن جو ڏٺي، مور نہ لاکيٺو سڏبو،
نہ جنهن ۾ لحاظ ۽ لياقت نہ لنجهه.

گهرين جي ٿو ’معمور‘، ماٺهو ٿيڻ،
سڄڻ ساڻ محبت ۾ رهہ صبح سنجهه.

3-1-1960ع

صوفي فقير

*

نہ کي مال ۽ مالدارن جي پاجھہ،
فقط آہ درڪار يارن جي پاجھہ.

چڪورن جي چت ۾ رهي چنڊ تي،
طلب ڪين ڪن ٿا، هو تارن جي پاجھہ.

ڪڏهن ڪين قابو، ڪنن ۾ سو ٿئي،
اگر ڪنهن تي آهي، ڪنارن جي پاجھہ.

اتي قتل ۽ قيد ڪوڙين ٿين ٿا،
جتي "تيغ ابرو" ۽ وارن جي پاجھہ.

اهو مال کهڙو پياريندو ڪير؟
نہ جنهن ڏڻ تي هوندي ڏٽارن جي پاجھہ.

ڪندي چا پتر پور، خرخام جي،
جي 'معمور' آ ماهپارن جي پاجھہ.

1959-10-4ع
صوفي فقير



## ردیف — "ج"

اچي سهٹا سجڻ سائين! گهڙي مستن سان گهاري وڃ،
پياسن کي پيالا پرت وارا کي پياري وڃ!

گذاريون زندگي ڪيئن رات ڪاري ٻاٽ ۾ توريءَ،
مٺا اچ ٿورڙو مرڪي، اچي محفل اجاري وڃ!

دليون مرده ۽ افسرده، مٿان چڻ موت آ طاري،
"مسيحائيِ جهان، قم چئي، وري مردا جياري وڃ!"

طلاطم خيز لهرون، ڪن جا ڪڙڪا ۽ اڪيلائي،
مدد ڪر ناکوا، اچ هن ٽٽل ٻيڙي کي تاري وڃ!

هميشہ لئہ وڃان مسحور تي، مان تنهنجي جلوي ڪان،
خدارا ڪڻ اکيون مون ڏي، نظر ان سان نهاري وڃ!

رهان 'معمور' ۽ مسرور، ساقي سا نظر گهرجي،
ضرورت ناهہ ساغر جي، ڪٽي ٻڪ سان پياري وڃ!

1957-5-12ع
صوفي فقير

❊

ديدار سڄڻ يار، پسائي تہ ڪڏھن وڃ،
اکين سان اچي اکيون، ملائي تہ ڪڏھن وڃ.

سورن جي مٿان سور، ٿيم هجر ۾ حاصل،
اڄ بار غمن جا هي، هٽائي تہ ڪڏھن وڃ.

وعدن تي وهاري، تو سڄي عمر ستايو،
هڪ ڀيرو اچي پاڻ، پلائي تہ ڪڏھن وڃ.

مدت کان اٿم آس رکي تنهنجي اچڻ جي،
اوڏي تي اچي پير گھمائي تہ ڪڏھن وڃ.

موڳا ٿا رهن مست سوا تنهنجي سڄڻ يار،
محفل ۾ اچي موج مچائي تہ ڪڏھن وڃ.

قاتل جو نياپو هي رسيو آ، تہ اي "خالد"،
"مقتل ۾ اچي ڪنڌ ڪپائي تہ ڪڏھن وڃ".



## رديف — "چ"

آھ جت درڪار سودو صاف سچ،
ڪين هرگز ايندو ڪم ات ڪوڙ ڪچ،

ٿو نچڻ چاهين، اگر اسٽيج تي،
پردي داري کي ڇڏي، نانگو ٿي نچ.

راند تنهنجي آ، رڳو هٿ کي مَٿاءِ،
هڻ ٻہ ياراهون، وڃي هڪ ڏڪ سان رچ.

محب سان ميلاپ جي، جي سڌ اٿئي،
عشق جي آتش ۾ پروانو ٿي پچ.

حرف مان تهندي حڪايت، هوش ڪر،
ٿيندي ٿيندي، ڳالھ ٻٽبي نيٺ ڳچ.

روشني درڪار ٿيندي رات جو،
من ۾ ٻاري ڇڏ محبت جو ڪو مچ.

جنگ ڏاران ڪين بازي جيتبي،

مڙس تي، ميدان تي ’معمور‘ اڇ!

27-9-1959ع

صوفي فقير

❊

سڀ ويون اڄ واهون، اڇ!
محب موٽي پاهون اڇ!

لڳ ڏٺيءَ دلبر ٻڌي،
عاجزن جون آهون، اڇ!

محب مشفق تو اڳيان،
تو ٻڌان ٻئي ٻانهون، اڇ!

ڪيئن ڪيان؟ ڪيڏانهن وڃان؟
گم ويون تي راهون، اڇ!

بي وڙن تي پال ڪر!
اي سڄڻ اوراهون اڇ!

سڻ سڄڻ ’معمور‘ جون،



درد واريون دانهون، اڇ!

6-7-1955ع

ڳموري تعلق عمرڪوٽ

## رديف — "ڃ"

مري ڪين سگهندا محبت سان مڃ،
هنن جي جهلڻ لاءِ مندبجن تا رڃ.

ذري ڪم ڪرڻ تي، ذري ڳالهه تي،
ڪري هل هنگامون، ڪڏي هڻ نہ ڪڃ.

بري نفس کي ايئن منجهائي، ڏي مار،
وڏيرو ڪري جيئن ٿو هاريءَ تي ٻڃ.

ڏسي ڏيک دنيا جو، پلجي نہ پؤ!
سو رڻ آهہ، پانيئي جا پاٽيءَ جي اڃ.

مٿاهين تي 'معمور'، پهچن اُهي،
لين جن ۾ لئون سان لياقت ۽ لڃ.

20-9-1959ع
صوفي فقير



## رديف — "ح"

مون ڪئي سڄڻ جڏهن ڪان منظور تنهنجي مدح
دنيا سڄيءَ جو ٿي ويو دستور، تنهنجي مدح.

سڀ ڪنهن کي تنهنجي وائي، سڀ ڪنهن جي دل ۾ تون،
شاهن سان گڏ ڪري پيو مزدور تنهنجي مدح.

نعتون، غزل، قصيدا، ڪافيون ۽ ڳيت، بيت،
منهنجي ڪري ٿي آهي، مشهور تنهنجي مدح.

بيمار لئہ شفا تون، هر درد جي دوا تون،
مغموم کي ڪري ٿي مسرور تنهنجي مدح.

مخمور ٿيندي محفل، دک درد دور ٿيندا،
جنهن دم ڪندو اي جاني 'معمور' تنهنجي مدح.

31-3-1956ع
پٿورو

❊

سور صدما سئو سٺم، پر سور تنهنجا ٻي طرح،
پور ٻيا پيي تا پون، پر پور تنهنجا ٻي طرح.

چاڪ دل ۽ چاڪ سينو، آهه دامن چاڪ چاڪ،
پر گريبان چاڪ چڪنا چور تنهنجا ٻي طرح.

ڪڏهن تارين، ڪڏهن مارين، ڪڏهن مرڳو ماٺ ۾،
ساري دنيا کان سڄڻ دستور تنهنجا ٻي طرح.

حال جا، ڪي مال جا، ڪي ناز جا مغرور مست،
پر گهمن مستيءَ ۾ تا مخمور تنهنجا ٻي طرح.

مهرباني ڪنهن جي، ڪنهن تي، ڪيتري ٿي، ڇا ٿيو؟
تو نوازيو جن ڪي، سي منظور تنهنجا ٻي طرح.

شاعريءَ جي محفلن ۾، سنڌ جا شاعر سيئي،
تا چون، آهن غزل 'معمور' تنهنجا ٻي طرح.

9-7-1957ع
صوفي فقير



❊

تون ڇؤ! توسان ڪريان وعدي وفا ڪهڙي طرح؟
حڪم تنهنجو اي سڄڻ آٽيا بجا ڪهڙي طرح؟

مان گهران ٿو وصل پر تون هجر جو ٿو حڪم ڏئين!
پنهنجو هي قصو مٺا ٿهندو ڀلا ڪهڙي طرح؟

تون سهارو زندگيءَ جو! درد جو درمان تون!!
زندگي ٿيندي بسر توکان سوا ڪهڙي طرح؟

برهه جي بيمار جي هن طالبِ ديدار جي،
تنهنجي درسن کان سوا ٿيندي دوا ڪهڙي طرح؟

ويجهو ٿيندي ٿيندي، ايندي وصل واري واٽ تي!
اوچتو ٿئين پنهنجي 'خالد' کان خفا ڪهڙي طرح؟

3-9-1959ع
صوفي فقير

## رديف — ”خ“

شوخ دل ۽ شوخ منهن، گفتار شوخ،
شوخ يارن جا مڙئي اطوار شوخ.

سنگدل سختيءَ کان ايندا باز ڪيئن؟
آب اونهي جا ئي آهن آر شوخ.

وصف محبوبي جو هيءُ آهي ڪمال،
وار ڪنئرا، پر انهن جا وار شوخ.

درد، غم، دوري، ڏکا، ديوانگي،
قرب جي دنيا جا ڪاروبار شوخ.

هڪڙي گهر جا ياتي، هڪ جهڙا ڪتي؟
نرم نازڪ گل ۽ آهن خار شوخ.

دم نه هڪڙو تا ٽِين در تان پري،
يار جي درشن جا دعويدار شوخ.

آزمائش جي ڪري ’معمور‘ تا،



درمندن سان رهن دلدار شوخ.

17-9-1959ع
ڳموري تعلقو عمرڪوٽ

❊

آيو سنبري هو نصيحت ڪاڻ شيخ،
جام هڪ سان ٽٽيو جوهر-جاڻ شيخ.

ٿاڻ، ٽيڙي ٽڪرا ٿي پيا،
ديد پسندي ئي ويو ٿي داڻ شيخ.

ساري جڳ جا ملان قاضي مر اچن،
ميڪدي کان ڪين مڙندو هاڻ شيخ.

ڏيندو ڪاوڙ مان هو فتويٰ ڪفر جي،
ٿي پيو سو ڪانڌ جي آ ڪاڻ شيخ.

هٿ ٻڌيو، گوڏا پڇيو، ساقيءَ جي در،
روز شب ڏس ڪيئن ڪڍي پيو ڪاڻ شيخ.

منتظر ۽ ملتجي ميخاني ۾،

تو رهي ’معمور‘ مستن ساڻ شيخ.

1-8-1958ع
حيدرآباد



## رديف — ”د“

مٺا مهربان مه لقا ٿي مدد!
مصيبت ۾ مشڪلڪشا ٿي مدد!

تون آڌار، اولو، اجهو، اوٽ، اڙ،
نه ٻاري اٿم، تو سوا، ٿي مدد!

وئي واٽ گم ٿي، نه ساٿي نه ساٿ،
وسيلا ۽ حيلا ويا، ٿي مدد!

ويو ڪاروان، رس اچي راهبر،
سڻي سائلن جي صدا، ٿي مدد.

مصيبت ۾ ’معمور‘، توکي سڏيو،
پڙهي ”ربنا آتنا“، ٿي مدد!

4-8-1957ع
صوفي فقير

*

نحس ڏينهڙا ختم ٿي ويا، وقت آيو آ سعيد،
مهر سان محبن ڪيا پورا اچي وعدا وعيد.

ميٽجي ويا هجر جا سڀ حرف، وريو وصل واءَ،
سي قريب آهن سڄڻ، جي ٿي رهيا بيحد بعيد.

جادو چئجي، يا ڪرامت چئجي، يا ڪو معجزو،
زاهد آمدِ محفلِ جانان ڪہ، آن جامہ دريد.

تنهنجي آئي ٿيا ميلا، وڇوڙا دور ٿيا،
مرحبا صد مرحبا، صد مرحبا، اي روزِ عيد.

وصل جي واپار ۾ ڪاغذ قلم ڪي ڇا ڪبو؟
هائو گهرجي ٿي حبيبن جي، نہ گهرجي ٿي رسيد.

ڪونہ گهرجي ٿي طبيبن جي دوا ’معمور‘ ڪا،
درد وارن کي فقط درڪار آ دلبر جي ديد.

1959-4-10
صوفي فقير



## رديف — ”ڏ“

نہ سوڪي ڪرڻ آ ستارن جي سڏ،
هيون ٿي گهري حسن وارن جي سڏ.

پياسيءَ کي ڪپي پڻ لازمي ٿي،
بجا ٿا چون بره وارن جي سڏ.

پري ٿي پچاريم، تہ ڪهڙو گناهہ؟
خزان ۾ ڪبي آ، بهارن جي سڏ

تڪڙ ۾ ڪرڻ طمع بي سود آهہ،
رهي راهہ ۾ رهگذارن جي سڏ.

چئي هو، چوڻ ڏي، نہ پرواهہ ڪر،
بہ ٿي منت هوندي آ ٻارن جي سڏ.

نہ هڪ لعل سان ڪوڏ ڪوڙين پڇن،
ڪُنن ۾ ڪبِي ڪيئن ڪنارن جي سڏ!؟

زماني جي ’معمور‘ زوراوري!
گوئڙ ڪن پيا، گلعذارن جي سڏ.

6-9-1959ع

صوفي فقير

*

سَنوَنِ ڪان ئي ملن سپ ڪي ٿا وهنوار اڌو اڌ،
سنئين سينڌ سبب ئي ٿا ٿين وار اڌو اڌ.

زماني ۾ چڱن ساڻ برا لازمي هوندا،
گلن ساڻ هميشه ٿا هجن خار اڌو اڌ.

نه داخل جا ٿيي پوک ڪتابن ۾، انهيءَ جي،
وڏيري ڪان وٺن ڊل تپيدار اڌو اڌ.

نظر يار سڄڻ جي سان ٽڪر چو نه دليون ٿين،
جو طوفان وٽن جا ٿو ڪري ڏار اڌو اڌ.

لين يار ٿا دنيا ۾، فقط چند ڪي اهڙا،
اڻايو جي ڪٽن پاڻ سان آزار اڌو اڌ.



سڄڻ يار ڪي ’معمور‘، نه مجبور ڪنداسون،
جو سڪ جي سزا ۾ ٿي ملي مار اڌو اڌ.

13-9-1959ع

صوفي فقير

## رديف — ”ڏ“

ڏسي داٻ دڙڪا ۽ دهمان دوڏ،
ڇڏينداسون هرگز نہ لاڪيٽي لوڏ.

ڪُنن ڪان ڪِنارو ڪبو ڪين مور،
سپون سير ۾ ۽ ڪناري ۾ ڪوڏ.

سٺا وڙ سنڀالين ٿا سال ۾،
پڄن پٺو بنا پيا، پٽن پاس پوڏ.

ڪبوتر ڪان ڪڏهن ڪچو ڪم نہ ٿئي،
لڇائي لڪيو ڪن، ڏٻن منجهہ ٿا ڏوڏ.

زمانو سمورو گذر جو مڪان،
لڏي ويا، ڇڏي ويا، اڏي ڪيئي اوڏ.

نہ رک موهہ ’معمور‘ مايا سان ڪو،
گڏڻ دل ڪي دنيا سان، هڏي تي هوڏ.

30-8-1959ع
حيدرآباد



❊

نہ ٻارن سان ڪيڏ ۽ نہ ڊارن سان ڪيڏ،
ٿي ڪيڏاري، غم جي غبارن سان ڪيڏ.

جي جڳ ۾ ڪرڻ ڪجهہ ٿو چاهين، تہ پوءِ،
اٿي بس وڃي آبشارن سان ڪيڏ.

وڃي نيٺ نفرت جا پيدا ڪري،
اها راند هرگز نہ يارن سان ڪيڏ.

ستارن ڪي ڏسبو، تہ بس رات ۾،
نہ بي پرده ٿي، پرده دارن سان ڪيڏ.

ڪچڻ ۽ پچڻ جي جتي جاءِ ناهہ،
اٿي بس اشارن اشارن سان ڪيڏ.

ڦٽڻ ۽ نهڻ هن جو ڳنڍ ۾ ٻڌل،
حجاتو نہ ٿي حسن وارن سان ڪيڏ.

جي ڪيڏڻ گهرين راند ٿو سگّ جي،

اچي محب ’معمور‘ پارن سان کيڏ.

31-2-1959ع

صوفي فقير



## رديف - ”ڊ“

ويو ٻره جي ٻاهه ٻاري کو ٻنڊ،
پلائڻ سان پلجي نٿو باز، پنڊ.

پڪيڙي سي زلف، سامهون صنم،
منڊيو مثل ماريء جي محبوب منڊ.

تجلي ڏسي يار جي حسن جي،
لڪو بادلن ۾ وڃي آهه چنڊ.

حياتي سڄي هجر ۾ تي گذر،
ڏکن ڏاڪڙن جو مليو آهه ڏنڊ.

سگهو مل اچي هاڻ سهڻا پرين!
نه سهجي ٿو سر تي، جدائي جو جنڊ.

ڪري مهر ’معمور‘ مهجور تي،
اچي مل مٺا، ”جيئن ملن کير کنڊ“.

16-10-1955ع

صوفي فقير

## رديف — ”ڍ“

پنڌ جي پئي وئي اگر ڪنهن کي اڍ،
ڪندو سوال سهسين، لڳو ايندو ڪڍ.

رهي جڳ جي حالت، هميشه تي هيءَ،
ڏِڪون ڏئو جون ڪٽ ۾ ”ڪٿي بک جا وڍ“.

ٻه پاسو وڃي ٿو، هي دنيا جو ڍهل،
ڪٿي ”تڪ ڏنا ڏن“، ڪٿي ٻولي ”ڏِڍ“.

چڪي جنهن چڪي، سو نه هرگز رهي،
مُيون ٿيون لهن سي، چڙهن جيڪي گڍ.

وڃج وقت ’معمور‘، پورو ڪري،
ڏکن ڏاڪڙن ۾ ڏئي دل کي ڏڍ.

20-8-1959ع
پٽ شاهه



❊

ڪڍ نه ٻاهر ٻاڦ، سيني سور ساندِ،
درد دل ۾ برهه سان پرپور ساندِ.

ٻور مان مکڙي ٿئي، مکڙيءَ مان گل،
ٿو اگر ميوات چاهين ٻور ساندِ.

سانڍي سپ تي مينهن ڦڙو، موتي ٿئي،
پاڻ کي پختو پڪو ڪر، پور ساندِ.

بال گنبذ تي نه بيهٺو آ ڪڏهن،
ڪم ڪچو ڇڏ، ڪين کي ڪنٽور ساندِ.

زود رنجي، هجر ۽ جورو جفا،
مسئلا هي من ۾ سپ ’معمور‘ ساندِ.

14-8-1959
ڏورو نارو

## رديف — "ذ"

نہ آ صرف ان جو نظارو لذيذ،
سڄڻ يار جو پار سارو لذيذ.

سندس حرف کهرو ۽ کارو لذيذ،
چري چال، چڻ پڻ، چهارو لذيذ.

اٿڻ، اونگهہ، آرس ۽ آرو لذيذ،
نظارو سڄو ننڊ وارو لذيذ.

مٺي جي مٺائي، جي ناهي ڪا حد،
اشارو لذيذ ۽ ڪنارو لذيذ.

سڄي جڳ جي راحت، خوشي، عيش ڪان،
سڄڻ جي غمن جو غبارو لذيذ.

ڪجي ناز و انداز جو ڇا بيان؟
سندن هر ادا آهہ، يارو لذيذ.

محبت جو ٻيلهاڙو ڪيڏڻ جي لئہ،
ڏيڻ ۾ اڇي جو، سو ڏارو لذيذ.



خبر چار جنهن سان پوي يار جي،
اها فال وهوا ۽ ڏارو لذيذ.

پڄي باهہ کان تو پري سيڪو، پر،
محبت جو ٻارڻ ۽ ٻارو لذيذ.

وڃهن وصل جي ڪاڻ واڃهون پلي،
مگر وقت آ ورهہ وارو لذيذ.

ٿئي وصل جي واعدي مهل تو،
سو 'معمور' ماڻڻ جو مارو لذيذ.

30-11-1959ع
صوفي فقير

## رديف — ”ر“

منهنجو هتي توکان سوا آهي ڪير؟
تو جيئن پرين مون کي ٻيو چاهي ڪير؟

ڪنهن لات ۾، ڪنهن تات ۾ مستن جيئن،
طوفان ۾ منزل طرف ڪاهي ڪير؟

اميد وصلِ جام جي، ڇڏيم يار،
ٿوهر منجهان ماکي وجي لاهي ڪير؟

زخمي دلين کي دلربا، مرهم ڏيج!
ڪنير سوا، ٽوڙي، ڳنڊي ٺاهي ڪير؟

صبح و مسا تنهنجو ڪريون ٿا ديدار،
مستن سوا ڇڙهندو ٻيو ڦاهي ڪير؟

’معمور‘ پڻ مجبور آ، او محبوب!
تو سان هتي، سينو سڄڻ ساهي ڪير؟



❁

همزبان ڇڏ هاءِ گهوڙا، ٿي پريشان غم نہ ڪر،
درد، غم هي آهي باقي ڏينهن مهمان غم نہ ڪر.

ڏس ڏکن جا ڏينهن هاڻي پيا وڃن ٿيندا پري،
جلد توکي ٿيندو حاصل سک جو سامان، غم نہ ڪر.

ديس ۾ آهي اچڻ واري بهارِ جاودان،
ان طرح برپٽ مٿڙيئي ٿيندا بستان، غم نہ ڪر.

چند گهڙيون هي خزان مهمان آهي، ان کان پوءِ،
”فصل گل ايندو، وطن ٿيندو گلستان غم نہ ڪر“

ڇو وساري پاڻ کي تون ڏس پڇين ڏاهن کان ٿو،
درد تنهنجي جو نہ آهين، تون ئي درمان، غم نہ ڪر.

اختتامِ دورِ زحمت بعد اي ’معمور‘ ڇاڻ،
رحمتن جو جلد نازل ٿيندو باران، غم نہ ڪر.

27-2-1957ع

اوطاق: پير موسيٰ جان سرهندي

*

جيڪي ڪيا تو قول، سي پارِ
مجبور ڪي هيئن ڪيم تون مار.

ايڏو نہ رهہ مون کان پرين دور،
ڪجهہ ڏينهڙا مون سان اچي گهار.

هن ير نٿو پهچي سگهان، هاءِ
جلدي اچي ڪر تار مان پار.

ويڙهي ويو دردن جو طوفان،
ڏي ڪو دلاسو دل کي دلدار.

تنهنجو ئي مزدور معمور،
تنهن ڏي سڄڻ، وک وصل جي وار.



## رديف — "ڙ"

جبل جهاڳ سي ڪن، لڳي جن کي جهڙ،
ڏسن ڪين واٽون ونگيون، ور وڪڙ.

مسلسل عمل ڪن، سي منزل رسن،
پڇن ڪين هرگز تا ڳالهين جا پڙ.

ڪرڻ هيس هيٺن تي ناهي چڱي،
ڪڏهن ڪين چئبا بهادر بگهڙ.

تمنا سدائين، نہ رک وصل جي،
وري واهوندن تي ڏين ڪير ٻڙ.

نہ لاچار تي آهہ آچار ڪوئي،
جتي ڪان پري سي، لڳل جن کي جهڙ.

نہ جائز متڻ آهہ محفل اها،
هجن جت سياڻا ۽ سالڪ سگهڙ.

مٺا تنهنجي نالي کان منهن ٿيو مٺو،
وڏمُ وات ۾ ڄڻ ڪا مصريءَ جي ٽڙ.

سڄڻ يار توکان ڦريا سي ڦُريا،
اهي پار پيا، جي لڳا تنهنجي لڙ.

سوا تنهنجي سائين، سهارو نه آهه،
تون آڌار، اولو، اجهو، اوٽ، اڙ.

اهي ئي مسرت کان ’معمور‘ ٿيا،
هليا جيڪي توڙي ٻڌي حب جي هڙ.

1961-3-31ع

حيدرآباد (روپ محل-ٽنڊو ولي محمد)



❋

نه طاقت رکن ۽ هٽن خالي ڊاڙ،
اهي پنڌ کهڙو ڪندا منجهه پهاڙ.

رهن ”بشر“ سان پَل سڄي زندگي،
طبيعت نه بدلائي سگهندا ”بگهاڙ“.

رهن ٿا خوشيءَ کان سي وانجهيا سدا،
دغا جن جي دل ۾ ۽ سيني ۾ ساڙ.

نه تيسين ڪو خطري کان سگهندو ٿي پار،
برائيءَ جي جيسين پٽيندو نه پاڙ.

رهج درميانو ته چيهئون چٽين!
سکي ٿو سرو ڏس، وڃي ٻڏيو لاڙ.

سجاٽپ اٿئي عاشقن جي اها،
مٺي تي ٻرن مچ، اندر ۾ اماڙ.

مزو ناهه ’معمور‘ محبن سوا،

سڄڻ ريءَ هتي هيئن جيئڻ آهه جاڙ.

11-8-1959ع
ڳموري تعلقو عمر ڪوٽ



❊

هَيا! ڇڏ حرص ۽ هڙ هٽ،
لچائي، لوڀ ۽ لٽ لٽ.

ڪو ڏاري ڏيان، ڏيرج ڪر،
نہ ورندئي ڪي منجهان ور وڪٽ.

فضيلت ماٺ ۾ آهي،
ڪري ٿو بي حيا بڙ بڙ.

سڙي ناڙي نہ دونهون ٿئي،
سڙن تا سر، نہ ڪن نٽ نٽ.

متاهينءَ ڪان جَهڪي تي ڏس،
ڪِري پاٽي ڪري ڪٽ ڪٽ.

اهو بادل وسي گهٽ ٿو،
گهٽي ٿو جو ڪري گڙ گڙ.

نہ تي 'معمور' تون ماندو!
پلي تاڙو ڪري تڙ تڙ.

21-7-1959ع
حيدرآباد



## رديف — ”ز“

آبُ جيئن ساحل کي پائي روز روز،
تيئن پيو غم دل کي کائي روز روز.

ڏاڍ واري آگ سان، هو ماهرو،
دل جليءَ کي پيو جلائي، روز روز.

ياد ان کي شل رهان، پوءِ دلربا،
پل جفا سان آزمائي، روز روز.

پل ڪري هو ڏاڍ ۽ پل درد ڏي،
پل نوان دونهان دکائي روز روز.

ياد پلجي پي نتو جيڪو ڪري،
ياد ان جي تي ستائي روز روز.

درد ئي درمان منهنجو تي پيو،
دل کي پيو زنده بنائي روز روز.

تو گذاريان زندگي ’معمور‘ هانءِ،
درد، غم جا گيت ڳائي روز روز.

6-10-1957ع

پتورو



## رديف — ”س“

منهنجي خطا نہ ڏس تون، تنهنجي عطا کي ڏس!
پنهنجي ڪيل پرين تون، وعدي وفا کي ڏس!

تنهنجي ئي هجر ۾ ٿي بيحال، در بدر،
سختيون ستم سهان پيو، منهنجي رضا کي ڏس!

سورن جي بوجهہ ۾ پيو، لب تي آ تنهنجو نانءُ،
تنهنجي جفا کي ڏس ۽ منهنجي وفا کي ڏس!

تنهنجي ئي در سوالي، جو آهہ رات ڏينهن،
سائين خدا جي نالي، انهيءَ گدا کي ڏس!

هڪ سرڪ لئہ ستائڻ، تنهنجو نہ شان آهہ،
سختي ڇڏي اي ساقي، پنهنجي سخا کي ڏس.

مڃيان ٿو حرف مون ڏي آهن هزار، پر،
ڪجهہ تون بہ جاني پنهنجي جور و جفا کي ڏس.

’معمور‘ وڃ وانگر، منزل ڏي وک وڌاءِ،
هرگز نہ راهہ جي تون، رنج و بلا کي ڏس!

27-7-1957ع

پٽورو



## رديف — ”ش“

ناخدا کي جيئن رهي طوفان ۾ ساحل جي تلاش،
مونکي تيئن ظلمت ۾ آهي، ماھ ڪامل جي تلاش.

منهن ڏسان محبوب جو ۽ تي وڃان مخمور مان،
ڪيتري مدت کان آهي، اهڙي محفل جي تلاش.

جت قدم سڄڻ رکيا، سا خاڪ اطهر تي وئي،
چشم نابينا کي هردم آھ ان گل جي تلاش.

جيئن اچن ٽا سور سر تي، تيئن وڌي ويراڳ ٿو،
ان ڪري مون کي مدامي، آه مشڪل جي تلاش.

جي طلبگار آهين موتين جو تہ ڪڻ اڳتي قدم،
هڻ ٽٻيون اونهي ۾ اونهيون، ڪر نہ ساحل جي تلاش.

تون ئي منزل، تون ئي راهي، ووڙ ٻي ’معمور‘ ڇڏ،
پاڻ ۾ جهاتي وجهي ڪر پنهنجي منزل جي تلاش.

7-9-1957ع

پٽورو

## ردیف — "ص"

ڪيئن پلا وسري سگهي، سا راز واري رات خاص؟
جڳ ستي جنهن ۾ ڪئي سون، بره واري بات خاص!

ڪنهن بہ ويلي تون نٿو وسري سگهين، اي ماهرو!
صبح سانجهي توکي ساريان، تنهنجي وائي وات خاص.

نيڻ نيڻن سان ملائي، دم انهيءَ وئين دل ڪسي،
ڪين وسرن ٿا سڄڻ، لِڪَ سئين اهي لمحات خاص.

ياد تنهنجيءَ ۾ حياتيءَ جون گذاريان ٿو گهڙيون،
عشق تنهنجو، تنهنجي الفت، تنهنجي تاري تات خاص.

شڪر آخر نيٺ منهنجو بخت بالا تي ويو،
مهر سان محبن ڪان مليا، بره جا برڪات خاص.

مر اهي مرڪن سدا، 'معمور' مستانا ۽ مست،
جن کي حاصل جڳ ۾ ٿئڙا، درد جا درجات خاص.

26-5-1959ع
ڳموري تعلقو عمرڪوٽ



## ردیف — "ض"

خادم آهيان ديس جو، پوءِ دلربا سان ڇا غرض؟
ڪنهن جي ساره ۽ ثنا، ڪنهن جي گلا سان ڇا غرض؟

يار پنهنجي جي ڪيان ڇو؟ غير وٽ ويهي گلا،
هو رهي هر دم هيئين ۾، گڏ جدا سان ڇا غرض؟

يار جي صحبت ۾ گذري، زندگي جا پُر بهار،
هِير سا آهم هيئين ۾، هِن هوا سان ڇا غرض؟

اي طبيبو گل ٿيڻ تي آ حياتيءَ جو ڏيئو!
موت جي سڪرات واري ڪي دوا سان ڇا عرض؟

سير ۾ سختيون ڏٺم، آيو نہ ڪو امداد لئہ،
غرق ٿي ٻيڙي جڏهن، پوءِ ناخدا سان ڇا غرض؟

ملڪ، ملت جي محبت ۾ رهان 'معمور' ٿو،
مون کي ساغر ۽ صراحي جي صدا سان ڇا غرض؟

27-9-1955ع
صوفي فقير

❊

جتي آهه ساون ۾ نيرن جو فيض،
اتي ناهه ملن ۾ پيرن جو فيض.

”جو ڏاڍو سو گابو“ جو دستور آهه،
اهيرن تي آهي، سهيرن جو فيض.

لهڻ بعد ٻڌجن ڪتان ڪين تا؟
وزارت سان آهي وزيرن جو فيض.

نگهه هڪ سان ڦٽجن، هزارين دليون،
اهو آهه چشمن جي تيرن جو فيض.

لڪا تا پُٽن لوڪ ۾ لعل ڪئين!
فنا ناهه جڳ ۾، فقيرن جو فيض.

ڪري مات ’معمور‘، محفل مان پڇ!
هينئر تو هلي هت حميرن جو فيض.

1959-6-11ع



”روڙجو“ تعلقو ڪپرو

## رديف — ”ط“

هجي انڪار يا اقرار جو خط،
مٺو پانيان، مٺي منٺار جو خط.

سراهيءَ جا سوين مڻ ساڻ آڻي،
سڄڻ سائينءَ سندم سردار جو خط.

ستون سڪ جون، اکر الفت جا اڪري،
هنيون ٿو نئي، هيئين جي هار جو خط.

ڏکن، دردن جي دنيا ۾، ڏکين لئہ،
دلاسو آهہ، دلبر يار جو خط.

ڪري ’معمور‘ ٿو مُردن کي زنده،
مٺي محبوب مٺيادار جو خط.

8-4-1961ع
صوفي فقير



## رديف — ”ظ“

رهين رندن سان ميخاني ۾ جي هڪ رات اي واعظ!
وساريين ڪفر ۽ ايمان جي تون بات اي واعظ!

حسينن جي ڪشش ڪي ۽ تصور ڪي ڪمال آهي،
جتي وسري ۽ اسري ٿي، خدا جي ذات اي واعظ!

سڄڻ سان گڏ گذاريم چند گھڙيون ميڪدي ۾ جي،
وساريان تہ بہ نٿا وسرن، اهي لمحات اي واعظ!

سڄڻ جو سوز، غم ۽ ياد، آهن منهنجي لئہ ڪافي،
نہ گھرجن مون کي تنهنجا فيض ۽ برڪات اي واعظ!

نہ پلجي پيي ڪري ٿو ياد، جيڪو دم گھڙي ڪڏهن،
انهيءَ جي آهہ راتيان ڏينهن، وائي وات اي واعظ!

ٻڌان ڪيئن وعظ تنهنجو، وقت ناهي، ڇڏ پچر منهنجي!
رهن ٿا دائما دل تي، سوين فڪرات اي واعظ!

محبت جي ملي ’معمور‘، محبوبن کان مَئہ جن کي،

اهي ميخوار مستانا، نہ تيندا مات اي واعظ!

14-6-1959ع

صوفي فقير

## رديف — ”ع“

ڪين محفل محب جي ۾ يار شمع،
آهہ ٻارڻ ڏينهن جو بيڪار شمع.

جي پچڻ چاهيو ٿا، پروانئو اچو!
انجمن ۾ آهہ گهڙيون چار شمع.

عشق جي ڪورٽ ۾ پروانن ڪان اڳ،
آهہ قربانيءَ جي دعويدار شمع.

تيل، وَٽِ، گولي جي هوندي خواهہ مخواہ،
جا ڪري ”ڦڙ ڦڙ“ نہ اهڙي ڏار شمع.

جا هميشہ روشني ڏيندي رهي،
من ۾ ڪا ’معمور‘ اهڙي يار شمع.

17-6-1959ع



صوفي فقير

❊

الوداع، اي يار جاني الوداع!
دل سان ناهي، آ زباني الوداع!

اي پرين توکان سوا سنسار ۾،
زهر هوندي زندگاني، الوداع!

راتيون سڀ توسان هو راز و نياز،
ڏينهن مڙئي تنهنجا ڏاني، الوداع.

دم گهڙي سڀڪو رهيو، هليو وڃي،
جڳ جو چرخو آهه فاني الوداع!

هي غزل، هي ڳيت، ڪافيون، مرثيا،
تنهنجي آهي ترجماني الوداع!

اي سڄڻ جا سوز، غم، اي انتظار،
اي ڪرم، اي ڪامراني، الوداع!

موڪلائي، تو چيو ’معمور‘ کي،



”محب تنهنجي مهرباني، الوداع“

30-3-1961ع
حيدرآباد

## رديف — ”غ“

ويون بلبليون، ٿي ويا پيننگ باغ،
سراهيءَ جو ڪٿهين نه پسجي سراغ.

ڪندا مور ڪيڙا هئا، ڍيلن سان جت،
اتي زور آهن زاغن سان زاغ.

ڏٺا مرد موتا، متارا سوين،
ليي ڪونه ليڪن لياقت جو لاغ.

ڦٽو بخت، بيحال ٻڄي پيس،
ويو هوت هليو، ڏئي دل کي داغ.

تڏهن کهڙي ’معمور‘ ڪوشش ڪبي،

نہ وس ۾ رهيا جڏهن دل ۽ دماغ.

12-7-1959ع

صوفي فقير



## رديف — "ف"

نہ وعدو وفا ڪن، هجي تن ڪي حيف،
دغا تي دغا ڪن، هجي تن ڪي حيف.

سڏائين عاشق، مگر ڏک ۾ تا،
سڄڻ جي گلا ڪن، هجي تن ڪي حيف.

وفادار مان ۽ سڄڻ بي وفا،
اها چون چرا ڪن، هجي تن ڪي حيف.

محبت جي دنيا جا واجب، فرض،
نہ تا جي ادا ڪن، هجي تن ڪي حيف.

ڏينهان رات شڪوو شڪايت ڪري،
خفا ڪي خفا ڪن، هجي تن ڪي حيف.

محبت جا پروانا ٻڌڻ کان پوءِ،
جي درسن قضا ڪن، هجي تن ڪي حيف.

جي محبوب، 'معمور' پارن مٿي،

نہ لطف و عطا ڪن، هجي تن کي حيف.

17-7-1959ع
صوفي فقير

❋

دور غم جو آه طاري هر طرف!
آه چانيل رات ڪاري هر طرف!

ڪيئن وجي درشن ڪريان دلدار جو،
چغل ۽ چنڊال چاري، هر طرف.

يار جي آمد جو آهي هل هليو،
آه تهدل ٿي تياري، هر طرف.

ماڳ اچڻو آه موٽي مه لقا،
آه اڻ تڻ انتظاري هر طرف.

مينهن آئي، محب شايد موٽندا،
وات وائي وصل واري هر طرف.



جي اچي ’معمور‘ هو مهمان ٿي،
ٿي وڃي هڪدم بهاري هر طرف.

13-5-1959ع
حيدرآباد

## رديف — "ق"

جنهن کي مليو جامِ عشق،
سو پيو منجهه دامِ عشق.

سوئي آهي ڪامياب،
جنهن مڃيا احڪامِ عشق.

نانءَ ان جو عام ٿيو،
جنهن تي آيو گامِ عشق.

حج ان جو حق آهه،
جنهن ٻڌو احرامِ عشق.

سو نه نڪري سگهندو مور،
آيو جو منجهه دامِ عشق.

ياس، حسرت، درد، سور،
ٿو ملي انعامِ عشق.



عقل جا لومڙ پڄن ٿا،
ڏسنديئي ضرغامِ عشق.

ابتدا آسان آهي،
آ ڏکيو انجامِ عشق.

لاعلاج آهي اهو،
جنهن کي آ سرسامِ عشق.

سو ويو ٿي لازوال،
آهه جو ناڪامِ عشق.

زندگي سا، جنهن ۾ آهه،
صبح عشق ۽ شامِ عشق.

مرحبا! 'معمور' نيٺ،
ٿي ويو بدنامِ عشق.

3-4-1961ع
صوفي فقير

❊

نہ ڪٽ مستقل آ مڪانِ فراق
جهان ۾ ئي آهي، جهانِ فراق.

ٻڌائي نہ سگهبو بيانِ فراق،
وڏو آ گهڻو داستانِ فراق.

ڍهي ڪين سگهندو مڪانِ فراق،
پرين پاڻ آ پاسبانِ فراق.

سجايو انهن جو ئي چئبو سوال،
ڏنو جن کي دلدار دانِ فراق.

اهو عشق جي ڪهڙي پڙهندو نماز؟
ٻڌي جنهن نہ ڪڏهن اذانِ فراق.

لڳن ۽ چُڀن، سور ڪن ٿا، مگر،
ڏٺا ڪنهن نہ تيرو ڪمانِ فراق.

گراهڪن جي پوندي خبر هاڻ خوب،
سڄڻ آه کوليو دڪانِ فراق.



نہ ’معمور‘، وائي ڪبي وصل جي،
ملي جي وري ارمغانِ فراق.

20-7-1959ع
حيدرآباد

## رديف — ”ڪ“

**محبوب مٺا، ماهِ لقا، عيد مبارڪ!**
**دلدار دلي دوست سچا، عيد مبارڪ!**
**خوشحال رهين شال، ڏسين ڏک نہ ڪڏهن ڪو،**
**اي يار سڄڻ، محب مٺا، عيد مبارڪ.**
**آواز اسر مهل مبارڪ جو ٻڌو مون،**
**هيرُن سان ڏني مون کي هوا عيد مبارڪ.**
**حيران ڪيس هجر، ٿيو حال پريشان،**
**تقدير ڪيو توکان جدا، عيد مبارڪ.**
**جنجال جدائيءَ ڪان وڃهان پاڻ ها ماري،**
**روڪي ٿومگر خوفِ خدا عيد مبارڪ!**
**توريءَ نہ ٻيو آه، جياپو ڪو جهان ۾،**
**ڪنهن کي مان چوان، توکانسواءِ عيد مبارڪ.**
**مارين، يا جيارين، يا ڪٺي ڪين پچارين!**
**منظور مونکي تنهنجي رضا، عيد مبارڪ!**
**فاني هي جهان آه، فنا نيٺ ٿي ويندو،**
**ٿيندي نہ ڪڏهن منهنجي فنا عيد مبارڪ.**
**’معمور‘ جي هن سور ۽ ناسور جو هردم،**
**دک، درد جو دارون ۽ دوا عيد مبارڪ.**

2-7-1954ع

## ردیف — "ک"

لٻي سان لکن جي، تون لاهين ٿو لاک،
سڄي دنيا ڏي ٿي، سڄڻ تنهنجي ساک.

ٿئي دور ظلمت، اچي روشني،
مٺا منهن مان تنهنجي، ڦٽي جڏهن باک.

ڪٻا ڪين جيئرن سان شامل اهي،
دليون دونهه جن جون، ٿيا روح راک.

نه دنيا سان دلڙي اڙائج ڪڏهن!
تواڻي ٿئي سو، تکي جنهن کي تاک.

هٽان وات 'معمور' هونءَ هر طرف،
مگر تنهنجي آڏو ڦٽي ڪين ٻاک.

28-3-1961ع
هيرآباد، حيدرآباد



## ردیف — "گ"

گدڙ وينو گاڏيءَ، قضا ڪن ٿا ڪانگ،
لچن لوفرن جي، لڳي پيئي لاٽنگ.

وسن مينهن پيا، پر چري وس نه ڪوءِ،
ڊهي ويئيون ڊاٽيون، نه سانگي نه سانگ.

رهيو ڪو نه اولاد ۾ آسرو،
سهارو رهيو ڏوڪرن لاءِ ڏانگ.

وڃايو منهن جو مزو "ميڪ اپ"،
اکيون دوڙ ۾ وار بي زهر نانگ.

ويو فيض پيرن فقير منجهان،
ٿي بي اثر آه ملن جي ٻانگ.

جو چاهي سو ڪاهي، ڪڇن ڪين ٿا،
هي انسان آهن، ڪه چيلن جي چانگ.

هزارين هوس ۾ هنيا ٿا وتن،

نہ 'معمور' آهي محبت جي مانگ.

9-10-1955ع
حيدرآباد



❊

پئُ ويو تن، برھ جي جن پيتي ڀنگ،
نينھن جو نعرو هڻي، ڇڏيائون ننگ.

سک سمهن ساعت نہ هڪڙي سوزمند،
ڏيل جن جو ٿيو ڏهيون منجھ ڏک جي ڏنگ.

دل جي ديري ۾ رکن ٿا دائما،
صبر سان سوڙها ڪيو سورن جا سنگ.

لئون جِي لائِي ڳنڍ ڪريو، ورچيو وندين،
قرب جي ڪمدار سان ڪنهن ڊار ڊنگ.

سر وڍائڻ مهل سرها ٿا رهن،
نينھن جا نادان سي نانگا نسنگ.

هونءَ تہ ڪيئي دم دليريءَ جو هڻن،
پر پڇن ٿا پڙ ۾ پروانا پتنگ.

محفلِ جانان ۾ پهچن ٿا اهي،
جيڪي دل تان دور ڪن دوئيءَ جا دنگ.

جن جو ڪم ’ڀونڪڻ‘ ۽ بس ’ڪان ڪان ڪرڻ‘،
چا ڪندا ڪنهن ڪي اهي، ڪنتور، ڪنگ.
خودبخود مسموم ٿي ٿا مات ٿين،
جن جي دلين ۾ دغا ۽ زهر زنگ.

ڏينهن منجهه آ رات، ۽ منجهه رات ڏينهن،
ڪول اکيون ڏس عجب قدرت جا رنگ.

چنڊ تي جيڪي چڙهن ٿا، تن ڪي پيي،
ور ڏيو، ويڙهيو وجهن وارن جا ونگ.

برق، بادل، باد، بجلي، مينهن، موج،
حسن جا هر سو هزارين روپ رنگ.

حسن جي مڪتب ۾ حاصل ٿين ٿا،
عشق جا اوڪا اکر، الفت جا انگ.

سِرن واري سُر جي آهي سخت گهرج،
”ڪاش چارڻ بنجي ڪي چورين چنگ“

ڏيهه ۾ ناهي ڏياچن جي ڪمي،
”ڪاش چارڻ بنجي ڪي چورين چنگ“.



منزلِ مقصود ڏي ’معمور‘ هل،
روڪ توکي چا ڪندا هي رنگ ڍنگ؟

6-6-1960ع
صوفي فقير

## رديف — "ڳ"

پوي سَهٽو ٿو دک، ديدار کان اڳ،
نہ هرگز ايندو هٿ، گل خار کان اڳ.

مزو، ميناج، لذت زندگيءَ ۾،
نہ آهي عشق جي آزار کان اڳ.

انهيءَ انڪار کي اقرار ڄاڻج،
ٿيو انڪار جو اقرار کان اڳ.

ويو جو وقت، سو واپس نہ ورندو،
ڪري ويچار وٺ، تڪرار کان اڳ.

معافي من ڪري مشفق مدايون،
"نہ روءِ اي دل، سزاءِ يار کان اڳ".

نہ هل 'معمور' مرضيءَ محب جيءَ ري،
سپاهي چا ڪندا سالار کان اڳ.

29-3-1958ع
پٽورو



## رديف — "گهہ"

سدائين آ سڄڻ سردار جي تانگهہ،
اٿي ويٺي، اکين جي ٺار جي تانگهہ.

گذاري يادگيري ۾ گهڙيون پيو،
هنئين ۾ آ، هنئين جي هار جي تانگهہ.

جتي پئي واس ورتم، بلبلين جيئن،
انهيءَ گلشن، انهيءَ گلزار جي تانگهہ.

مبارڪ ءِ منور آهہ سا دل،
رهي جنهن دل ۾ ٿي دلدار جي تانگهہ.

مٺل دليون جياري ٿي سدائين،
مٺي محبوب مٺيادار جي تانگهہ.

رسائيندي وجي هڪ روز آخر،
مٿي منزل، يقيناً يار جي تانگهہ.

مدامي منهنجي من ۾ آهہ 'معمور'!

پڪي پختي پرينءَ جي پار جي تانگهہ.

6-4-1961ع

صوفي فقير

*

نہ ڪا سرت ساجهہ، نہ ڪا آهہ سگهہ،
وڏا ڪين چئبا، وڏي ٽيا جي ڏگهہ.

گلالن جي ڊوڙ آهہ، گل سينءَ رڳو،
ٻڌائين صراف هيرن جا اگهہ.

هو سينگار سر جو، هو ڍونڍين جا يار،
هنجن ساڻ کهڙي ڪندا ريس ٻگهہ.

ڏڪا ڏارين جا شرافت نہ آهہ،
چون تنهن کي چرٻو چلن جنهن سان چگهہ.

جي 'معمور' مهندار ملت جا هئا،
وڏا پيٽ ڪيائون، وڏايائون گگهہ.



9-8-1959ع

گاڏي ۾ ڳوٺ ايندي

## رديف — ”ڳ“

جنھن جي پچار، ماڪيءَ جي لار، تنھن سان پيار جو سڳ،
ڪڪرن جي ڪار، تاريڪ غار، اڪثرين جي ٿار جو سڳ.

ڪونجن قطار، ٿيندي نہ ڌار، ڪن پل هزار حيلا،
تارن جي واٽ، منجھہ باھہ لاٽ، دلدار يار جو سڳ.

گفتار يار، بجليءَ جي ڌار، چيڙي ستار ڪنھن چڻ،
روڪي ٿي راھہ، موھي ٿي شاھہ، گردن سان دار جو سڳ.

ماريءَ جومنڊ، دلين جو ٻنڌ، ڪڪرن مان چنڊ نڪتو،
اي قربدار، ٿي اچ تيار، آ جيت هار جو سڳ.

غم جا غبار، ساري چمار، جنھن ڪان اپار مليا،
تنھن ساڻ آھہ، منجھہ بره باھہ، ساري چمار جو سڳ.

ٿي ڪيم هوڙ، پرڇهي پروڙ، چا سچ ۾ ڪوڙ آهي،
گھڙيون بہ چار، آهي بهار، ڪھڙو بهار جو سڳ؟

اي بي لغام، ڪچ ڪيم خام، مولا جي نام، بس ڪر!
پرين جي ريت، پختي پريت، ڏڻ سان ڏٽار جو سڳ.



’معمور‘ مور، توڪان حضور، ٿيندو نہ دور ڪڏهن!
تو سان اي يار! دل جا قرار، آهي چمار جو سڳ.

1961-4-14ع

صوفي فقير

*

ڪڻ سمر سورن جو ۽ نانگو ٿي نِڳ،
هل وڃائي، سوز واري سُر جو سِڳ.

پهچندو منزل تي، مشڪل مان لنگهي،
درد وارو ڪو ڏنيَر، ڏوڏاٽ، ڏِڳ.

پارکو پارن تي سڀ جي پرک ڪن،
ڪو نہ هوندو آھہ، ڪنھن جي سر تي سڳ.

جهڙو منهن آ، تهڙي گهرجي مار ٿي،
آزمايل آھہ باديءَ لاءِ هڳ.

مرد سو ’معمور‘، ’مُردو‘ جنھن جو آھہ،
رت ريا ۽ موہ مشڪون، لوپ لڳ.

1961-6-7ع

صوفي فقير



## رديف — ”ل“

سڪ، سراهيون سپ چڙي، سوغات آندو سور دل،
دم نہ گھاريو تي سگھي، دردن ڪان هاڻي دور دل.

لوڪ جا طعنا ۽ مهڻا، سور، ڏک سنسار جا،
دائما دلبر جي لئہ مڙئي ڪيا منظور دل.

همنشينو! چا ٻڌايان؟ زندگيءَ جي ماجرا،
”تيز گھورن سان فسون گر، ويو ڪري مسحور دل“.

گھرج ظلمت ۾ نہ هاڻي روشني جي آ مونکي،
مه لقا جو منهن ڏسڻ سان تي وئي پر نور دل.

جن سان گذريا زندگيءَ جا چند لمحا پر بهار،
ياد ۾ انجي مدامي تي رهي ’معمور‘ دل.

1957-9-1ع
صوفي فقير

## رديف — ”۾“

منهنجو پرين ۽ منهنجو پيارو پڏرو هوت هزارن ۾،
اپ تي رات جو روشن چڻ کو آهي چنڊ ستارن ۾.

نانگ جو ڏنگيل بچي سگهي ٿو، مانگ جو ڏنگيل ڪين بچي،
واسينگن جي وهه کان وِترو، زهر آ زلفن ڪارن ۾.

ميلو منٿن جو هو جنهن سان، مان اهو محبوب ملي،
جنهن سان الفت، عشق ويو ٿي، اکين جي هو اشارن ۾.

دل به وئي، دلدار به وئڙو، حاصل ٿئڙو ڪين وصال،
آهي اوڻائي ڪا اصلي، شايد منهنجن پارن ۾.

ڏکڙن آهي ڏيل ڏکويو، ڏنڙم ڏولائن جا ڏينهن،
ڏونگر ڏورڻ ڏاج مليو ٿم، ڏنجهن ۽ ڏهڪارن ۾.

آهن ساٿي سور سدائين، ساعت هڪڙي ناهه سرور،
سهسين سختيون سرتي سٺڪن، ساوڻ، سرءِ، سيارن ۾.

گل به اهي، گلزار به ساڳي، موسم ساڳي آهه، مگر،
”واءِ وري ڪو اهڙو ويو، جو ڪانهي موج بهارن ۾“



مينهن منداتي ڪيون ملاريون، مگر ملالت مٿان نه وئي،
شايد اڄ ’معمور‘ نه آهي، موج بهار ملارن ۾.

1954-11-27ع

صوفي فقير

❊

کو اھڙو وري واءُ ويو آھ وطن ۾،
باغن ۾ بهار آھ، نہ خوشبوءِ گلن ۾.

بلبل جي بجا باغ ۾ اڄ ڪانگ ۽ چِڙا،
مورن جي مٿي لات نہ چڻ پڻ سا چمن ۾.

ساٿيهہ مان، سانگين مان وئي هاءِ سَراهي!
جهانگين جي رهي ناھ سا جهونگار جهنگن ۾.

مضمون ۾ سا موج نہ ڪو شعر ۾ سو سوز،
۽ ناھ بهاري ڪا اڳين بزمِ سخن ۾.

بلبل جي سنگت ۾ تو صداقت جا ڏٺي ٿي،
رک ڪين تمنا تون اها زاغ و زغن ۾.

سنسار سندا سور، ستم کهڙا سٺايان،
طاقت نہ رهي منهنجي زبان ۾ نہ دهن ۾.

’معمور‘، ڏسان موج ۾ غدار وطن جا،



۽ ملڪ جا غمخوار سدا غرق غمن ۾.

1955-11-6ع
صوفي فقير

❊

سگهو موٽ ساجن وري تون وطن ۾،
سوا تنهنجي ناهي بهاري چمن ۾.

سڄڻ تو سوا ڪيئن گهڙيي گهاريان،
حبيبا هيون منهنجو تنهنجن هٿن ۾.

بيان درد هجرت بڌائڻ جي لاءِ،
نہ طاقت آ منهنجي زبان ۾ دهن ۾.

جڏهن تنهنجي آمد جي پوندي پچار،
خزان ۾ بہ ايندي بهاري چمن ۾.

تمنا اوهان سان ملڻ جي پرين،
سدا محب معمور جي آھ من ۾.

1955-06-01ع

صوفي فقير



❊

ملي دوکي جو دونهون ٿو هوس وارين هوائن ۾،
سچو آرام آ پنهان رڳو رب جي رضائن ۾.

رهيو جن جي لبن تي، دل تي هر دم رب جو نالو،
اُهي ڪنهن پر ڪري سگهندا نہ غيرن جي غفائن ۾.

امارت آهي سا، جنهن ۾ جهڪن ٿا چنڊ ۽ تارا،
ٿيو ڇا جي نميا ماڻهو حڪومت جي هلائن ۾.

اُهي ئي زندگي پنهنجي بنائي ويا سجائي جي،
توڪل ۾ ٻڌي ترهو، رهيا قابو قضائن ۾.

اهي ئي سڀ آهن بزرگ، اُهي اوليا آهن،
رهن ٿا روز شب جي پنهنجي والي سان وفائن ۾.

جڏهن رب کي پڪارين ٿا، اڙانگي مان اُڪارين ٿا،
اثر مولا رکيو آهي فقيرن جي دعائن ۾.

خزائن کي ڏسي هر گز نہ ڊڄ بلبل تحمل ڪر،

بهار ايندي اها مخفي خبر آهي خزائن ۾.

نہ وڃ تون عيش کي اوڏو، جتان ڪئين اوک اُسرن ٿا،
ملي آرام ٿو البت فقيري جي خزائن ۾.

پڪارڻ تنهنجي وس آهي، ٻڌڻ ڪم آ ڪريمن جو،
گذارج زندگي ساري سڄڻ آڏو سدائن ۾.

اميرن سان گذارين پيو، غريبن کي ڌڪارين پيو،
اڙي غافل رکيو چاهي، جهان جي هن جفائن ۾.

نہ رک تون ڀروسو ڪنهنجو نہ رک تون آسرو ڪنهنجو،
فقط اُميد رک معمور شافي جي شفائن ۾.



❊

ڇڏي جي لڏ لڄ پنهنجي پيا لالچ لچائي ۾،
ٿين حاصل جنيون ۽ ڦِٽ پين منهن ڌوڙ ڇاهي ۾.

ٿين غدار جيڪي قوم سان ۽ ملڪ پنهنجي سان،
اُنهن کي سوڀ حاصل ڪين ٿيڻي آ خدائي ۾.

نہ رهہ موڳو ۽ غافل بي خبر اُن بيحيائن کان،
رهن ٿا روز شب جي لور لاٿبث لاٿوچائي ۾.

نہ ٿوڻي ٿي، نہ همٿ ڇڏ، رڳو ٻہ ٿي قدم ڪڻ اُٿ،
”نہ هاڻي دير آهي سنڌ جي جلوا نمائي ۾“

اجان ڀي جي پٽيندين ڪين اک معمور موڳا تون،
تہ پوءِ ڄاڻج هميشہ لاءِ هڄي ويندين تون هائي ۾.

1958-07-10ع
حاجي نبي بخش پلي

❊

گذ رهي جن سان گذاريم، زندگي آرام ۾،
ياد ان جي ٿي ستائي، مون کي صبح و شام ۾.

اڄ اهي رستا، گهٽيون ۽باغ پانيان بر مثال،
ڪين ساعت سک اچي ٿو، گلبدن ريءَ گام ۾.

موڪلاڻي ڪئي مسرت، ڏک اچي ڏيرو ڏنو،
وقت سڀ گذري ٿو هاڻي درد ۽ آلام ۾.

اي هوا، اي بوند، بارش، برق، بادل، اي بهار!
سڌ سڄڻ جي ڪا ڏيو مون کي خدا جي نام ۾.

مدعا من جي فقط 'معمور' محبن سان هئي،
ٿو رکڻ پانيان غلط، اهڙيون اميدون عام ۾.

1956-5-20
اوطاق پير موسيٰ جان سرهندي

❊



هر طرف جاچي ڏٺو مون، هن سڄي سنسار ۾،
فائدو ئي فائدو آ، عشق جي واپار ۾.

يار جي نوري نگاهن، جو ڪجي ڪهڙو بيان،
جنهن جي سامهون ٿين، سو پئي جيت بدلي هار ۾.

ڦوڪ، ڦيٽي، منڊ، منتر، مسمريزم، جفر ۾،
سو اثر ناهي، ڏٺو مون جو نگاهه يار ۾.

شق جگر منهنجو ويو ٿي، هڪ نظر جي تير سان،
موڪلائي وئي خوشي، ڪِرِيُس غمن جي غار ۾.

جيڪو هو 'معمور' سو، مهجور حيران ٿي ويو،
سوچ ۽ ويچار مليا، ورهه جي وهنوار ۾.

1955-1-11ع
چِليهَه

❇

تار پنهنجي نہ رک ٻي ڪهين تار ۾،
دائما يار جي رهہ طلب تار ۾.

باالیقين يار دلدار ڌاران سندئي،
ڪونہ لهندو پيو سار سنسار ۾.

جيئن ڏکن پوئتان شادماني اچي،
رمز تيئن ڄاڻ تون هن جي انڪار ۾.

هجر جي غم سهڻ سان ملي وصل ٿو،
چو، تہ گل ٿو رهي دامنِ خار ۾.

ڪين ڪي لطف سو جيت ۾ ٿو ملي،
جو مزو ٿو رهي هوت سان هار ۾.

عشق ۾ يار سان خوب ٿي ڏي ۽ وٺ،
دل ڏئي درد ورتو مون واپار ۾.

ڪين ’خالد‘ بهاري ملي سا ڪٿي،



جا بهاري ملي ڪوچئہ يار ۾.

7-12-1958ع
ڳموري

## رديف — ”ن“

پٽي پيزار پرين جي، لڳن لائڻ لڳو آهيان،
ڪجل وانگي اکين ۾ خاڪ سا پائڻ لڳو آهيان.

ڏسي سورن جي سايي کي، اڳي دل ٿي ڪيون داهون،
مگر هاڻي تہ سورن کي بہ سمجهائڻ لڳو آهيان.

وڇوڙي جي زماني ۾، رهيا مون ساڻ جي ساٿي،
انهن سورن، دکن، دردن جا ڳڻ ڳائڻ لڳو آهيان.

وڇوڙي يار جي ۾، درد جو منڙو مزو ماڻي،
ورونهہ جو وڻج ۽ واپار ورجائڻ لڳو آهيان.

حياتي سڀ ڪيم سوڙو، ڏکن، سورن جو سرمايو،

نفعي، نقصان جوغم هاڻ مان ڪائڻ لڳو آهيان.

مدايون ميٽ، اي مشفق مٺا، ’معمور‘ مذنب جون،
ٻڏي هٽڙا سنڌئي در تي مان ليلائڻ لڳو آهيان.

5-10-1955ع
جهوڪ (ميرانپور)



*

جڏهن محبوب سان مليس، نظر پهتي نظر تائين،
نظر جا تير پهتا منٽ ۾ دل ڪان جگر تائين.

نظر جي تير سان گهايل، ڪري مجروح محبوبن،
خبر جي لئہ نہ ماڻهو موڪليو ڪو بي خبر تائين.

وصالِ يار خاطر زندگيءَ جون انتظاريءَ ۾،
ڳڻي تارا وهايم راتيون ساريون سحر تائين.

پڪاريندي پڪاريندي غمن سورن ۾ گهاريندي،
”وڃي آخر ٿيو حاصل شرف، دلبر جي در تائين“

عزيزو هيءَ وصيت پارجو منهنجي، خدا ڪارڻ!
رهان محروم جيڪر وصل ڪان پوئين پهر تائين.

دلِ ويران، شهيدِ ناز جو لاشو لَٽڻ ڪان اڳ،
ڪرم سان ڪانڌيو هلجو ڪٽي، گوهر جي گهر تائين.

ڏسي ’معمور‘ جي مڙهہ کي، پلاٿيءَ سان پلو جاني،

**پري پيرا هلي من يار گورستان جي در تائين.**

1954ع

صوفي فقير



❊

**نوان قرب ۽ قرب وارا نوان،**
**اشارا نوا ۽ ڪنارا نوان.**

**حيادار چهرو، گلابي بدن،**
**پکي پيهي آيا پيارا نوان.**

**هٽي تير نيڻن جا گهايو سڄڻ،**
**ڀريا دل تي ڀارڻ ۽ ڀارا نوان.**

**فلڪ دل جو روشن ٿيو، رنگ ڪليا،**
**مليا جڏهن تارن سان تارا نوان.**

**ڪڏهن مرڪ منڙي، ڪڏهن ڪنڌ هيٺ،**
**نئين نينهن جا نت نظارا نوان.**

**چڪڻ پاڻ ڏي چرڪ، چڏ چڏ ۽ چا؟**
**تا مارين ماڻن جا مارا نوان.**

**رسڻ، راهه بدلڻ، رڪائي ۽ روڪ،**
**ملي ويا غمن جا غبارا نوان.**

محبت ۾ 'معمور' مدت کانپوءِ،
ملي ويا سڄڻ جا سهارا نوان.

1969ع
حيدرآباد



❊

تو ڪسي دلدار دليون، هڪ نظر جي تير سان،
جيئن ڪٽي ميدان غازي مرد ڪو شمشير سان.

جنهن کي وارن سان وهاٽيو، تو ڪري قابو قريب،
اي طبيبو ڪيئن ڇٽي سو نانگ جي اڪسير سان.

عاشقن جي آه و غم جو داستان آهي گهڻو،
ڪين پورو ٿي سگهي ٿو، خامئہِ تحرير سان.

سوئي لکيو لوڙڻو آ، جو لکيو آ لوح ۾،
وس هلي ٿو ڪين ڪنهن جو ڪاتبِ تقدير سان.

تو اچي فريادِ فرقت ڪان زمين ۾ زلزلو،
آسمان لرزي وڃي ٿو، نالئہِ شبگير سان.

آهون دانهون، التجائون، سڏ سٽي سهٽا پرين،
هوت حامي ٿي اچي، غم درد ۾ دلگير سان.

مهر پنهنجيءَ سان مٺا، اي ماهرو، ماهِ لقا،

مل اچي ’معمور‘ سان ايئن، جيئن ملي کنڊ کير سان.

1956-4-29ع

صوفي فقير

❊

ٻڌيون تو رنج راحت جون، فضا رنگين جون ڳالهيون،
ذرا هي ٻي ٻڌي ڇڏ، عاشقن جي دين جون ڳالهيون.

محبت، عشق جي کهڙي خبر آ مولوي توکي،
سکيو آهين، رڳو زيرو زبر تنوين جون ڳالهيون.

نبيرينديں ڀلا ڪيئن، مسئلا هي عشق جا واعظ!
نہ فيصل توکان ٿيون آهن، اجا ”آمين“ جون ڳالهيون.

نٿو مونکي سڃاڻين تون، شهيدِ ناز مان آهيان،
نہ ڪر منهنجي اڳيان هي غسل ۽ تڪفين جون ڳالهيون.

سرو بي جان جي محبوب سان ڀيٽا، معاذ الله،
نہ ڪر مون ساڻِ شاعر، يار جي توهين جون ڳالهيون.



ٻين ڳالهين ۾ ڇا ڀنهنجو؟ ڪبيون آزيون عجيبن وٿ،
سٽي ’معمور‘ من هو ماهرو، مسڪين جون ڳالهيون.

1955-10-23ع

صوفي فقير

*

اجان وري نہ واڳ تي، نہ واڳ تي وري اجان.
اجان پري مفاصلو، مفاصلو پري اجان.

اجان پري نہ پير تو، سجڻ وفا جي راهہ تي،
وفا جي راهہ تي سجڻ نہ پير تو پري اجان.

اجا ڪري نہ قرب تو، چوي پُٺو اجهو اجهو،
اجهو اجهو پُٺو چوي نہ قرب تو ڪري اجان.

اجان ٽري نٽي بَلا، پڪاريم رڙيون ڪري،
رڙيون ڪري پڪاريم، بلا نٽي ٽري اجان.

اجان ذري ڪسون، مسون، مصيبتون ڏسون،
مصيبتون ڏسون مسون، ڪسون ذري ذري اجان.

اجان وري نہ وير تو، سزا جزا ڏسي چڪو،
ڏسي چڪو سزا جزا نہ وير تو وري اجان.

اجا پري پيو چٽي پڇي ڏسو غريب کان،



غريب کان پڇي ڏسو چٽي پيو پري اجان.

اجان ڪري وڏيڪ پئي نواڻ ۾ نئين ٿهي،
نئين ٿهي نواڻ ۾ وڏيڪ پئي ڪري اجان.

اجا مري نہ ميچڙو، پڇي سڙي بچي جيئي،
جيئي بچي، سڙي پڇي تہ ميچڙو مري اجان.

*

حسينن جا پڙهندي فسانا حسين،
ڏٺم باغ، بر، ڪڪ ۽ ڪانا حسين.

ڪٺڻ سان ڪُتا ڪين، ويتر وڌيا،
سندن خال و خد جا خزانا حسين.

گذاريام جي ڪوچئہِ يار ۾،
پون ياد ٿا سي زمانا حسين.

صبحاڻي جا وعدا وري صبح تي،

نہ پلجن اهي تا بهانا حسين.

مٺا مهر ڪر، موٽ 'معمور' ڏي!
اڏيون ڪي وري آشيانا حسين.

1957-10-20ع
صوفي فقير



❊

مليو دلبر، وڇوڙو ويو، لٿا آزار، ٿيون عيدون.
دلاسا درد وارن کي ڏنا دلدار، ٿيون عيدون.

سراهي صبح کان ئي ڏس، سڄي سنسار ۾ آهي،
اچي ٿي هر طرف کان عطر جي هٻڪار، ٿيون عيدون.

بنيا گلزار گهٽيون گهر، فضا فرحت سان آهي پر،
بهاري آهہ بازر ۾، درو ديوار ٿيون عيدون.

خوشيءَ جي خلق ساريءَ ۾ پرهہ کان ڏس پچار آهي،
ڪيا سنبهي سويل آهن، سڄڻ سينگار ٿيون عيدون.

ڪيا پيمان هئا پرين، ملڻ جا جيڪي محبوبن،
عجيبن اڄ اهي پورا ڪيا اقرار، ٿيون عيدون.

هيم جا آرزو روز - ازل کان وصلِ جانان جي،
ٿيون پوريون مرادون من، همہ هيڪار ٿيون عيدون.

ويو جنجل جدائي جو، وريو آ وصل جو وارو،
نوازيو آ نظر هڪ سان، نگاهِ يار ٿيون عيدون.

ڪيو 'معمور' کي منظور محبوبن، ويا سڀ غم،
مليون دلدار سان ديدون، عجب اسرار ٿيون عيدون.

1957-6-3ع

صوفي فقير



❊

حال هن پاسي جو ۽ هُن پار جون ڳالهيون ڪريون،
جو اجڙ آهي، اُنهي گلزار جون ڳالهيون ڪريون.

دک وڏي ويو ديس ۾، اي دوستو! آ هر طرف،
دلربا دلدار جون يا دار جون ڳالهيون ڪريون.

سڀ اچو گڏجي وطن جي قوم جي خدمت ڪريون،
ڇو اجايون عشق جي آزار جون ڳالهيون ڪريون.

حال ۾ ڇا حال آهي، حال جو جاچي ڏسي،
”هم نشينو وقت جي رفتار جون ڳالهيون ڪريون.“

ذڪر مئہ، مينا ۾ اي معمور ناهي ڪو مزو،
”زيب“ سان ڇو زلف زينتدار جون ڳالهيون ڪريون.

1955-08-07
سامارو

❊

زندگي منهنجي بنايئي، دربدر اي آسمان،
ڏار ڪيڙئي منهنجا مون کان همسفر اي آسمان.

جن سان گهاريم ڏينهڙا گڏ، سي نہ ساٿي سات ۾،
حال تن جي کان رهايئي، بي خبر اي آسمان.

قرب جون جن سان ڪچهريون، روز شب ٿينديون هيون،
ڪين پهچي ٿو سگهان، اڄ ان جي در اي آسمان.

ياد ۾ ان جي گذاريان ساعتون ۽ سال ٿو،
شام کان ويهي اڪيلو، تا سحر اي آسمان.

جيڪو هو 'معمور' اڳ، ويران آهي هاڻ سو،
ان جي هي حالت ڏسي چڏ، هڪ نظر اي آسمان.

1956-5-4ع
حيدرآباد

❊

جن اجهن اولي اچيو تا رند روزانا رهن،
شال قائم قرب وارن جا سي ڪاشانا رهن.

سچ جي سرهاڻ سان گڏ حق جي هو هو هجي،
مرد جِتِ مرڪي ستا، سي ماڳ مردانا رهن.

فقر ۾ فاقو فقيرن جو سمر ۾ سوڪڙي،
ناهه غربت عيب پر جي شان شاهانا رهن.

با غ سڀ ساڙي خزان آخر ۾ ايءُ اعلان ڪيو،
گل گلابي، موتيو، چنبيلي ريحانا رهن.

سات ساري جي دعا معمور هي آهي مدام،
بر ۾ باري شال هي آباد ميخانا رهن.



❊

مهر مونتي مهه لقا ٿيندي ڪڏهن؟
حضرتا حاجت روا ٿيندي ڪڏهن؟

در مٿي دانهون ڪندي گذري ڄمار،
درد جي آخر دوا ٿيندي ڪڏهن؟

اي سڄڻ، الله لڳ جلدي ٻڌاءِ
بره جي بارش پلا ٿيندي ڪڏهن؟

منتظر مدت کان آهيان، ماهروا
لِڪ پلا، لطف و عطا ٿيندي ڪڏهن؟

رات ڏينهان جا طلب ۾ تات آهي،
انتظاري دور سا ٿيندي ڪڏهن؟

پنهنجي ’خالد‘ تي خدارا، ڇؤ ڪٿي،
خاص خلوت جي عطا ٿيندي ڪڏهن؟

19-1-1960ع
ٽنڊو ولي محمد، حيدآباد.

*

اسين ميخوار مستانا، مري ڄاڻون ۽ جي ڄاڻون،
سدائين سور ۽ سختيون سهي ڄاڻون، رهي ڄاڻون.

ڪڏهن منجهه سير ساڪِن ۽ ڪڏهن آهيون ڪناري تي،
ورهه جي وير ۾ ورتل چڙهي ڄاڻون، لهي ڄاڻون.

جي پنهنجيءَ تي اچون تان پوءِ ڀانيون سمنڊ ڀي قطرو،
جفا سهندي جدائيءَ ۾ جلي ڄاڻون، هلي ڄاڻون.

تون چوندو رهه اسان ۾ صبر جي طاقت گهٽي آهي،
مٺن سان گڏ ڪڙا گفتا، سٺي ڄاڻون، مڙي ڄاڻون.

نه ڏي تون هجر جا دڙڪا، آهيون واقف وڇوڙي جا،
رهون جي ڏانوَ سان ڏائي، ڪچي ڄاڻون، پڪي ڄاڻون.

ڪڏهن خفقان ۾ 'خالد'، ڪڏهن آرام ۾ آهيون،
ڪڏهن قاضي، ڪڏهن غازي، ڪُهي ڄاڻون، ڪُسي ڄاڻون.

12-1-1960ع

صوفي فقير



## رديف — "ڻ"

توکي سارينڌي ٿي گذري، رات ساري اي سڄڻ،
برهه ڏاران آهه هردم بيقراري، اي سڄڻ.

جاڳندي، ويٺي، ستي، صورت سندئي آ سامهين!
رات ڏينهان آه تنهنجي تات تاري اي سڄڻ.

دم گهڙي درسن ڏيڻ، سامهون اچڻ، پوئتي هٽڻ،
ڪيستائين رهندو هي، دستور جاري اي سڄڻ!

جنهن جي پويان تنهنجي آمد جو رهي تو آسرو،
عيش سا اڄ رات واري انتظاري اي سڄڻ!

هاڻ مونکي ناهه دنيا سان غرض ۽ دين سان،
منهنجي لئه "جَنّٰتُ عَدَنٍ" تنهنجي ياري اي سڄڻ!

مهرباني تنهنجي ڏاران، منهنجا مشفق ماهرو،
ڪين ڪڄندو برهه جوهي بار باري اي سڄڻ!

لطف اهڙو ڪر، جو تنهنجي لطف جي "لئه" تي وڇي،

ڪر نظر ’معمور‘ تي ڪا مهر واري اي سجڻ!

1960-12-1ع

حيدرآباد

❊

آهہ هر دم سونهن جي سردار سان منهنجي رهاڻ،
محب مشفق، هوت هينئڙي ٺار سان منهنجي رهاڻ.

حسن جي سرتاج ۽ سردار سان منهنجي رهاڻ،
دلربا دلدار، دل جي ٺار سان منهنجي رهاڻ.

حسن جي آهي ڪشش يا عشق جو آهي ڪمال،
هت گذاريان ٿو، مگر هن پار سان منهنجي رهاڻ.

راحتن ۽ لذتن سان لنئون نہ ڪا لِڪ سيئن اٿم،
درد سهندي نيٺ ٿيندي، دار سان منهنجي رهاڻ.

ناهہ سرمي جي ضرورت، ڪين گهرجي ٿو ڪجل،
منجهہ اکين ٿئي، شل پٽي پيزار سان منهنجي رهاڻ.

جنهن جي ڪارڻ سور سهندي، ٿو ملي سک ۽ سرور،



من تئي ’معمور‘، تنهن منٺار سان منهنجي رهاڻ.

1955-6-10ع

صوفي فقير

## رديف — "و"

هميشہ تو رهي اي دلربا، بي دم کي دم تنهنجو!
اهو ڪيئن غرق ٿئي، جنهن تي رهي هردم قدم تنهنجو!

زماني جي ٻئن سورن، سزائن، انقلابن کان،
ڊڄان تو ڪين، ماري تو، مگر هي هجر، غم تنهنجو.

ڪندس مان ڏاڍ جي بدران، وفاداري سدا توسان،
ازل جي ڏينهن کان اهڙو ڪنيو آهم قسم تنهنجو.

جهان ۾، آخرت ۾، قبر ۾ ۽ روز محشر ۾،
رڳو درڪار آهي دلربا، لطف ۽ ڪرم تنهنجو.

نہ آهي ڪا تمنا ٻي، فقط هڪ آرزو آهي،
سدائين شل هجي 'معمور' تي سايو صنم تنهنجو.

22-9-1955ع
ڳوٺ خانصاحب عطا محمد پلي
تعلقو عمرڪوٽ



❋

خوش نصيب آهيان، جو دل جو پورو ارمان ٿي ويو،
درد منهنجي لا دوا جو نيٺ درمان ٿي ويو.

يار جي آئي سبب، حاصل جو ٿيو مون کي عروج،
منهنجي لئہ پن جو تڏو، تختِ سليمان ٿي ويو.

شيخ صاحب! ڪفر جي فتويٰ ڪيين ڇا لاءِ تو؟
ميڪشيءَ کان مون کي حاصل نورِ عرفان ٿي ويو.

زهد ۾ زاهد گذاري عمر، ڪجهہ حاصل نہ ٿيو،
يار سان گڏ هڪ گهڙيءَ ۾، "پختہ ايمان" ٿي ويو.

ڪيتري مدت کان درشن جي تمنا ٿي رهي،
بارڪ الله، فضل ربّي، پورو ارمان ٿي ويو.

تنهنجي مئي غمّاز ٿي، ظاهر ڪيو سڀ دل جو حال،
راز جو سيني ۾ پِنهان هو، سو عريان ٿي ويو.

يار جي صحبت ڪري وئي، لوه تي پارس جو ڪم،
دل سيه ڪافر، منافق ٻيو مسلمان ٿي ويو.

ڇا ڪجي ان جي ضيا باري ۽ جلون جو بيان؟
"ذرو ذرو جنهن جي آمد کان درخشان ٿي ويو"

بد رقيبن ڪئين رٿون، حيلا هلايا، وس ڪيا،

مهر ان محبوب جي، ’معمور‘ ذي شان تي ويو.

19-2-1956ع

ڳوٺ ”حاجي سانوڻ راڄڙ“ تعلقو سامارو

(هن مشاعري جي صدارت مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ صاحب ڪئي. شريڪ شعراءَ هئا سرشار عقيلي، غلام محمد گرامي، اسدالله شاهه، راز، شبير هاتف، مخمور راڄڙ، مست، دَل، خادم سروري، محمد صالح نهڙي، لاوطن ۽ ٻيا)



❊

بيوس تي جنهن ڪان پنهنجو اجڙي چمن ويو،
سوئي وطن ۾ پنهنجي، تي بي وطن ويو.

ڪلفت جو واءُ وريو، الفت اُڏي وئي،
ماحول آگ بنجي، تي شعله زن ويو.

مجبور انجمن آ، ڏامر جي بوءِ ڪان،
محفل مان واس نڪري، مشڪِ ختن ويو.

زاغ و زغن ڪي ناهي، گل جي پروڙ ڪا،
گلشن مان ذڪرِ سنبل، سوسن، سمن ويو.

هر دم خزان جا حملا، سختيون سهي سهي،
بيمارِ دل جو آخر، اجڙي چمن ويو.

دل جي غمن ڪيو آ، ڪمزور اهڙو، جو،
ڏاڍو بہ بنجي مون لئہ، دارو رسن ويو.

’معمور‘ ڪهڙي ڪريان؟ شعر و سخن جي ڏوم،

دل مان جڏهن تہ نڪري، ذوقِ سخن ويو.

2-12-1956ع

صوفي فقير

❊

مون ساڻ اڄ منهنجو پرين هو،
نازڪ بدن هو نازنينن هو.

محفل ۾ تي وئي روشنائي،
مهمان اڄ ماهِ جبين هو.

ڇو نہ گم ٿيندي ڪڙائي،
هر لفظ ان جو انگبين هو.

آيو هلي منهنجي اڱڻ تي،
محبوب منهنجو سو مبين هو.

’معمور‘ جيڪي، مون ڏٺو هو،
سو دلربا ۾ دلنشين هو.

8-9-1959ع

حيدرآباد



❊

دلربا دلدار، تنهنجو شڪريو!
اي هيين جا هار، تنهنجو شڪريو!

تنهنجي آمد سان اڱڻ ٻهڪي اٿيو،
اي سڄڻ سردار، تنهنجو شڪريو!

تو پرين پيمان آخر پاريو،
مرحبا مٺار تنهنجو شڪريو!

ياد رهندي دائما تنهنجي وفا،
ساه جا سينگار، تنهنجو شڪريو.

قرب وارا ٻول تو ٻوليا اچي،
بلبلِ گفتار، تنهنجو شڪريو!

ديد ملندي، درد ويا سڀ دور ٿي،
اي اکين جا ٺار تنهنجو شڪريو!

غم ويا تنهنجي پسڻ سان اي پرين!
سڀ لٿا آزار، تنهنجو شڪريو!

هڪ نظر سان، تو نوازيا بي نوا!
يار هينئڙي هار تنهنجو شڪريو!

مرحبا! 'معمور' کي جو ايئن چيئي!
"طالبِ ديدار تنهنجو شڪريو"

8-9-1953ع
"سپڙ دل"، تعلقو عمرڪوٽ



*

ٻڌايان ڇا؟ ٻڌائڻ کان وڌو آهي بيان منهنجو،
وڃي شايد فلڪ لرزي، ٻڌي هي داستان منهنجو.

سدا جو باغ هو سائو، گلن جو واس پئي واسيو،
جلائي سو ڇڏيو سارو چمن، بادِ خزان منهنجو.

بهار آئي، بهاري ٿي، سڄي دنيا بهار آهي،
مگر آهي اڃان تائين خزان ۾ گلستان منهنجو.

ويا ويڙهي وڪوڙي واٽ ويندي سات کي دشمن،
پري رهجي ويو منزل کان آهي ڪاروان منهنجو.

هيم جيڪي تمنائون، رهيون سڀ دل جون دل اندر،
ٻڌايان راز ڪنهن کي؟ ناهي ڪوئي رازدان منهنجو.

ويس ويڄن هزارن وٽ، ڏڪا مون دربدر ڪاڏا،
نه حاصل ٿي شفا ۽ ڇوٽڪارو ڪو ڪٿان منهنجو.

محبت ملڪ ملت جي ڪيس 'معمور' مستانو،

اڪيلو راهہ ۾ آهيان، نہ آيو مهربان منهنجو.

25-10-1954ع

هالا نوان



❋

ٻڌايان حال تو دلدار سان دلڙي لڳائڻ جو،
نتيجو عشق الفت جو پرينءَ سان پيچ پائڻ جو.

ڪري پنهنجو پريتم پهريان، پوءِ تي جدا وئڙو،
وڃان ڪيڏاهن؟ چوان ڪنهن کي؟ نہ آ حيلو هلائڻ جو.

گهرايو در تي ديوانن کي درشن ڪاڻ، در پوري،
ڪنيل نيڪو اٿس شايد، جگر جيرا جلائڻ جو.

هزارين واعدا ڪيائين، مگر هڪڙو نہ پاريائين،
طريقو ڪو سکي ڪانئس اچي رستو رلائڻ جو.

پڇيو مون ڏينهن هڪڙي دل جهلي، دلدار جانيءَ کان،
سکين ڪنهن کان جفا جاني؟ طريقو هي نتائڻ جو.

”جفا ناهي“ چيائين ”آهہ پرکڻ جو طريقو هي“
”ارادو مون ڪيو آ، عاشقن کي آزمائڻ جو“.

چيم ”دلبر وٺئي تيئن ڪر، مگر مان پيو نباهيندس“
”قسم کايان تو اڄ اي بيوفا تنهنجي ستائڻ جو“

ارادو پختہ تر جنهن جو، اهو ’معمور‘ ئي آهي،
ڪيو جنهن عهد الفت آخري دم سين پڄائڻ جو.

1958-9-28

ڳموري



❊

مقابل محب سان شمس و قمر، اختر نہ ٿي سگهندو،
هي شاهِ حسن آ، هن سان ٻيو همسر نہ ٿي سگهندو.

ڏيان ڪيئن ڪاٺ سان تشبيهہ محبوبن ڪي، ماعر ٿي،
برابر يار جي قد سان، سرو بي سر نہ ٿي سگهندو.

حبيبن جي لبن ڪان جو وٺي لالي، ٿيو لالا،
”رخِ محبوب جي همسر، سو گل احمر نہ ٿي سگهندو“.

عجيبن جي اڱيان خوشبو، وڃائي بوءِ ٿي پنهنجي،
پگهر محبوب جي مٽ عطر ۽ عنبر نہ ٿي سگهندو.

ڪيو جنهن عشق ۾ حاصل، ڏکن سورن جو سرمايو،
اهو زردار بنجي ويو، ڪڏهن بي زر نہ ٿي سگهندو.

ازل جي ڏينهن کان آهي ڪيو جنهن قيد دلڙيءَ کي،
اهوئي دلربا آ، هاڻ ٻيو دلبر نہ ٿي سگهندو.

ڪندين ڇا عشق جي گمراهہ جي تون رهبري واعظ!

سڄڻ ڏاران ٻيو ’معمور‘ جو رهبر نه ٿي سگھندو.

29-9-1957ع

صوفي فقير



❊

تنهنجي در جا اڇي دربان ٿيا، سلطان هزارين مان نه رڳو.
تنهنجي محبت ۾ مستان ٿيا، انسان هزارين مان نه رڳو.

ڏسي جلوه گري، ٿي خلق چري، ڇا جن ملڪ، ڇا حور پري،
دلدار اُپٽ درسن جي دري، مستان هزارين مان نه رڳو.

تنهنجو حُسن پسي حيران ٿيا، تنهنجي خدمت جا خواهان ٿيا،
تنهنجي قدمن تان قربان ٿيا، پروانه هزارين مان نه رڳو.

سردار سچا آڏار اڃها، محبوبِ خدا، اي ماه لقا،
تنهنجي درشن لئه دلدار مٺا، ڪوشان هزارين مان نه رڳو.

دک درد جهان مان دور ٿيا، مغموم وري مسرور ٿيا،
مسرور ٿيا، ’معمور‘ ٿيا، شادان هزارين مان نه رڳو.

1986ع

جنوري-فيبروري

*

اگر آهيان اڪيلو تہ بہ روئان چو؟
نہ آ محبن سان ميلو، تہ بہ روئان چو.

وڪوڙي وير ڪيو واڳن حوالي،
پڇي ٿيو پور پيلو، تہ بہ روئان چو.

ستل سورن جي سحرا ۾ ڇڏي جي،
ويا ساٿي سويلو تہ بہ روئان چو.

غمِ دنيا، غمِ عشقِ بتان ڪان،
نہ واندو آه ويلو تہ بہ روئان چو.

چون ٿا دير ۾ آهي درستي،
اٿيس جيڪر اويلو تہ بہ روئان چو.

اچڻ سان ميڪده ۾ مون ڪي 'معمور'،
حبيبن ڪيو نہ "هيلو" تہ بہ روئان چو.



*

محبوب هو پنهنجو گڏجي رهڻ، ڪجهہ ياد اٿم ڪجهہ وسري ويو،
هو ناز ادا پرچڻ ۽ رسڻ، ڪجهہ ياد اٿم ڪجهہ وسري ويو.

هڪ طرف اٿيا پئي امنگ نوان، ٻئي پاسي هُٽڙا رنگ نوان،
ڪڏهن ويجهو وهڻ، ڪڏهن ڏوران ڏسڻ ڪجهہ ياد اٿم ڪجهہ وسري ويو.

الفت جو زمانو ريت سندئي، چا پيار پرک ۽ پريت سندئي،
ڪڏهن منهنڙو مٽڻ، ڪڏهن پاٽان سڏڻ، ڪجهہ ياد اٿم ڪجهہ وسري ويو.

مشڪل ۽ مصائب رنج والم، سورن جا سنيها درد ۽ غم،
جهوريءَ ۾ جهجڻ تڙپڻ ۽ لڇڻ، ڪجهہ ياد اٿم- ڪجهہ وسري ويو.

ميڙيون منٿون ٻڌي، منهن ڦيري چڏڻ، غصي ۾ اٿي ٻئي پاسي وهڻ،
'خالد' سان خفا ٿي رنج رکڻ، ڪجهہ ياد اٿم ڪجهہ وسري ويو.

❁

سڄڻ توکان سوا منهنجو وهڻ وهلور تي پوندو،
جيئڻ جنجال جهڙو ۽ مرڻ مجبور تي پوندو.

ڪندين جورو جفا گر هڪڙو پيرو ڪنهن تي اي دلبر،
اهو جورو جفا دنيا جو هڪ دستور تي پوندو.

هميشه جي پيارينديِ پيو مستن کي اي ساقي،
سخاوت ۾ سند ئي نالو متا مشهور تي پوندو.

ڏسي هلڪو هينئر مرحم پٽيءَ ڏاران ڇڏيندي، تان،
"جگر جو زخم آخر اي سڄڻ ناسور تي پوندو".

سندئي لطف و عطا سان، مهربانيءَ سان، سخاوت سا،
ويو گلشن اجڙ تي، سو وري 'معمور' تي پوندو.

29-3-1958ع تي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب جي حڪم موجب لندن جي مشاعري لاءِ لکيل (صوفي ۾ آمد 18-3-1958ع)



❁

جو غفلت ۾ غافل ۽ گيلو ٿيو،
نه محبوب سان تنهنجو ميلو ٿيو.

ويو ساٿ ان ڪان سڄڻ يار جو،
اٿڻ جنهنجو البت اويلو ٿيو.

ڪُنن ۾ ڪچو ڪيئن پلا ڪم اچي؟
پُسيو ۽ پڄي پور پيلو ٿيو.

نڪو هٿ وهڻ جو ڪيو حڪم هوت،
نه هٿ سان هلڻ جو ڪو هيلو ٿيو.

ٻئن جي وئي سڀ اجائي ڇمار،
ڪٽيو ان، جو دلبر جو چيلو ٿيو.

نه رک آسرو ڪنهن جو، 'معمور' اٿ،
اچڻ ۽ وڃڻ سڀ اڪيلو ٿيو.

12-9-1955ع
ڳوٺ خانصاحب عطا محمد پلي

❊

کن کي تہ رات ڏينهن، خيال آهي عيد جو،
کن کي وبالِ جان وصال آهي عيد جو.

هر سوءِ هُل ۽ هوءَ، رهاڻيون ۽ راڳ روپ،
ڪثرت سان قيل قال، ڪمال آهي عيد جو.

هر شخص شاد باد، ۽ آزاد غم کان آهي،
بازر ۾ جهنگ جهر ۾، هي حال آهي عيد جو.

پرديسي ديسي ڪيئي ڪروڙين اچيو ملن،
پرچن رٺا هزار، هي پال آهي عيد جو.

’خالد‘ نہ عيد آهي، سڄڻ يار کان سواءِ،
جلوو جمالِ يار، جمال آهي عيد جو.

1-1-1959ع
صوفي فقير



❊

نظر سندئي جو اي سڄڻ! ڪو اهڙو وار تي ويو!!
”شڪار لاءِ نڪتو هو، سو خود شڪار تي ويو!“

يقين ڪيئن ڪيان مان تنهنجي وعدي تي؟ جوڻو ڏسان،
بهار جن کي هئي، انهن جو حال زار تي ويو!!

فراق جو هو ذڪر جنهن کي رات، ڏينهن، سو چڻ،
رلائي راهہ ويندا ڪيئي، رهہ گذار تي ويو!

”اسين هميشہ گڏ گذاريندا سون!“ جنهن جو وعدو هو،
زبان پنهنجي تان ڦري، سو خود فرار تي ويو!

زمانو سارو ’خالد‘ آهہ، محو ذڪر اسان جي ۾،
اسان جو عشق اهڙو عالم آشڪار تي ويو!!

22-2-1959ع
بزم طالب المولىٰ شاخ حبيب آباد

❊

زماني جي گردش ڏنو اهڙو ڦيرو!
خوشي ويئي گم ٿي، غمن لاتو گهيرو!!

يقين هو ڏنو، پنهنجي ياريءَ جو جنهن،
اهو بيوفا ٿي پڇي وينو پيرو!

نہ جالي سگهيو ٿي، پري هڪڙو پل جو،
لڄي ٿي، وهي ٿو پرين سو پرهيرو!

تعاون سکن جو ويو ٿي تمام!
دمايو دکن دل مٿي پنهنجو ديرو!!

وڃائي خزان ساري زينت چمن جي!!
بهاريءَ جو ’خالد‘ نہ پسجي ٿو پيرو!

1958-11-17ع
ڳوٺ هوندو پلي



❊

مون سان اي محبوب توکي! ائين ڪرڻ، واجب نہ هو.
دل ڪسي، قابو ڪري، پوءِ منهن مٽڻ، واجب نہ هو.

منهنجيون ميٺڙيون، منهنجيون منٿون، منهنجيون آزيون منهنجا عرض،
بي سبب ائين توکي ٺڪرائي ڇڏڻ، واجب نہ هو.

عمر ڀر ڳڏجي رهڻ جو، تو ڪيو انجام هو،
پنهنجي ان وعده وفا تان ائين ڦرڻ واجب نہ هو.

نوڪرن جيئن هٿ ٻڌيو، جنهن حڪم تنهنجو ٿي مڃيو،
تنهن کي پنهنجي در مٿان لوڏي ڪڍڻ واجب نہ هو.

”پنهنجي ’خالد‘ جون خطائون بخش ڪر! اي بي وفا!!“
تنهنجي آڏو هٿ ٻڌي، ڇا ائين چوڻ؟ واجب نہ هو.

1958-10-23ع
ڳوٺ ڳموري

❊

جڳ چوي ٿو، تنهنجو توکان دور اڄ دلبر ٿيو!
مان نه چوندس دور ان کي جيڪو دل اندر ٿيو.

بندگيءَ جي حال بابت، شيخ کي بس هيئن چيم،
”هاڻ بس منهنجي جبين ۽ هن جوسنگ در ٿيو“

مون کي لوڏي پوءِ ڪيائين غير سان خلوت وڃي،
منهنجي دل ۾ هاءِ اڄ محشر مٿان محشر ٿيو.

هڪڙي ٻانهين چت ۾ آهي، ٻي ڪري پروردگار،
”غم دل-مضطر نه ڪر! جيڪي ٿيو، بهتر ٿيو“

شڪر! آخر آرزو پوري ٿي ’خالد‘ خير سان،
منهنجي بربادي ٿي ۽ آباد هن جو گهر ٿيو.

1958-11-9ع
ڳوٺ هوندو پلي



❊

تيرگي يا روشنيءَ کي، وقت ئي ظاهر ڪندو،
ڪنهن جي غم کي يا خوشيءَ کي، وقت ئي ظاهر ڪندو.

ڇو ڪجي دعويٰ وڏي ۽ ڇو ويهي هڻجن ٻٽاڪ؟!
دشمني يا دوستيءَ کي، وقت ئي ظاهر ڪندو.

تون ڏسي رهندين سگهو! تان تنهنجي آڏو اي سڄڻ!
منهنجي حالِ بيڪسيءَ کي، وقت ئي ظاهر ڪندو.

ڇو ڪيون انڪار ۽ اقرار تي تڪرار اڄ؟
پنهنجي اثبات و نفي کي، وقت ئي ظاهر ڪندو.

-

بزم طالب المؤليٰ-شاخ پٽورو

## رديف — "ھ"

پروسو جنھن جو هميشہ، پيشوا ڪامل ۾ آھ،
پل مٿس مشڪل اچن، پر ڪين سو مشڪل ۾ آھ.

درد وارن سان گذاري، درد کو دل ۾ اٿار،
زندگيءَ جو لطف سارو، درد واري دل ۾ آھ.

ڪوڏ ۽ موتيءَ جي وچ ۾ فرق آهي، سو پروڙ،
لطف لھرين ۾ لڙهي وٺ، ڇا رکيو ساحل ۾ آھ.

حال منهنجي زندگيءَ جو، ٿو پڇين، تان ٻڌ عزيز!
آ بيابان ۾ قدم، ليڪن نظر منزل ۾ آھ.

جڳ جي شاهي ۾ اها راحت ڪٿي ۽ رس ڪٿي؟
جو مزو 'معمور' پنهنجي محب سان محفل ۾ آھ.

1956-11-11ع
هالا نوان



❊

ٿي وئي هيءَ منهنجي عادت عام آھ،
رات ڏينهان لب تي اهنجو نام آھ.

موڪلائي ننڊ نيڻن کان وئي،
شڪر جو اهڙو مليو آرام آھ.

خوش نصيب آهيان، جو الفت ۾ ٿيو،
مون کي حاصل درد ۽ آلام آھ.

من ٿئي ميلاپ توسان ماهرو،
موت تائين مون ٻڌو احرام آھ.

تنهنجي ميخاني منجهان 'معمور' کي،
"ساقيا درڪار هڪڙو جام آھ"

1958-4-19ع
صوفي فقير

## رديف — "ء"

دل تي غم جا بار باري، هاءِ هاءِ!
جر اکين مان آه جاري، هاءِ هاءِ!

منهن مٿي ويو ماهرو، مارو ڪري،
مون بلاشڪ راند هاري، هاءِ هاءِ!

من اچي موٽي ڪڏهن، ڪنهن ريت سان،
"آسرو ۽ انتظاري، هاءِ هاءِ!"

قافلو ويو ڏور نڪري، ڪيئن ڪجي؟
راهه مشڪل، رات ڪاري، هاءِ هاءِ!

ڪهڙي منهن سان، منهن ڪٽي، مرڪي هلان،
يار سان مون پت نه پاري، هاءِ هاءِ!

هاج موچاري نه تي 'معمور' ڪا،
وئي اجائي عمر ساري، هاءِ هاءِ!



19-4-1958ع
ڳموري

## ردیف — ”ي“

سڄڻ سينگار سان آيا، سندن سينگار تان صدقي!
نظر جي ناوڪن تا ۽ پرون خمدار تان صدقي!

سڄڻ جي حسن تي تارا، ڪتيون ۽ شمس شيدائي،
قمر ڪوڙين دفعا آهي، سندم دلدار تان صدقي.

قدم نازڪ ڪٽي جنهن دم، هلي ٿو لوڏ سان لالڻ،
ٿين گهورون گهٽا گس ۾، سڄڻ سردار تان صدقي.

سڻي جيڪر، مٺي محبوب مشفق جا مٺا گفتا،
ٿيي بلبل بہ ان دم، يار جي گفتار تان صدقي.

اڙي او بي خبر! عشق ۽ محبت جي حقيقت کان،
پڇين اقرار بابت ڇا؟ اسين انڪار تان صدقي.

محبت ساڻ جنهن مشفق ڪيو ’معمور‘ من منهنجو،
انهيءَ جي ناز نخري، جوت ۽ جنسار تان صدقي.

19-4-1955ع
صوفي فقير



❋

ياد سڄڻن جي ۾ دائم دل هجي!
شورِ دنيا کان پلي غافل هجي.

تير پنبڻين جا سدا سهندو رهان،
تيغِ ابرو پل سندم قاتل هجي.

دائما دل جي تمنا آ، اها،
”مان هجان ۽ يار جي محفل هجي“

بره ڏارن بيقراري ٿي رهي،
بره جي بارش پَلين نازل هجي.

ڪاش! جيڪر هجر جي ماريل سندي،
دلربا جي در اڳيان منزل هجي.

قرب وارن لئہ ڪشالو ڪجهہ بہ ناهہ،
صادقن کان دور ڇو ساحل هجي؟

**دل اُها، 'معمور' آهي سودمند،**
**يار وٽ جا نذر جي قابل هجي.**

15-9-1955ع
ڳوٺ خانصاحب عطا محمد پلي



❋

**معرفت جي مئي جا ساقي، ڀر ڪي پيمانا ٻه ٽي،**
**"ڳڏ ٿيا آهن اچي، مينوش مستانا ٻه ٽي.**

**ڪيتري مدت کان آهيان، تنهنجي محفل ۾ اچيو،**
**پنهنجي پياسيءَ کي عطا ڪر، جام رندانا ٻه ٽي.**

**ساري دنيا ميڪدو جيڪر هجي، مان پي وڃان!**
**ساقيا ڪافي نه آهن، تنهنجا ميخانا ٻه ٽي.**

**يار جي زلفن ۾ آهي، قيد ڪنهن عاشق جي دل،**
**جو سنواريندي پڄي پيا، اج آهن شانا ٻه ٽي.**

**شمع سوزان صبح دم هڪ آه سان گل ٿي وئي،**
**همسفر محفل ۾ هئا، باقي ڪي پروانا ٻه ٽي.**

**گل ٽڙيا پئي، بلبلين نغما چيا پئي هر طرف،**
**ڪين پسجن تنهن گلستان ۾ ٿا ڪاشانا ٻه ٽي.**

**سنڌ جي ادبي فضا، مدت کان محوِ خواب هئي،**
**پر خوشا قسمت ملي ويا، اج ڪي فرزانا ٻه ٽي.**

شعر جا گلدستڙا ’معمور‘ اڄ ٺاھيا عجيب،
موتئي، نرگس، چنبيلي ساڻ ريحانا ٻہ ٽي.

3-6-1957ع
صوفي فقير

❊

مونکي ستايو جن آ جورو جفا ڪري،
خوش ھونُ شل سدائين، دل تي دعا ڪري!

منزل آ حسن و عشق جي ساڳي ۽ گس جدا،
ھو ابتدا ڪري ٿو، ھي انتها ڪري.

تن کي او منھنجا سائين! ڏوھي سڏين ٿو ڪيئن؟
تنھنجي عطا ڏسي جي ويٺا خطا ڪري.

ھن جي پسند آھي، ھن کي نہ روڪيو!
ايئن جي ھو خوش رھي ٿو، ڀل پيو گلا ڪري.

تابع ٿي، سر جھڪائي، ڇا لاءِ سوچجي!
ڇا ناخدا ٿو چاھي؟ ڇا ٿو خدا ڪري!



منزل ڏي وک وڌائي، ’معمور‘ ٻي نہ سوچ!
چاھي وفا ڪري ڪو، چاھي جفا ڪري.

❊

رهي مغموم ٿي ڇا ڪان، دلِ نادان خدا ڄاڻي؟
ڪڏهن ٻيهار موٽي ٿيندي، سا شادان خدا ڄاڻي!

قرار آهس نہ ڪنهن ويلي، سدا بي چين ٿي گهاري،
الا ڪنهن جو لڳو تس خنجرِ مژگان، خدا ڄاڻي!

بهار آئي، لهي ويٺا غمن جا بار، دنيا تان،
مگر منهنجا نہ پورا ٿين ٿا ارمان، خدا ڄاڻي.

نہ سمجهي ٿو سگهان ڪي مان، نہ هو سرچي نہ سمجهائي،
سبب ڪهڙي سڄڻ آهي؟ خفا مون ڪان، خدا ڄاڻي!

وساري جنهن ڇڏيو ورهن ڪان آهي، منهن متي بلڪل،
انهي لئہ آهہ ڇو هردم هنيون حيران؟ خدا ڄاڻي.

ٿيو ’معمور‘ محبن ريءَ مريضِ لادوا آهيان!
ڪڏهن دلدار ٿيندو درد جو درمان، خدا ڄاڻي!؟

1957-6-8ع
پٽورو



❊

دنيا ۾ عشق ريءَ ٻيو واپار ڇو ڪجي؟
ري ذڪر يار جي ٻيو اذڪار ڇو ڪجي؟

دنيا سان دل اڙائي، دلبر ڪان دور ٿي،
پاڻهي ئي پاڻ پنهنجو لاچار ڇو ڪجي؟

تن، من ۽ جان آهن، جانب جي لئہ جڏهن،
تڏهن سڄڻ ڪان سر جو انڪار ڇو ڪجي؟

غيرن جي آڏو ويهي، دلدار يار جي،
فرقت ۽ درد، غم جو اظهار ڇو ڪجي؟

’معمور‘ نيت آخر هلڻو اتي ئي آهہ!
منزل ڪان دور ويهي ويچار ڇو ڪجي؟

1957-5-10ع
اوطاق پير موسيٰ جان سرهندي

❊

اگڻ منهنجي اچين اي ماهرو تون مهربان بنجي!
وڃي تاريڪ بستي دل جي هڪدم ضوفشان بنجي.

چوان ڇا فيض ۽ برڪت؟ سندئي دستِ حنائي جو،
پوي ٿو زهر قاتل پي، شراب ارغوان بنجي.

شهيد تيغ مونسان همسري ڪهڙي ڪندا؟ جو مان،
سندئي چشمِ غزالان جو ويس تيرِ نشان بنجي.

ڪندي مان داستانِ درد جون داهون، سندئي در تي،
جهان جي داستان خاطر، ويس هڪ داستان بنجي.

تمنا ٿي وڃي پوري، نہ حاجت ڪا رهي باقي!
پيالو پرت جو محبوب، ڏي ڪو مهربان بنجي.

نہ ڪر سايو پري هڪ پل، پرين پرواني پنهنجي تان،
سوا تنهنجي سڄڻ سائين، پوان ٿو نيم جان بنجي.



صدائون سڻ، سڄڻ ڪر مهر، ڪا 'معمور' مذنب تي،
پڪاري پيو سندئي در جو، غريب و ناتوان بنجي.

11-9-1956ع

پٿورو

❊

ڪيا عشق آگم، وري ڙي، وري ڙي!
وري لڙڪ آيا، تري ڙي، تري ڙي!

ٿيا سور سونهان، ڪيا درد دونهان،
پيا دل تي ٻارڻ، ٻري ڙي، ٻري ڙي!

نهاريندي واٽون ۽ تارا تڪيندي،
ويا ڪيئي ٽاٽا، ٽري ڙي، ٽري ڙي!

ميارون ۽ مهڻا، وڇوڙيون ۽ ويچا،
بنا موت وڃبو، مري ڙي، مري ڙي!

اچارڻ اڪر عشق جو آه سوڪو،

مگر ڳالهہ آهي، ڳري ڙي، ڳري ڙي!

ويو وقت 'معمور'، سورن ۾ گذري،
نہ ساعت سکن جي سري ڙي، سري ڙي!



❋

هينئر محفل کي مستيءَ جي نہ آ درڪار اي ساقي،
ڪپي ٿي سرڪ سا، جنهن کان هلون هوشيار اي ساقي!

صراحي، جام ۽ مئي جا پيچي مٽ، ماٺيون مڙئي!
اٿي الله اڪبر چئي! ڪٽي تلوار اي ساقي!

چئي تڪبير جو نعرو، حجازي مئي جي مستيءَ سان،
اچي ڪر اهلِ محفل کي، وري بيدار اي ساقي.

ڇڏي غيرن جي رسم و راه کي، اونڌاه ڪارين کي،
اها ڪا ريت هل، جنهن سان وجن آزار اي ساقي.

ڏندو، ڪوندو، جَمن، صافي ۽ ننيڙي پنگ جي ڳنيڙي،
هتان هي پنهنجي رندن جو ڪٽي وڃ بار اي ساقي.

ڇڏائي هٿ منجهان تلوار، وسڪيءَ جو پيالو ڏئي،
نہ ڪر 'معمور' کي مجبور ۽ لاچار اي ساقي!
20-2-1958ع

صوفي فقير

❊

خدا آهي، ڪ ناهي؟ زندگيءَ جو امتحان آهي،
مگر انجي پرک جي لاءِ، هي سارو جهان آهي.

خدا آهي، انهيءَ جو هي بشر واضح نشان آهي،
خدائيءَ جي گواهي، هيءَ زمين ۽ آسمان آهي.

اهو اول، اهو آخر، اهو باطن، اهو ظاهر،
سندس موجودگي سنسار ۾ هر هنڌ عيان آهي.

خدا ڪي جن سڃاتو، سي خدا وارا ويا بڻجي،
چون ٿا سي، خدا بي مثل آهي، لامڪان آهي.

خدا جي حڪم تي جيڪي هليا، تن ماڻيا ماڻڪ،
خدا جو سنهن، خدا وارن تي مولا مهربان آهي.

خدا جي هن خدائيءَ ۾ رهن 'معمور' ٿا سيئي،
محمد مير مدني، جن جو ميرِ ڪاروان آهي.

❋

حاصل ڪرڻ گهران ٿو مان اهڙي حساب کي،
ڏسندو رهان سدائين رخِ ماهتاب کي.

شڪوه شڪايتون ۽ ميارون مري ويون،
پورو ڪيو مون جڏهن وفا جي نصاب کي.

پرواهه نہ مون کي آهي، زماني جي ڏاڍ جي،
آيس ڇڏي مان پوئتي سک ۽ عذاب کي.

خطرو گرهه لڳڻ جو رهي جنهن کي ٿو سدا،
سو چنڊ ڪيئن ٿو پهچي، سڄڻ جي شباب کي.

دنيا سڄي جهڪي ٿي سڄڻ يار جي اڳيان،
چئلينج ڪيئن ڪري ڪو سندم انتخاب کي.

’معمور‘ هٿ ٻڌي ۽ جهڪي، احترام سان،
منهنجا سلام چئج تون عاليجناب کي.

*

رهيو ناهي چمن ۾ اڄ، اڳوڻو رنگ و بو باقي،
رهي بيمار بلبل جي، نہ طاقت گفتگو باقي.

وياسون ختم ٿي، جي ظاهري ظالم هٽان، ڇا ٿيو؟
ڪهاڻي پنهنجي رهندي هت هميشہ هوبهو باقي.

پياريئي جيترو جاني، وڌي اڄ اوترو ويئي،
”اٿي ڪڻ جام اي ساقي، اڃان ٿم آرزو باقي“.

ندين جو ۽ ڍنڍين جو فرق ظاهر آهي، سمجهي ڏس!
اهي ئي ڪامياب آهن، رکي جن جستجو باقي.

نہ آ درڪار دنيا جي، نہ اونو آخرت جو ڪو،
تصور ۾ رهيو ’معمور‘ ڪي آ ماهرو باقي.

10-9-1955ع
صوفي فقير



*

جفا ڪان نہ جا دل خفا ٿي سگهي ٿي،
انهيءَ ڪان هميشہ وفا ٿي سگهي ٿي.

رقيبن سان گهارڻ مريضن ڪي مارڻ،
جفا جي بہ ڪا انتها ٿي سگهي ٿي.

سگِ در ڪي در تان ڌڪاري ڇڏڻ،
جفا اهڙي جاني روا ٿي سگهي ٿي؟

مريضِ جدائيءَ تي اي ماهرو!
پلائي ڪا راهِ خدا ٿي سگهي ٿي!

پرين رخ تان پردو هٽائڻ سان تنهنجي،
يقين آ، قيامت بپا ٿي سگهي ٿي.

پياسن ڪي جيڪر سڪائيندين ساقي،
جهان ۾ وري ڪربلا ٿي سگهي ٿي.

نہ ڪر غير سان ذڪر محبوب جو،
اها گفتگو ٻي گلا ٿي سگهي ٿي.

غمِ هجرِ 'معمور' جي مه لقا،
نه درسن سوا ڪا دوا ٿي سگهي ٿي.

24-4-1956ع
صوفي فقير



❊

جهان حسن ۾ ٿيو، حسنِ جانان لاجواب آهي.
سجڻ جي سونهه جي سارهه، ثنا پڻ بي حساب آهي.

فقط بادل جي پردي روشني خورشيد جي گم ڪئي،
تجلّي روئيِ جانان ڪان جلي ويو ڏس نقاب آهي.

پرينءَ سان چنڊ پيٽڻ ڪان اڳي اي آسمان، هو ڏس!
ڏسي محبوب جي رخ کي لڪي ويو ماهتاب آهي.

ادا ڙي، عطر جي خوشبو، همه ٿو هيچ پانيان مان،
پگهر محبوب جي سان مٽ نه مشڪ آهي، گلاب آهي.

رهن انڪار ۾ اقرار جون رمزون سدا مخفي،
نه ٿي مغموم اي عاشق، مليو جيڪر جواب آهي.

سنواري زلف، سامهون ٿي مٿا ٿو منتشر ڪريين،
ڪڏهن بي پردگي آهي، ڪڏهن پردهِ حجاب آهي.

مٿا 'معمور' کي مارڻ، جيارڻ، پوءِ وري مارڻ،

نتو سمجهان سڄڻ سائين، اهو ڪهڙو حساب آهي؟

1955-10-10ع
صوفي فقير



❋

حقيقت نہ تنهنجي بيانن ۾ آهي،
بناوت نہ منهنجي فسانن ۾ آهي.

مئل دل ڪي جا ڇٽنگ، موتي جياري،
اها درد جي داستانن ۾ آهي.

سراهي سگِ در پرينءَ جي ڪي جيڪا،
بهاري نہ سا باغبانن ۾ آهي.

املهہ عشق جهڙو ڪو جوهر جهان ۾،
نہ دنيا سڄيءَ جي خزانن ۾ آهي.

اهو ڪيئن بچائي سگهي، دل، جگر،
نگاهن سندي جو نشانن ۾ آهي.

نہ ’معمور‘ سا موج ميلاپ ۾ آ،
مزو جو سڄڻ جي بهانن ۾ آهي.

1955-10-7ع
حيدرآباد

❊

خوبروين کي ڏسي خندان نه ٿي،
خوار ٿيندين، خير گهر، خواهان نه ٿي.

هو اٿئي ظالم، ستمگر، شوخرو،
”هن جي رنگِ ناز تي حيران نه ٿي“.

سنگدل کان ڪين حاصل ٿئي ذرو،
سوچ سان هل، سمجهه ڪر، نادان نه ٿي.

جنهن کي صورت آهه، سيرت ناهه ڪا،
خوبرو اهڙي سندو خواهان نه ٿي.

’زيب‘ جي هي زندگي، دم چار آهي،
موج ۾ ’معمور‘ تون مستان نه ٿي.

1953-2-10ع
صوفي فقير



❊

هلو! ميخانءِ دلبر، جو اڱ هو، سوئي اج آهي،
اهو ساقي، اهو ساغر، جو اڱ هو، سوئي اج آهي.

اجين کي مئي پيارڻ لئه، ميون دليون جيارڻ لئه،
سڄڻ سائين، سخي سرور، جو اڱ هو، سوئي اج آهي.

شفا، احسان ۽ لطف و عطا ۾ ۽ سخاوت ۾،
دکين لئه دلربا جو در، جو اڱ هو، سوئي اج آهي.

نظر جون ناوڪون، ۽ تيغ ابرو، زلف جا بادل،
سڄڻ سان حسن جو لشڪر، جو اڱ هو، سوئي اج آهي.

زمين بدلي، زمان بدليو، هزارين انقلاب آيا،
”اسان جي عشق جو دفتر، جو اڱ هو، سوئي اج آهي.“

وڃن پيا مست منزل ڏي، اٿي ’معمور‘ هل ان سان،
اڃان ميخاني جو منظر، جواڱ هو، سوئي اج آهي.

1957-10-26ع
پٺورو

❉

امیرن کاڻ راحت ۽ مسرت جي فضا آهي،
غریبن کاڻ دم هر کوئي چڻ وقت قضا آهي.

زماني سان وفاداري هميشہ کن پيا جيکي،
نہ تو سمجهان، انهن کان هيئن زمانو چو خفا آهي.

اجهو، اولو، اتو، کونهي، اگهاڙا لگ، لنگهڻ گهارڻ،
غريبن جي جهان ۾ رات و ڏينهان کربلا آهي،

غريبن جو گلو آهن، وڏڻ وارا هي ليدر سڀ،
”غريبن جو اچوکي وقت ۾ حافظ خدا آهي“.

ڏٺو سون هر طرف ڏوري، کري واکا رڙيون روئي،
نہ دنيادار جي دنيا ۾ دردن جي دوا آهي.

ڏکن سورن ۽ سختين جو کجي کهڙو قصو ويهي،
هيون ’معمور‘ جت موجون، اتي محشر بپا آهي.

6-9-1959ع



## صوفي فقير

❊

بي رخي دلبر جي عادت ٿي وئي،
التجا منهنجي عبادت ٿي وئي.

سهندي سهندي سور ۽ صدما، ستم،
نيٺ منهنجي پوري حاجت ٿي وئي.

منهنجي حالت کي ڏسي ڪيائون ڪرم،
بيڪسي منهنجي حمايت ٿي وئي.

مهر سان منهنڙو پسايائون وري،
واهه جا سهڻي سخاوت ٿي وئي.

آ وجي بازار بنگلي سان لڳي،
”حرف مان هيڏي حڪايت ٿي وئي“.

ڪيئن پلا ’خالد‘ جهان ڏي دل ڪجي،
دل تہ دلبر جي امانت ٿي وئي.

9-1-1960ع
حيدرآباد



❊

خال، خد جي چڏ پچر ۽ قصءِ گل خار کي،
جنهن سان غافل جي ڪلي اک، لک انهيءَ اشعار کي.

ساٿ جو سرواڻ بنجي همت و تدبير سان،
مات ڪر تون ملڪ جي ۽ قوم جي غدار کي.

حال ۾ اقدام تنهنجا، تنهنجي لئہ آهن مضر،
چا نتو سمجهين سگهين تون وقت جي رفتار کي.

تنهنجون مرده محفلون ۽ بي عمل تنهنجا بيان،
حال هي تنهنجو ڏسي، آيو روئڻ اغيار کي.

پير، ملان ۽ وڏيري جي پُلائي پوت کي،
ساٿ ڏي ’معمور‘ تون ڪنهن ملڪ جي معمار کي.

11-11-1957ع
عمرڪوٽ

❊

هت هنن وٽ موج کي، ساحل بڻايو پيو وڃي،
پر هتي آسان کي مشڪل بڻايو پيو وڃي.

ڏس وڏيرن جي ۽ رئيسن صاحبن جي دؤر ۾،
بي گناهه عوام کي جاهل بڻايو پيو وڃي.

شير کي ٻڪري بڻايو جيئن فرنگين جي فريب،
تيئن دليرن کي اڃان بيدل بڻايو پيو وڃي.

پاڻ تي پاڙڻ، دليري ۽ توڪل جي بجا،
فردِ ملت کي فقط سائل بڻايو پيو وڃي.

جام، ساقي ۽ صراحيءَ جي صداءِ سحر سان،
بزم ساريءَ کي رڳو بزدل بڻايو پيو وڃي.

سر مٿي 'معمور' آهي، جن ثقافت جو سوار،
ديس کي بس راڳ جي محفل بڻايو پيو وڃي.

4-10-1955ع



جهوڪ سنڌ.

❋

انجمن ۾ عشق الفت جو قصو اڪثر ملي،
پر غريبن جي نہ دردن جو ڪو دفتر ملي.

موٽرن تي تا گهمن "بلئاڪ" زردارن جا ڏس،
۽ غريبن کي چڙهڻ لئہ ڪين ڪارو خر ملي.

ملڪ جو خانو خراب آهي ڪيو فيشن گهڻو،
ڏس گهمي هر جاءِ تو، ماڻهوءَ منجهان مسٽر ملي.

اجرڪون پهراڻ پٽڪا، عيب ڀانيون تا اسين،
ڪوٽ سان گڏ سوٽ نيلامي، مگر مفلر ملي.

دل ۾ هڪڙي، وات ۾ ٻي هي سياست جا اصول،
اهڙي حالت ۾ ڀلا ڪيئن تو چڱو ليڊر ملي.

ٿي وڃي منٽن ۾ ٻيڙو پار ساري قوم جو،
جي مجاهد مهربان 'معمور' ڪو رهبر ملي.

1-8-1955ع



## صوفي فقير

❊

نہ محفل ۾ گلن خارن ۽ بلبل جو بيان گھرجي،
شجاعت جو دليري جو اسان کي داستان گھرجي.

سدا جنهن کي سرافرازي، مٿاهون سو مڪان گھرجي،
رهي روشن سدا ۽ جلوگر جو، سو جهان گھرجي.

چمن ويران اجڙ آهي، خزان جو دور آ طاري،
بهاري جلد آڻي باغ ۾ سو باغبان گھرجي.

نہ گھرجي ٿو وڏيرو، پير، ملان، رئيس، راجوئي،
مجاهد في سبيل الله هجي، سو نوجوان گھرجي.

هڻي تڪبير جو نعرو، اٿي الله اڪبر چئي،
دليون دشمن جون دهلائي، ٿو اهڙو پهلوان گھرجي.

نہ گھرجي نام جو ليڊر، نہ پاٽوڙو نہ پوڄاري،
رسائي سات منزل تي، سو مير ڪاروان گھرجي.

جڳائي ڪين ٿو 'معمور' گھارڻ ملڪ پستيءَ ۾،



ستارن کان گھڻو اڳتي، اسان کي آشيان گھرجي.

10-2-1956ع
صوفي فقير

❊

وار چوڙي يار منهنجو مون تي وار ٿو ڪري،
زهردار تير منهنجي دل مان پار ٿو ڪري.

هيڏانهن هوڏانهن ٿو نهاري نازنين هو ناز سان،
هڪ نظر جي تير ساڻ ڪئين شڪار ٿو ڪري.

ٿو رسي ۽ پرچي جلد، جلد پرچي ۽ رسي،
هو هميشہ عاشقن سان اهڙا آر ٿو ڪري.

زندگيءَ جا چند لمحا گڏ گذاري، پوءِ وري،
داغ هجر کان هو سڀ کي داغدار ٿو ڪري.

هن جي ريت، رسم رنگ ڍنگ تي ۽ ڳالهہ تي،
'خالد' آهي جو اڃان بہ اعتبار ٿو ڪري.

30-12-1959ع

ڳوٺ ڳموري



❇

رخ يار ڦيريو بس، ظلمات ٿي ويئي!
رنج و الم جي نازل برسات ٿي ويئي!!

دل جي تمنا ظاهر ڪيئن ٿئي؟ جو منهن جي هن وٽ.
ناقابلِ شنيدن هر بات ٿي ويئي!

وعدي تي وسهي وينس، آيو نہ وعدي وارو،
تارا ڳڻي ڳڻي بس پرڀات ٿي ويئي!

هڪ ذرو حسنِ جانان، هڪ پيرو جنهن ڏٺو،
هردم ڏسڻ جي ان کي بس تات ٿي ويئي.

دلدار جي روش کان دل جي تمنا ’خالد‘،
دل ۾ رهي رهي اف! بس مات ٿي ويئي!

3-11-1959ع

-

❊

روئاڙي يا ڪلاڪي، آ مني مننار جي مرضي!
ضرورت منهنجي ڪان پهرين، ضروري يار جي مرضي.

يقين سان ٿو چوان مون پنهنجون ڇڏيون سڀ تمنائون!
همہ حالت ۾ هاڻي هوت هينئڙي ٺار جي مرضي.

بهارِ زندگي، ايندي بدلجي ويئي سورن سان،
يدِقدرت چوان يا دلربا دلدار جي مرضي!!

ڳڏي منجهہ گوندرن جي يا ڪري آزار ڪان آجو!
مني محبوب مشفق محب مٺيادار جي مرضي.

نہ چئو 'خالد'، سڄڻ ڪي، وصل بابت! واٽ وٺ پنهنجي!
اجان تائين، عجيبن ڪي اٿئي انڪار جي مرضي.

1959-11-20ع
ڳوٺ هوندو پلي



❊

مون ڪان ڏاران، ٻي سان تنهنجي دوست داري، ڇو هجي؟
منهنجي تنهنجي وچ ۾ اهڙي يار گهاري، ڇو هجي؟

منهنجي دل ۽ جان جت ۽ منهنجو راز ۽ روح جت،
"اُت رقيبِ روسيہ جي راجداري ڇو هجي؟"

تون تہ منهنجو آهين، منهنجو رهندين هر دم اي سڄڻ،
مون ڪان ڏاران ٻي ڪهين ڪي تنهنجي تاري ڇو هجي؟

ڪي پيئن پيا بار بار ۽ ڪي سڪن پيا سڀ ڇمار!
ميڪده ۾ تنهنجي ههڙي ڪاري واري ڇو هجي؟

تنهنجو جلوو جابجا آ، تنهنجي هوندي ماهرو!
منهنجي دنيا ۾ سڄڻ هي رات ڪاري ڇو هجي؟

"منهنجو خالد آهہ" ائين هو انجمن ۾ تو چيو!
جيڪو تنهنجو آهہ تنهن ڪي انتظاري ڇو هجي؟

1958-11-16ع
بزم طالب المؤليٰ-حبيب آباد.

❊

پروسو جنهن جو هميشہ يار ڪامل ۾ رهي،
آخرت ۾ ۽ نہ دنيا ۾، سو مشڪل ۾ رهي.

تشنہ لب مدت کان آهيان، پرت مان پنهنجي پرين،
ڏي پيالو پر ڪري، تان موج محفل ۾ رهي.

جي بيان تنهنجو ٻڌڻ لئہ، وقت ناهي يار وٽ،
دل سندو ارمان پلي پوءِ دائما دل ۾ رهي.

تي نشانو خنجرِ ابرو جو رهہ دلدار وٽ،
”خون جو پل داغ هي، دامانِ قاتل ۾ رهي“.

آب اونهي ۾ لين موتي، ڪناري ڪوڏڙا،
جنهن مزو موجن جو ماڻيو، سو نہ ساحل ۾ رهي.

تي مجاهد مرد تون، ’معمور‘ هل مقصود ڏي،
قرب وارو ڪين ڪو پيي راهِ منزل ۾ رهي.

10-9-1955ع
صوفي فقير